# ڪيرٽر تان اڏار

(قنبر جي چوڏهن ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون)

- o رياضت ٻرڙو
- o دين محمد ڪلهوڙو
- o عزيز قاسماڻي
- o سيف الحق سيف
- o عباس ڪوريجو
- o نور الحق نور
- o بشير آچر
- o نور ڪوسو
- o شبير حسين شبير
- o سعيد سومرو

انٽرنيٽ ايڊيشن : عباس ڪوريجو ويب

www.abbaskorejo.com

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو.




## سهيڙيندڙ پاران:

آفاقي آڪاس ڏانهن اڏام ________ سعيد سومرو


| | |
|---|---|
| رياضت ٻرڙو | 13 |

اڇي ڏرتي

ڏکن جو ڪوهڪ نالو ڪونهي!

ويڳاڻي دنيا اُٻاڻڪا ماڻهو

| | |
|---|---|
| دين محمد ڪلهوڙو | 27 |

پلئہ پايو سچ

آشيرواد

وائڙي شهر جا سُلجهيل فرد

| | |
|---|---|
| عزيز قاسماڻي | 36 |

هُن فون ڇو رکي ڇڏي؟

ڪجهه بہ نہ!

عشق انڌو ٿيندو آهي!

ڳري ويل نڪ

چيگم
گاريون ۽ سڏ
ڏنل آخري چمي
عورت سائنس آهي
جسم دنيا ۾ هلندڙ سڪو
چميءَ جي تاريخ

| | |
|---|---|
| سيف الحق سيف | 48 |

نم جو وڻ
خوف جي پاڇي هيٺان آيل نوجوان

| | |
|---|---|
| عباس ڪوريجو | 60 |

ڪاش مان ڪهاڻيڪار هجان ها!
چيني جي عظيم ديوار
پنهنجي ڌرتي

| | |
|---|---|
| نور الحق نور | 71 |

هتي پيشاب ڪرڻ منع آهي!
شڪار

| | |
|---|---|
| بشير آچو | 81 |

اُهي اَجها
ٻير ۽ ٻڙُ
ٻَڏي

| | |
|---|---|
| نور ڪوسو | 92 |

انسانيت
ياجوڪڙ

جڏو جيءُ

| شبير حسين شبير | 102 |
|---|---|

گمنام

پاڙيچي

اسڪول کان اورتي

لوئي نہ لاھيندس

| سعيد سومرو | 114 |
|---|---|

ليڙ ليڙ

آخري آسمان

پُري ويل پرم جو درد

ارپنا

# ادبي سنگت قنبر...

ماضيءَ

حال

مستقبل نالي.

## سهيڙيندڙ پاران:

### آفاقي آڪاس ڏانهن اڏام

سلسلي 'قنبر جا ڪهاڻيڪار' جي پهرين ڪڙي 'ڪيرٿر تان اڏار' جي نانوَ سان اوهان جي هٿن ۾ آهي. ادبي سنگت قنبر سان ويجهڙائپ رکندڙ، قنبر ۽ قنبر جي پرپاسي ۾ رهندڙ ڪهاڻيڪارن جي چونڊ ڪهاڻين تي مشتمل هن ڪتابي سلسلي جي آغاز جو بنيادي سبب، سنڌي ڪهاڻيءَ جو عروج وارئڻ سان گڏ، پنهنجي علائقي واسي ڪهاڻيڪار دوستن جي ڪهاڻين کي مڃتا ڏيڻ آهي.

ادبي سنگت قنبر ۽ قنبر جو ادبي تعارف، شايد ڪنهن کان ڳجهو هجي. قنبر تمام سنا شاعر/ اديب/ دانشور ڏنا آهن، جيڪي سنڌ سطح کان وٺي دنياوي سطح تائين شهرت ماڻيل آهن، جن کي قنبر واسي هجڻ تي فخر آهي ۽ قنبر کي پڻ جن تي ناز آهي!

ڪھاڻي ــ ڪيٽر جي حوالي سان، ٽيھہ سال اڳ جڏھن سنڌي ڪھاڻيءَ ڪي مڪمل توجھہ حاصل ھيو، تڏھن بہ قنبر جا ڪھاڻيڪار پوئتي نہ ھا. اُھي پنھنجي وس آڌار سنڌي ڪھاڻيءَ سان ڳنڍيل رھيا. ان سلسلي ۾ نمايان ابڙا فيملي (طارق عالم، اياز عالم، منصور عالم وغيره) ۽ انصاري فيملي (انيس انصاري، اخلاق انصاري وغيره) جن، قنبر جي ماحول ۾ رھندي ڪيئي يادگار ڪھاڻيون سرجيون.

ان ڪان علاوه 70ع، 80ع، 90ع واري ڏھاڪي ۾ ڪھاڻيون لکندڙ دوست، بخت جمال شيخ (ويتنامي ڪھاڻيون ــ ڪتاب ترجمي نگار) ايوب شيخ (روزانہ ڪاوش جو ڪالم نگار) نثار شيخ مرحوم (صحافي) نذير شيخ (عوامي تحريڪ جو مرڪزي اڳواڻ) نثار ٻرڙو (جرنلسٽ/ پبلشر) پروفيسر مشتاق شابراڻي، ايوب انصاري، محبوب ’رڪ‘ راھوجو، عظيم سومرو، حَسن علي ھڪڙو (ڪھاڻي ـ ڪتاب تحفو) اعجاز سومرو (انجنيئر)، عزيز ديرائي، محمد پنھل گوپانگ، سرائي امير بخش گوپانگ، لال بخش راھڻ، خليل شيخ، مرحوم شفيع تنيو، غلام حسين ھڪڙو، محمود چانڊيو (مرحوم)، محب علي ڪوسو، آفتاب شاھہ، مجيد منگي، ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ڪھاڻي ــ ڪتاب يادون ۽ سڪون)، سرمد چانڊيو، شمع منير (منير گوپانگ)، منظور سومرو، پائو در محمد ٻرڙو، فدا حسين فدا، صحبت ٻرڙو، معصوم سنڌي، عاطف ميمڻ، آدرش پيٽو، مسيح، تسليم اعجاز پيٽو (مرحوم)، خادم رند، ستار ھڪڙو، وغيره وغيره، مختلف موضوعن تي، مختلف اسٽائيلن ۾ ڪيتريون ئي اڻ مٽ ڪھاڻيون سنڌي ادب کي ارپيون.

قنبر جي جن عورت ليکڪائن ڪھاڻي ـ ڪيٽر ۾ نمايان خدمتون سر انجام ڏنيون، تن ۾ خاص ڪري زبيده ميتلو، فريده ميتلو، زاھده شيخ، زاھده گوپانگ، سعيده گوپانگ، ساجده شيخ، عابده شيخ، امرتا ميتلو، ڪلثوم جوٽيجو وغيره اھم آھن، جن وقت بہ وقت داخلي توڙي خارجي موضوعن تي مختلف رسالن/ اخبارن ۾ ڪھاڻيون لکيون.

ھن وقت جي، قنبر جي ڪھاڻي نويس دوستن تي نھار وجھون ٿا تہ اھو ھين دؤرن جي بنسبت ھڪڙو تسلي بخش ۽ معتبر ڳاٽاٽي جي شڪل ۾ ملي ٿو. ان ۾ سنگت قنبر پاران ٿيندڙ ’ڪھاڻي ـ ويھڪ‘/’ڪھاڻي ـ ڪانفرنس‘ ۽ ڪھاڻيءَ بابت ليڪچر پروگرام پڻ بيحد اھم ڪردار ادا ڪندا رھن ٿا. پر جن دوستن کي چاڻ ۽ معيار ڏانھن وڌڻ جو اعليٰ گڻ اچي ٿو، تن مان ھن ڪڙيءَ ۾ شريڪ ڪھاڻيڪار دوستن جو تعارف ۽ ڪھاڻيون تہ پڙھندڙ پاڻ ئي پڙھندا، پر انھن ڪان علاوه بہ قنبر مان جيڪي دوست ڪھاڻي ڪيٽر ۾ پاڻ موڪيون پيا اچن، تنھن نوجوان سٿ جي ڏسڻ جوڳي قطار ۾ علي صفدر، سومرو سرمد، منير چانڊيو، مشتاق گوپانگ، عبدالرزاق ڪلھوڙو، قمر الدين ’قمر‘، ڊاڪٽر فھيم گوپانگ، محرم مغيري، ثقلين لاشاري، عظيم پيٽو، زينت سحر وغيره وغيره ذڪر جوڳا آھن.

سچي سنڌ جي ادبي وايو منڊل وانگر، سنگت قنبر ۾ بہ گھڻا دوست ھڪ ئي وقت شاعر آھن تہ ڪھاڻيڪار بہ، مضمون نگار بہ آھن تہ ڪالم نگار بہ ..... پاڻ کي انھن سمورن جي خوبصورت خوبين تي ڪو بہ شڪ ناھي پر ھن گلوبلائيزيشن جي زماني ۾، ھر علم ايترو وسيع ٿي چڪو آھي جو ماڻھوءَ جي ننڍڙي طبعي عمر ۾ سمورو علم حاصل ڪرڻ ناممڪن ئي آھي. گھڻا علم، اڌورا علم حاصل ڪرڻ بہ دانائي نہ رھي آھي، دؤر جي تيز رفتار تبديليءَ سان انساني صلاحيتن ۾ واضح ڪمي آئي آھي ۽ انساني شعور جو گھڻ طرفو ڦھلاءُ ڪيس پريشان حال مستقبل ڏانھن وٺي ويندڙ آھي. ھي اسپيشلائيزيشن جو وقت آھي. ۽ ھڪڙي علم تي مڪمل دسترس رکڻ وڏي ڳالھہ تصور ڪيو وڃي ٿو. شاعري ۽ ڪھاڻي ٻنھہ الڳ گھاڙيٽا / فن آھن ۽ ٻئي ڀرپور توجھہ ۽ دلي لگن جا طالب آھن. خاص ڪري ڪھاڻي ھڪ سخت محنت طلب آرٽ آھي.شاعريءَ جا

پنهنجا رنگ روپ آهن. ٻنهي ڪي ميجتا ٻه مختلف رخن جي ملي ٿي. پاڻ اهو نٿا چئون ته ڪهاڻيڪار ڪي شاعري نه ڪرڻ گهرجي يا شاعر کي ڪهاڻيڪار نه ٿيڻ گهرجي، پر ٻنهي ۾ واضح فرق ڪي سمجهي، ٻنهي جو بنيادي فني ۽ فڪري حق ادا ڪجي، نه ته ٻنهي مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪري، جنهن چونڊ ۾ هُو پنهنجا احساس دلربا نموني سان بيان ڪري سگهي.

ڪهاڻي هڪ اهڙي رهگذر وانگي آهي، جتان هڪڙو قافلو گذري وڃي ٿو ته ٻيو ڪاروان ان جي جاءِ والاري ٿو. ڪهاڻي جي سفر ۾ وقت جي وارتائن سبب، گهٽ وڌائي اوس ٿئي آهي، پر اُهو ڪڏهين به ختم ناهي ٿيو. نيون موملون، نوان راڳا، نڪور اُتساهه پريا ساٿ سنوڻ ڪري، ڪهاڻي ـ ڪاڪ جي هاڪ کي آفاقي ڪرڻ پئي نڪتا آهن. هن ڪتابي ڪڙيءَ ۾ موجود مينڊرن جي مرڪ به ان آفاقي آڪاس ڏانهن اڏام جو ٿئي نظارو آهي.اُهي ڪيتري دير تائين ادب ـ اُپ ۾ اڏارون پيا ڪندا؟ ان سوال جو جواب سندن مستقبل جي سخت محنت ۽ ڪهاڻيءَ جي فڪري/ فني لوازمات تي سچائيءَ سان پورو لهڻ تي آهي. پر ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته هيءَ ڪتابي ڪڙي، سندن ادبي پنڌ ۾ منزل تائين رسڻ ۾ ايندڙ گهٽين رنڊڪن کي هٽائڻ ۾ مدد ڪندي.

ڏسجي ته جڏهن دنيا جا سمورا ليکڪ چٽيهه موضوعن جي دائري ۾ ڦرندا هجن، اُتي سنڌي ليکڪ جيڪڏهن پنهنجي اسٽائيل ۾، ڪنهن موضوع جي پيشڪش ڪي نئين وقت جي آڌار، ڪجهه نواڻ ڏئي ٿو وڃي ته اها ننڍي ڏات ناهي. رياضت ٻرڙي جي ڪهاڻيءَ ’اڇي ڌرتي‘ ڪان وٺي سيف الحق سيف جي ’نم جو وڻ‘ تائين، هن ڪتاب ۾ ڪيئي يونيورسل موضوعن تي ڪهاڻيون لکيل آهن، جن جو هوند ڪهڙي به ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪجي ته ان ٻوليءَ جي حسناڪي وڌائن.نور الحق ’نور‘ جي ’هتي پيشاب ڪرڻ منع آهي!‘، عباس ڪوريجي جي ’پنهنجي ڌرتي‘ ڪان بشير آچي جي ’ٻڌي‘ ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي روح جي روين جو چٽو اظهار آهي! ’ليڙ ليڙ‘، ’شڪار‘، ’ڳري ويل نڪ‘، ’خوف جي پاڇي هيٺان آيل نوجوان‘، ’چيني جي عظيم ديوار‘، ’پلئہ پايو سچ‘، ’ڪجهه به نا!‘، ’جڏو جيءُ‘ جهڙيون مختلف اسٽائيل ۽ رنگارنگي موضوعن سان ڀريل ڪهاڻيون، قنبر جي هن ڪهاڻيڪارن جي قافلي کي اڳتي وٺي هلڻ جو سبب ته بڻجنديون ئي پر ٻين ڪهاڻيڪار دوستن جي تخيل لاءِ پڻ اتساهه جو آسمان ثابت ٿينديون.

پنهنجي اها ئي ڪوشش رهي ته مختلف موضوعن تي لکيل اُهي ڪهاڻيون هن ڪڙيءَ ۾ شامل ڪجن، جن کي اڳ ۾ گهٽ ڇُهيو ويو هجي. پاڻ ان ۾ ڪيترو سڦل ويا آهيون؟ ان جو جواب اوهان جي ذوق جي زبان وٽ اچڻ گهرجي.

پاڻ ڪي اهڙي ڪا به دعوي ناهي ته پاڻ ڪو تاريخي ڪم ڪري رهيا آهيون، اهڙا مجموعا سنڌي ڪتابن ۾ ڪا نئين ڳالهه ناهن. ڪهاڻيءَ سان محبت رکندڙ هر دل کي، سهڻي ڪهاڻي تحفي ۾ ڏيڻ جي روايتن جي اسان به پاسداري ڪئي آهي.

هن ڪڙيءَ جي ڪهاڻيڪارن جو تعارف، ڪن جو سهيڙيندڙ لکيو آهي، ڪن پاڻ ته ڪن جو ٻين دوستن لکيو آهي. جيڪڏهن پڙهندڙ حلقن پاران سهڻي موٽ ملي ته وقت ۽ حالتن ڪان پاند آجو ڪرائي به ان سلسلي کي اڳتي وڌايو ويندو. ان لاءِ اسان کي اوهان جي رهبرانه راين جي هر پل گهرج رهندي.

هن ڪڙيءَ کي اوهان جي هٿن ۾ پڄائڻ ۾ پاڻ انهن سڀني دوستن جا دل سان ٿورا مجون ٿا، جيڪي هن ڪڙيءَ ۾ شامل ٿي، هن ڪتابي ڪڙيءَ جي سهڻاٽپ جو سبب ٿيا.

سعيد سومرو
شاهي بازار ـ قنبر
MOB: 0333 7523132

رياضت ٻرڙو ولد شوڪت علي ’شوق‘ ٻرڙو ـ جنم (20 اپريل 1971ع) سنڌي ٻوليءَ جو ليکڪ (شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار وغيره) مترجم، پبلشر، تعليمي، ادبي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ گورنمينٽ شاهه لطيف ڪاليج قنبر ۾ فزڪس جو ليڪچرار آهي.

سندس مختصر ڪهاڻين جو ڪتاب ’پيار جي ڪهاڻي‘ (اپريل،1994ع) نالي سان ڏاهپ پبليڪيشن قنبر پاران شايع ٿيو ۽ شاعريءَ جا ٻہ مجموعا، جن مان پهريون ’شام جي هوا‘ (آگسٽ،2004ع) ۾ شايع ٿيو. ٻيو شعري ڪتاب ’ديوانِ رياضت‘ (آڪٽوبر، 2005ع) ۾ شايع ٿيل آهي. پاڻ ڪيترن ڪتابن سهيڙڻ سان گڏ مختلف ادبي پرچن جو ايڊيٽر بہ رهيو آهي. ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران ڪيترائي سائنسي ۽ ادبي ڪتابن ڇپرائڻ سان گڏ مختلف فورمن تان پڻ ڪتاب شايع ڪرائڻ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي.
ادبي سنگت قنبر جي باني اڳواڻن مان هڪ 05_2004 جي عرصي لاءِ سنڌ سنگت جي مرڪزي اليڪشن ۾ جوائنٽ سيڪريٽري طور ڪامياب ٿي پنهنجون خدمتون سر انجام ڏئي چڪو آهي.
رياضت ٻرڙي، ڪجھ ڪتابن جي ڪمپوزنگ، سيٽنگ، ايڊيٽنگ ۽ نظرثاني پڻ ڪئي آهي. جن مان ’قنبر_ هڪ اڀياس‘ اهم ڪتاب آهي. ڪيس ڪيترن فورمن طرفان مختلف خدمتن جي مڃتا طور ايوارڊ پڻ مليل آهن.
رياضت ٻرڙي جي مستقل رهائش آفتاب گهٽي،گوپانگ محلي قنبر ۾ آهي.

## اَڇي ڏرتي

### رياضت ٻرڙو

رات جا نوَ ڪو اهڙو وقت ناهي، جو هروبرو زال مڙس کي دير سان گهر اچڻ تي رهڙ ڪيڏي يا ماءُ پنهنجي ڪنواري نوجوان ڌيءَ کي نرڙ تي پيار مان مِٺي ڏئي وقت سان گهر اچڻ جو تاڪيد ڪري، پر احمد ائين پائيندو آهي ڇڻ رات جو نائين وڳي تائين گهر پهچڻ، سندس ٻارن پاران ڏيهاڙي جاري ٿيندڙ اهڙو حڪم آهي جنهن کي شايد موت بہ ٽاري نہ سگهندو، توڙي جو ان حڪم نامي تي احمد جي رضامنديءَ جون بہ صحيحون ٿيل آهن.
ٽنهنڪري جيئن ئي واچ جون سُيون ساڍي اٺين وڳي کان اڳتي چُرڻ لڳنديون آهن، احمد کي بہ گهر پهچڻ جو خيال ٿيڻ لڳندو آهي، پر اڄ اتفاق اهڙو ٿيو جو احمد دوستن ۾ گهيرجي ويو ۽ جڏهن هُو پاڻ ڇڏائي گهر پهتو تہ نوَ لڳي پنجٽيهہ منٽ ٿيا هئا. هن هورڙيان پنهنجيءَ زال کان ڌيءُ بابت پڇيو، تہ هُن ٻڌايس،’تنهنجو انتظار پئي ڪري.‘
’۽ فاضل؟‘ احمد وري زال کان پڇيو.
’اُهو ننڊ پيو آ.‘
احمد تکو تکو پنهنجن ٻارن جي ڪمري ۾ گهڙيو تہ ڪيس ڏسي، سندس ڌيءُ ڪاوڙ مان منهن گهنجايو.
احمد مرڪي پيو. ’پريات!‘ هن ڌيءُ کي در وٽان ئي سڏيو، پر پريات ڪمبل ڇِڪي پنهنجو منهن لڪائي ورتو.
’او هو ! ڇئبو تہ پنهنجي بابا کان ڪاوڙ آ!‘ احمد وڏي اچي، پريات جي کٽ تي ويهندي چيو.
پرسان پيل ٻيءَ کٽ تي سندس اٺن ورهين جو پٽ ننڊ پيو هو.
پريات چُپ رهي.
احمد پريات جي منهن تان ڪمبل پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ پريات ڪمبل کي پنهنجن ننڍڙن هٿڙن سان سوگهو جهلي ورتو.
’ڇا سچ پچ ڪاوڙ آ، پريات!؟‘
پريات ڪمبل اندران ئي هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.
احمد کان ٽهڪ نڪري ويو. پريات منهن تان ڪمبل پري ڪري، منهن گهنجائي، احمد کي ڏٺو.
’ائي! ايڏي ڪاوڙ!‘ احمد کلندي، ڪوڙي حيرت مان چيو.

پرِيات بہ کِلي پئي. هن احمد کي چيو، ’بابا! اڄ وري دير ڪري آيا آهيو.‘

’آءِ ايم ساري، ماءِ ڊاٽر!‘ احمد هڪدم پانهون ٻڌي چيو.

’قبول ڪجي ٿي، پر...‘ پرِيات هاسيڪار چپ ٿي وئي.

’پر ڇا، پرِيات!‘

’ڏنڊ ضرور لڳندو.‘ پرِيات مرڪي چيو.

’جلدي حڪم ڪيو، شهزادي صاحبہ! مون کي ماني بہ کائڻي آهي، ڇو تہ ڏاڍي بک لڳي آهي.‘

’ڏنڊ اهو آ تہ اڄ هڪ بدران بہ آکاڻيون ٻڌايون وڃن.‘

’في الحال اهو ناممڪن آهي، شهزادي صاحبہ! ڇاڪاڻ تہ توکي پنجن ڏينهن کان پوءِ خميس تي ستين درجي جي پهرين ٽيسٽ ڏيڻي آهي ۽ ان ۾ پهرين پوزيشن بہ کڻڻي آهي.‘

’پر بابا!‘ پرِيات منهن پيلو ڪندي چيو، ’ٽيسٽ ۾ اڃا پڪا پنج ڏينهن پيا آهن ۽ ٽيسٽ آهي بہ سولي.‘

’ٽيسٽ ڪيڏي بہ سولي ڇو نہ هجي، پر پنج ڏينهن ان جو مُدو مقرر آهي. اها ڪا ون ڊي مئچ ناهي جو هڪڙي ئي ڏينهن ۾ خلاص ڪري ڇڏجي.‘ احمد کلندي چيو.

’اوهہ بابا!‘ پرِيات ويچاراٽپ مان چيو، ’مان توهان سان پُڄي نٿي سگهان.‘

’مون سان في الحال پنهنجي ماءُ کي پڄڻ ڏي، ماءِ ڊاٽر!‘

’جي! پرِيات حيران ٿي پڇيو، ’ڇا چيوَ؟‘

’چيم اهو تہ تو لاءِ ٻي آکاڻي پنهنجي ذهن جي لاڪر ۾ رکي ٿو ڇڏيان، ايندڙ جمعي تي اها تنهنجي خدمت ۾ پيش ڪبي.‘

’اڄ ٻڌايو نہ بابا! پليز!‘

’پوليس جي آکاڻي جمعي تي، اڄ توکي هن دنيا جي تمام خطرناڪ آکاڻي ٿو ٻڌايان.‘

’تمام خطرناڪ!‘ پرِيات کلها سوڙها ڪندي چيو، ’پر بابا! آکاڻي تمام خطرناڪ ڇو ٿيندي آهي؟‘

’ان ڪري ڏيءُ، جو آکاڻيءَ جا ڪردار خطرناڪ ٿيندا آهن.‘ احمد وراڻيو، ’چڱو، هاڻي ڌيان ڏئي ٻڌ!‘

ها بابا!‘ پرِيات ڪن لائيندي چيو.

’هيءَ دنيا جيڪا آهي،‘ احمد آکاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي، ’جنهن تي اسين رهون ٿا، ڪنهن ناهي هجي يا نہ، پر ان جا ڊاهيندڙ تمام گهڻا آهن.‘

’هان، بابا!‘ پرِيات حيرت مان چيو.

’ها پرِيات!‘

’اهي ڪير آهن، بابا؟‘ پرِيات پڇيو.

’اهي هن دنيا جا ڪجهہ ملڪ آهن، جيڪي دنيا جي ٻين ملڪن تي پنهنجو قبضو ڪرڻ لاءِ، پنهنجي هَلنديءَ لاءِ، سازشون ڪن ٿا، جنگيون لڳرائن ٿا، سيڪنڊن ۾ شهر ۽ ماڻهو ختم ڪندڙ هٿيار استعمال ڪرائن ٿا ۽ ڪن ٿا. توکي مون ٻي مها ياري جنگ جي ڪٿا ٻڌائي آهي تہ ڪيئن جرمنن ۽ جپانين دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن سان جنگ جوٽي هئي جنهنڪري لکين ماڻهو مري ويا ۽ لکين معذور ٿي ويا. جيڪڏهن اڱوٺي سوويت يونين جرمنن سان منهن نہ ڏئي سگهي ها ۽ آمريڪا انتهائي بيدرديءَ ۽ ظلمي طريقي سان ئي سهي، جپان جي ٻن شهرن مٿان ايٽم بم نہ ڪيرائي ها تہ هيءَ دنيا ٻي عذاب ۾ هجي ها، توڙي جو هاڻ وري ٻين طريقن سان دنيا جي اڪثر ملڪن کي قبضي ۾ ڪري سامراجي ۽ سازشي ملڪ پنهنجا فائدا پيا حاصل ڪن.‘

’اهو وري ڪيئن، بابا؟‘ پريات سوال ڪيو.

’اهو طريقو تہ پراڻو آهي، پر تنئي وڏي پيماني تي ٿو، يعني ملڪن ڪي قرض ڏئي پنهنجن فائدن لاءِ استعمال ڪرڻ. پوءِ پلي تہ چو نہ انهن ملڪن جو عوام بہ ويلا ڪائڻ لاءِ سچو ڏينهن گڏهن وانگر ڪم ڪري، پر پوءِ بہ هڪ ويلو مَس ڪائي سگهي.‘

’بابا!‘ پريات چيو، ’پر انهن ملڪن ۾ ماڻهن جو چا ٿيندو؟ اسان جو ملڪ بہ تہ قرضي آهي نہ؟‘

’ها ڏيءُ!‘ احمد وراڻيو،’اسان جو ملڪ بہ قرضي آهي. اسان جو عوام اجا وڌيڪ غريب ٿيندو ٿو وڃي ۾ ڪي چند ماڻهو نڳيءَ جي طريقن سان شاهوڪار ٿيندا ٿا وڃن. خير! ان ڳالهہ ڪي تنهنجي لاءِ ٿورن لفظن ۾ ٻڌائي نٿو سگهان، پر انهن سڀني مسئلن ۾ سامراجي ۾ سازشي ملڪن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسان اعليٰ ترين تعليم ۾ سکيا حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيون، ڇاڪاڻ تہ تعليم اسان جي شعور ڪي سمجهہ ۾ پروڙ ڏيندي آهي، جنهنڪري ماڻهو نہ رڳو پنهنجو چڱو ۾ لڱو سمجهڻ لڳندو آهي پر پاڻ سان ٿيندڙ ويڌنن ڪي ختم بہ ڪري سگهندو آهي. اها ڳالهہ تون ائين بہ سمجهہ تہ جڏهن آمريڪا جپان جي شهرن تي ايٽم بم ڪيرائي، جپان جي چيلهہ ڀڄي وڌي هئي تہ پوءِ جپانين پهريون ڪم اهو ڪيو جو انهن تعليم ۾ سکيا ڏانهن لاڙو ڪيو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو هاڻ جپاني ان ئي آمريڪا کان گوءِ کٽڻ جي ڪوشش ۾ آهن ۾ ڪيترن ئي معاملن ۾ تہ اهي آمريڪا کان بہ اڳ ڪڍي ويا آهن. ان کان سواءِ منهنجي پياري ڏيءُ! تعليم اسان کي امن ۾ ڀائپيءَ سان رهڻ جو درس ڏئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو مون کي اڇو رنگ وڻندو آهي.‘

’اڇو رنگ!‘ پريات، جيڪا ڌيان سان ٻڌي رهي هئي، حيرت مان چيو، ’اڇي رنگ جو وري امن سان ڪهڙو ڪم!؟‘

’ڏس تون منهنجيون ڳالهيون وساري ٿي ڇڏين نہ!‘ احمد ڪجهہ ڏک مان چيو،’مون توکي رنگن بابت ٻڌايو هو تہ سائو رنگ ساوڪ جو، ڳاڙهو انقلاب جو، ڪارو ڏک جو ۾ اڇو امن ۾ سک جو اهڃاڻ آهي. ان ڪري ئي مون هن گهر جي سڀني ڀتين، ڇتين، ٽيئرن ۾ گارڊرن، درن، درين ۾ ڪٻٽن، مطلب تہ لڳ ڀڳ هر شي جو رنگ اڇو يا ميرانجهڙو اڇو ڪرايو آهي.‘

’مان سمجهي ويم، بابا!‘ پريات چيو.

’پر اهو ياد رکجانءِ تہ پنهنجين شين کي اڇو ڪرڻ سان اُن هنڌ امن ۾ ڀائپي ڪو نہ ٿي سگهندي آهي پر ان لاءِ بہ جدوجهد جي ڪهرج پوندي آهي، گهڻ پاسائين جدوجهد جي.ائين سمجهہ تہ اها اڇي رنگ جي مُهم پاڻ وٽان شروعات آهي ان ڪم جي، جيڪو سڀني کي فائدو ڏيندو، چو تہ جيستائين اسان ٻئي جو چڱو نہ سوچينداسين تيستائين اڪلو بہ اسان جو چڱو سوچي نہ سگهندو، اها هڪ قسم جي سماجي ريت بہ آهي. چڱو ڏيءُ، تون هاڻي ننڊ ڪر!‘ احمد اٿندي چيو، ’وقت بہ چڱو ٿي ويو آهي ۾ هي ڳالهيون ڪٽڻيون بہ نہ آهن، تنهنڪري مان ٻيهر چڪر تي اچان، تہ تون سمهي چڪي هجين. ٺيڪ آ نہ؟‘

’ٺيڪ آ، بابا!‘ پريات وراڻيو،’گڊ نائيٽ، بابا!‘

’گڊ نائيٽ، پريات!‘

احمد ڪمري مان نڪري ويو. پريات ڪجهہ گهڙيون سوچيندي رهي. پوءِ هوءَ اُٿي ۾ سامهون ٽيبل تي رکيل ڌرتيءَ جي گولي تي چِٽيل مختلف ملڪن کي ڏسڻ لڳي. هن محسوس ڪيو تہ ڪنهن بہ ملڪ کي اڇو رنگ ڏنل ڪونهي. هن هڪ ڪٻٽ مان رنگن جي دَٻي ڪڍي، اڇي ٽيوب مان رنگ ڪڍي ٿاهيو ۾ هوري هوري گولي تي موجود ملڪن کي اڇو ڪرڻ لڳي.

(1996)

# نانءُ

## رياضت پرڙو

جوانيءَ راتيون ۾ پيار جا خوابَ.
هر خواب ۾ هن جي اکين ۾ پاڻ وڃائيندڙ منڙو.
۽ پوءِ:
محبتن جون نيون معنائون ......
پيار جا اننت روپ ......
۽ سِڪ جا انيڪ سمنڊ: پرپور چولين سان.

نيٺ مِنڙي جو عڪس، سندس نيڻن ۾ نقش.
وڇوڙي ڏک ۽ درد جو سفر.....

’اُوئان‘ جي آواز تي اڻ لکي مرڪ.
هُن اوئان ڪندڙ جو نانءُ مِنل رکيو.

۽ پوءِ خواب ساپيا تي پيا.

(1995)

# ڏکن جو ڪو هڪ نالو ڪونهي

## رياضت پرڙو

’امان!‘ پيارل ماءُ ڏانهن ڏسندي، ڪيس سڏيو.
’جي پٽ!‘ ماءُ پيارل جي نرڙ کي مٺي ڏيندي، پيار مان وراڻيو.
ان وقت رات جا نوَ تي رهيا هئا. هي ٻئي، ماءُ ۽ پٽ، پنهنجي نئين نهيل گهر جي ڪوٺي تي سمهيل هئا. پرسان پيل ٻن کٽن تي سندن ڀائر ۽ ڀيڻ سميت ٻيا گهر ڀاتي موجود هئا، جن مان ڪي ڪچهري ڪري رهيا هئا ته ڪي وري ننڊ ڪرڻ جي تيارين ۾ هئا. ڪجهه کٽون خالي به هيون، جن تي سمهندڙ گهر ـ ڀاتي موجود ڪو نه هئا. ذوالحج جي ستين تاريخ هئي، جنهنڪري چنڊ جي تن تي چانيل چانڊوڪي اجا موجن ۾ نه آئي هئي.
’عيد تي بابا ايندو نه، امان؟‘ پيارل ماءُ کان پڇيو.
ماءُ اهو سوال ٻڌندي ڏکاري ٿي وئي، چاڪاڻ ته هن گذريل ڪيترين عيدن کان پنهنجن ٻارن کي سدائين ’ها‘ ۾ ئي جواب ڏنو هو، تنهنڪري ئي هن نه پئي چاهيو ته هن ڀيري به هوءَ پنهنجن ٻارن کي آسري ۾ رهائي. سندس مڙس

هونئن ته هر سال ٽن چئن مهينن لاءِ پرڏيهه مان چڪر تي ايندو هئو، پر هن ڀيري ته ڪيس پنج سال گذري چڪا هئا، توڙي جو هر وڏي عيد کان ڪجهه ڏينهن اڳ فون ڪري پنهنجي اچڻ جي سڌ به ڏيندو هئو پر اهي ڏينهن اوسيئڙن ۾ گذري ويندا هئا ۽ وري ايندڙ عيد جو اوسيئڙو شروع ٿي ويندو هو.

’امان!‘پيارل ماءُ کي چپ ڏسي ڪيس سڏيو.

ماءُ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هوءَ سڄي هٿ سان پيارل جا وار سنوارڻ لڳي.

’ٻڌاءِ نه، امان!‘ پيارل ضد ڪيو.

’ها پٽ! تنهنجو پيءُ هن عيد تي ضرور ايندو!‘ ماءُ پنهنجي ننڍڙي پٽ کي نااميد ڪرڻ مناسب نه سمجهي، ڪيس آٿت ڏنو.

’نه امان! بابا هن عيد تي به نه ايندو، ڏسجان!‘پيارل چيو.

’ائين نه چئبو آ، پٽ!‘ ماءُ پيارل کي سمجهائيندي چوڻ لڳي،’پر، ڀريان تون اسڪول ته وڃ نه، هاڻي ته تون ڇهن سالن جو ٿيڻ وارو آن!‘

’بابا اچي نه، ته پوءِ اسڪول ويندم.‘ پيارل ٻاتائپ مان چيو.

’سنا ٻار ته اول ئي اسڪول ويندا آهن، پٽ!‘ ماءُ پيارل کي چيو،’۽ تون ته منهنجو تمام سٺو پٽ آهين، چنڊ جهڙو سهڻو.‘

’ها، امان!؟‘پيارل چنڊ کي ڏسندي پڪ ڪرڻ چاهي.’ڇا مان بلڪل چنڊ جهڙو چمڪندڙ آهيان؟‘

’تون ته چنڊ کان به تمام گهڻو چمڪندڙ آهين.‘ ماءُ پيارل کي چوڻ لڳي، ’۽ جڏهن تون پڙهي وڏو ٿيندين نه، ته پوءِ چنڊ تنهنجي اڳيان ڦِڪو ڦِڪو لڳندو.‘

’ڦِڪو، ڦِڪو!‘ پيارل حيران ٿيندي چيو.

پيارل جي ٻاتائپ تي ماءُ کلي پئي. پيارل کي سمجهه ۾ نه آيو ته ماڻس ڇو پئي کلي، تنهنڪري هن ماءُ کان معصوميت مان پڇيو، ’امان! تون ڇو ٿي ٽِلين؟‘

’پٽ! جڏهن تون وڏو ٿيندين ته توکي خبر پئجي ويندي ته چنڊ ڦڪو ڦڪو ڪيئن لڳندو آ.‘ ماءُ پيارل کي چيو، ’چڱو هاڻ ننڊ ڪر، ڏاڍي دير ٿي وئي آهي.‘

’اڇا ته پاڻو به تو نه آيو آهي ۽ تو ڳالهه به ناهي ٻڌائي.‘

’بس پٽ!ڳالهه سڀاڻي ٻڌائيندي سانءِ.‘ماءُ پيارل کي چيو.

’اڄُ، اڄُ‘پيارل ماءُ جي ٻانهن کي پڪڙيندي ڪيس چيو.

’اڄُ نه پٽ! مون کي مٿي ۾ سور آهي!‘

’ڀلا سڀاڻي تنهن جي ڳالهه ٻڌائيندينءَ؟‘ پيارل ٻيو خيال ايندي پڇيو.

’اون‘ ماءُ سوچ ڪئي. ’معصوم پريءَ ۽ ظالم ديوَ جي.‘

’زالم ديوَ جي!‘ پيارل کلهن کي سوڙهو ڪندي چيو.

’ها پٽ! ظالم ديو جي!‘ماءُ ٻيهر چيو.

’زالم ديو ٿيئن ٿيندو آ، امان!‘پيارل ماءُ کان پڇيو.

ماءُ کي خيال آيو ته چئي ڏئي ’تنهنجي پيءُ وانگر‘ پر هوءَ سور پي وئي ۽ پيارل کي چيائين، ’ظالم ديو رڳو پنهنجو فائدو ۽ آرام ڏسندو آهي، پوءِ ڀلي ته ٻي ڪنهن کي ڪيڏو به ڏک رسي.‘

’امان!‘ پيارل ماءُ کي چيو.

’جي، پٽ!‘ ماءُ دل جي گهراين مان وراڻيو.

’زالم ديو معصوم پري کي تمڙو ڏک ڏيندو، امان!؟‘ پيارل ڪائنس پڇيو. ’شا هُو معصوم پريءَ جا رانديڪا پڇي شڏيندو؟‘

’اهو تہ پٽ سڀاڻي ٻڌائيندي مانءِ!‘ ماءُ پيارل جي مٿي تي هٿ ڦيريندي چيو، ’چڱو، هاڻي منهنجو پٽ اکيون ٻوٽي.‘

’اکيون ٻوٽيان؟‘ پيارل ماءُ کي ننڍي ٻاکي پائيندي چيو.

’ها پٽ!‘

’پر، امان .....‘ پيارل چپ ٿي ويو.

’ڇا، پٽ!؟‘ ماءُ ڪائنس پڇيو.

’جڏهن بابا ايندو تہ بابا کي چوندم تہ امان مون تي روز ڳالهہ نہ ٻڌائيندي هئي.‘

ماءُ جي چپن تي اداس مرڪ تري آئي. هن پيارل کي چيو، ’ٺيڪ آ، پٽ! تنهنجو بابا اچي تہ کيس ضرور ٻڌجانءِ.‘

پيارل حيرانيءَ مان ماءُ کي ڏٺو، پر کيس سمجهہ نہ آيو تہ ڇا چوي. ماءُ پيارل جي ڪيفيت سمجهي وئي. پيارل کي چيائين، ’چڱو، پٽ! هڪ ڳالهہ ٻڌايانءِ ٿي!‘

’هان، امان‘پيارل خوش ٿيندي چيو،’ڳالهہ جو نالو شاهي؟‘

’نالو؟‘ ماءُ منجهي پئي. ’ان ڳالهہ جو ڪو بہ نالو ڪونهي، پٽ!‘

’تو بہ تونهي!‘ پيارل حيران ٿيندي چيو، ’ڳالهہ جو نالو تہ هوندو آ نہ، امان!؟‘

’ها، پٽ! ڳالهہ جو نالو هوندو آهي پر هن ڳالهہ جو ڪوبہ نالو ڪونهي.‘

’ائين وري تيئن هوندو!‘ پيارل بي يقينيءَ مان چيو.

’ائين آهي پٽ! هيءَ ڏکن جي ڳالهہ آهي، تنهنڪري هن جو ڪو هڪڙو نالو ڪونهي.‘

’اها جيڪڏهن تاڻي ديو يا تاري ڏائڻ جي ڳالهہ ناهي تہ مان نہ ٻڌندم.‘ پيارل ماءُ کي چيو.

’ٺيڪ آ، نہ ٻڌ! مان وري ڪهڙو زور ٿي پريان ـــ بس، هاڻي ننڊ ڪر!‘

پيارل کي بہ نہ ڄاڻ ڪهڙو خيال اچي ويو ۽ هُو اکيون ٻوٽي ٿورڙي ئي جهٽ ۾ ننڊ پئجي ويو، پر سندس ماءُ سوچي رهي هئي تہ هن عيد تي بہ ضرور هن جو مڙس نہ ايندو ۽ فون ڪري چئي ڇڏيندو تہ ايندڙ عيد تي ...

# ويڳاڻي دنيا اُباڻڪا ماڻهو

## رياضت ٻرڙو

مون آئيني ۾ اگهي، پنهنجي عڪس کي ڏٺو. ٽڪل جذبن جا احساس منهن تي چٽيل هئا ۽ اکين ۾ جوت جهڪي هئي. منهنجي چپن تي ڦڪي مرڪ ظاهر ٿي، پل ۾ ئي گم ٿي وئي.

’اهو مان ئي آهيان نہ؟‘ مون سوچيو، ’ها، فقط رنگ ڦٽي ويا آهن ... هن سماج جي اُس مون کي ساڙي ڇڏيو آهي ... منهنجي وجود ۾ انتشار ڦهلجي ويو آهي ... مان ٻيتو ٿي ويو آهيان، فقط هڪڙي ڌوڏي جي گهرج آهي ۽ پوءِ ڦهَ ٿي ڪري پوندم ۽ ختم ٿي ويندم.‘

مون کي محسوس ٿيو تہ مان اداس آهيان ۽ ڪجھ قدر ويڳاڻو بہ. چوڌاري سانت آهي. هر شيءِ چپ آهي. ڀتيون، ڇت، در، دريون، ميز، ڪرسيون، کٽ، ڪتاب، ڪو بہ تہ نٿو ڳالهائي مون سان. اڄ انهن سڀني کي ڇا ٿيو آهي؟! ڀتين سان ڳالهائي ڏسان، ڪمٽيون جو آهن، متان ڪا مون سان ڳالهائي. پر نہ، ڀتيون ڳالهائينديون ناهن، ڪين زبان ڪانهي، صرف ڪنَ آهن، اهي صرف ٻُڌي سگهن ٿيون ... مون کي ڇت سان ڳالهائڻ گهرجي، پر منهنجي متان تہ ڇت آهي ئي نہ، هيءَ بہ ڪا ڇت آهي! ... هي تہ صرف لڪڙا ۽ ڪانا آهن، ڇت ان کي ناهي چئبو ... ڇت آسمان بہ ناهي. اهو تہ نيراڻ ۽ ڪاراڻ آهي، جنهن ۾ نظر وڃائجي ٿي وڃي، ۽ جتي نظر وڃائجي وڃي، ان کي ڇت ناهي چئبو ... در؟ دريون؟اهي بہ تہ، انهن مان فقط اچي ۽ وڃي ٿو سگهجي ... ڇڏي ڏيان سڀني کي. ڳالهايان، تہ صرف پاڻ سان، پر منهنجو پاڻ ڪٿي آهي؟ منهنجي اندر ۾ رهندڙ اهو پاڻ ڪٿي آهي، جيڪو سرمد ناهي. سرمد تہ ٻاهر آهي ... ڳولا تہ اندر ۾ آهي ... اندر ۾ وسعت جو ٿئي ٿي ۽ ان وسعت ۾ اها هستي ڪٿي، جيڪا منهنجو آنءُ آهي، جنهن ۾ مان آهيان؟

’چاچا! ‘

مون ڇرڪ ڀريو.

در وٽ منهنجو ڀائٽيو سارنگ بيٺو هو.

’چاچا! امان ٿي چئي تہ رات جي ماني وٺي اچو نہ!‘ هن در وٽان ئي چيو.

’ها پٽ! تون هل، مان وٺي ٿو اچان.‘

سارنگ هليو ويو.

مون اُٿي، قميص پهرڻ کان اڳ کيسي ۾ هٿ هنيو، اٺاويهہ رپيا پيا هئا.

ڪمري مان اڱڻ ۾ آيم. پاڄائي صندل تي چانور سوئي رهي هئي ۽ سارنگ، ساڪ ۽ ڪاشف ڪيڏي رهيا هئا.

’پاڄائي! ٻيو ڇا ايندو؟‘

’بس! پٽاٽا وٺي اچ. ‘ هن چيو،’بصر ۽ ٽماٽا صبح جا بچيل آهن. پلا پئسا تہ اٿئي نہ؟‘

’تون ڳڻتي نہ ڪر، پاڄائي!‘ مون چيو،’الله وڏو آهي، گذر سفر ٿئي پيو.‘

’پريشان تہ ناهين نہ؟‘ پاڄائيءَ منهنجي منهن ۾ ڏسندي چيو.

’پريشان ٿي ڪبو ڇا؟‘ مون صندل تي ويهندي وراڻيو.’ڏک سکن جي سونهن هوندا آهن. اجا جوان آهيان، محنت جاري آهي، هڪ ڏينهن ڪلارڪيءَ مان بہ جند ڇٽي پوندي، تہ ان پگهار مان بہ، جيڪا ٻارن کي رانديڪا ۽ خرچي بہ نہ ٿي ڏئي سگهي.‘

’الله بہ بي پرواهہ آهي.‘ پاڄائيءَ چيو، ’ڪاش! تنهنجو پاءُ اسان کي نہ ڇڏي وڃي ها.پنهنجي ٻارن کي پاڻ جوان ٿيندي ڏسي ها، تہ جيڪر هي مشڪلون اسان تي نہ اچن ها.‘ هن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا.

مان ماٺ رهيم، ڪچان بہ تہ ڇا! منهنجي پاءُ جو گذاري وڃڻ اسان لاءِ قيامت هو. هو سيڪنڊري اسڪول ۾ استاد هو ۽ گهر جو سڄو بار سندس ڪلهن تي هو. ويتر جو ٻن ڀينرن جي شادي ڪرايائين تہ قرض ۾ وڪوڙجي ويو. خرچ جي پورت ٿئي ئي نہ پئي، نتيجي ۾ ڳڻتين ڪيس ڳاري ڇڏيو. پوءِ هڪڙي ٻُري ڏينهن ڪيس دل جو دورو پيو ۽ هميشہ لاءِ اسان کي وڇوڙي جا ود ڏئي ويو.

’پٽاٽا وٺي اچان.‘مون اٿندي چيو.

ٻاهر نڪري آيم، تہ ياد پيو، بادل اچڻ جو چيو هو. ٽائيم ڏنم ڇهن ۾ ڏهہ منٽ هئا.

’پاڄائي!‘ مون در اندر منهن ڪري چيو، ’بادل اچي تہ منهنجو ٻڌائجوس، مان جلدي ۾ موٽي ٿو اچان.‘

’ڇڱو.‘ هن چيو.

پٽاٽا وٺي موٽي آيم، بادل اجا نہ پهتو هو. هُو ڪرڪيٽ کيڏڻ جو شوقين هو. اُتي ئي سُک تي ويو هوندو. مون هن سان ڪچهري ڪرڻ پئي چاهي، ڇو تہ هو ڪجهہ ڏينهن کان ڊپ جي ڪيفيتن ۾ هو. خيال ٿيم تہ جيستائين بادل اچي امان کي زور ڏيان، ٻن ٽن ڏينهن کان لڱن ۾ گهٽو سور هيس. ٻن بدران پونستان جون چار ٽڪيون پئي واپرايائين. هوءَ صفحي ۾ کٽ تي آهلي پئي هئي. مون کي ڏسي اکين ۾ پيار پرجي آيس.

’امان! ‘ ڪيس چيم، ’سڏي ٿيءُ، تہ زور ڏيانءِ.‘

’نہ، پٽ! ‘ امان چيو، ’ٿڪجي پيو هوندين، سڄو ڏينهن ٿو پيچ ڊُڪ ڪرين.‘

’هاڻي ڇڏ اهي ڳالهيون.‘ مون امان جون ٽنگون سڌيون ڪندي چيو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ امان کي ننڊ وٺي وئي.

سج بہ لهي ويو، پر بادل نہ پهتو. مون کي ڏوڪڙ هٿ ڪرڻ جو خيال ٿي بيٺو هو. اڄ ٻاويهين تاريخ هئي. مهينو بہ ايڪٽيهو هو، جنهنڪري پگهار ۾ اجا ٻارهن ڏينهن هئا.

’ڇا ڪجي؟‘ جو سوال ذهن ۾ ڦرڻ لڳو تہ مجيب جو نالو اڀري آيو. هُو ئي اهڙو دوست هو، جيڪو منهنجو مسئلو حل ڪري سگهيو پئي، پر مون کي اوڌر گهرڻ بي انتها ڏکيو لڳندو هو، ان کي اوڌر کان ونءُ ويندو هيم. پر ڪي ڪم اهڙا هوندا آهن، جيڪي نہ چاهيندي بہ ڪرڻا پوندا آهن. پنهنجي لاءِ نہ سهي، پنهنجن لاءِ ئي سهي.لاچار

گهران نڪتم. سچي واٽ پڌر جو شڪار رهيم. من ۾ اڻ تڻ هئي. هر هر پوئتي موٽڻ جو خيال پئي ٿيو. پاڻ کي ڏاڍو بيوس ۽ مجبور پئي سمجهيم. الائي ڪيئن ماڻهو هزارن، لکن رپين جا قرض کڻن ٿا ۽ خوش رهن ٿا!

مجيب جي در تي ته پهچي ويم پر گهنٽيءَ تي آڱر کڄي ئي نه پئي. مُنجهي بيهي رهيم. ٽي چار منٽ، ٽن چئن سالن جيڏا ڀاري ڀائنجندي گذري ويا. نيٺ گهنٽي وڄايم، ته پاڻ مجيب ئي ٻاهر آيو. ملياسين.

’خير ته آهي نه؟‘ مجيب منهنجي منهن ۾ ڏسندي چيو.

’خير آ، تون ڪيئن آهين؟‘

’مان به ٺيڪ آهيان، ترس ته ڪرسيون ڪڍي اچان.‘ مجيب گهر ويندي چيو.

هڪ ڀيرو وري محسوس ٿيم ته اوڌر گهري نه سگهندم. ٻيا سڀ مرض چنگهي ڪڙڪي برداشت ڪري ويندم، پر قرض وارو مرض ذهن کي زنجيرن سان ٻڌي ڇڏيندو. پوءِ نڙيءَ مان آواز ئي نڪرندو، پر منجهنس تاثير نه هوندو.

مجيب ڪرسيون ۽ ڀاٽي ڪڍي آيو. وٽس اوطاق ناهي، پر گهر بند گهٽيءَ ۾ اٿس جنهنڪري اتي سولائيءَ سان ويهي سگهبو آهي. اوپاريون لهواريون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. چانهه به پيتيسين پر ڪيس پئسن لاءِ چئي نه سگهيم. چوندي چوندي رهجي پئي ويم. نيٺ ڀائيم ته ڪانئس اوڌر گهري نه سگهندم. ٽوٽي جو پڪ هيم ته انڪار نه ڪندو. وقت گذرندو ويو ۽ ڪلاڪ بعد اٿين ئي وٽانئس اٿي آيم. موٽندي سوچيم ته سڀاڻي وري مجيب وٽ اچڻو پوندو، ٻي ڪا واهه ناهي. ڪيئن به ڪري کيس قرض لاءِ چوندم.

گهر آيم ته بادل به اچي ويو. کٻي ٻانهن تي ڪرائيءَ پرسان پٽي ٻڌل هئس.

’اڙي! هي ڇا ٿيئي؟‘ مون حيران ٿيندي هن کان پڇيو.

’بس يار! بال لڳي ويو.‘ هن مرڪندي چيو.

’بچاءُ ته آهي نه؟‘

’ها،‘ هن چيو، ’هلون.‘

’هڪڙو منٽ گهران ٿي اچان.‘

گهران ٿي آيم ته بادل چيو،’اج عيد گاهه پاسي ٿا هلون، گهڻا ڏينهن ٿيا آهن، جو آئوٽنگ ناهي ڪئي.‘

’هل‘ مون کلندي چيو، ’اسان جي آئوٽنگ اها ئي ته آهي، ڪڏهن هوٽل ته ڪڏهن عيد گاهه جهڙا ٻاهريان پاسا. باقي ڪراچيءَ جي پيراڊائز پوائنٽ تي شام يا ڄامشوري جي هوائن جهڙي خوبصورت ۽ پُرسڪون آئوٽنگ اسان جي ڀاڱ ۾ ڪٿي.‘

’هر منظر جي پنهنجي سونهن ٿيندي آ،‘ بادل چيو، ’هر هنڌ هڪ جهڙي سونهن هجي ته جيڪر سونهن مان بيزار ٿي پئون.‘

’شاعر ماڻهو ۽ سونهن مان بيزار ٿئي! اهو ٿي ئي نٿو سگهي.‘

’ڦيرايئي نه اکرن کي.‘ بادل مرڪي چيو، ’اهڙو آن!‘

’مون ته وري به اکرن کي ڦيرايو، توهان ته احساسن کي ڦيرائيندا آهيو، ڪيفيتن کي جهيڙائيندا آهيو، ڪائيندا آهيو، پيئندا آهيو ۽ .... ۽ ...‘ چوندي کلڻ لڳو.

’بس ... بس ...‘ بادل به کلڻ لڳو، ’ٻي شاعري پوءِ ٻڌائجان.‘

’چڱو، هاڻي ڪا تازي شاعري ٻڌاءِ، پاروتي نه هجي.‘ مون گنڀير ٿي چيو، ته به کلي پيم.

’نه! ‘ بادل مخصوص انداز سان چيو، ’شاعريءَ جي عزتِ نفس جو خيال رکيو وڃي.‘

’ٺيڪ آ، يار!‘

’چڱو، ھي نظم ٻڌ!‘بادل ڪيسي مان پنو ڪڍندي چيو، ’پنھنجو لکڻ اچ ڪلھ ڪو نہ پيو ٿئي، تنھنڪري ترجمو ڪيو اٿم. ڏاڍو پلو آ. ذيشان ساحل جو آ. ‘

’ذيشان ساحل جو نالو تہ ٻڌو آ.‘ مون چيو، ’پر ڪيس پڙھيو ڪو نہ اٿم، ڪڏھن پڙھاءِ نہ!‘

’ھا، چو نہ!‘ بادل چيو، ’ھيءَ ٻڌ، ’آخري خواھش‘ عنوان اٿس:

نظمن جي ڪتاب ۾،

ماڻھن کي ھن جي آخري خواھش ملي.

ھن لکيو ھو:

منھنجون اکيون ان راڳي کي ڏجو

جيڪو پنھنجا مداح ۽ رنگ ڏسڻ چاھيندو ھجي،

۽ منھنجي دل ان سنگتراش لاءِ آھي

جيڪو پنھنجي دل ڪنھن مجسمي ۾ رکي پلجي ويو ھجي،

منھنجا ھٿ ان ملاح جي امانت آھن

جنھن جا ھٿ تِنِ ڏينھن ۾ وڍيا ويا ھئا

جڏھن ٻيڙيون ساڙيون ويون

۽ درياءَ پار ڪرائڻ سڀ ڪان وڏو ڏوھ ھيو،

ھن ڪجھ ماڻھن کي ٻئي ڪناري تي پھچايو،

موٽندي سرڪاري اھلڪار ھن جا منتظر ھئا،

ھُو پنھنجن ھٿن بابت ڪجھ بہ ناھي ٻڌائيندو

پر مان انھن ماڻھن ۾ شامل ھيم

جيڪي سندس ٻيڙيءَ ۾ ٻئي ڪناري ويا ھئا.

اکيون، دل ۽ ھٿ

ڪنھن بہ شخص کي جيئرو رکي سگھن ٿا

۽ ماري سگھن ٿا.‘

’واھ واھ‘ مون کي سچ پچ نظم ڏاڍو وڻيو.

’مان بہ ائين ٿو سوچيان.‘ بادل سنجيدگيءَ سان چيو، ’تہ جيڪر پنھنجي دل، ھٿ ۽ اکيون پنھنجي موت کان پوءِ جيئريون رکان. نہ ڄاڻ حياتي ڪيتري؟ اندر ۾ رڳو امڪان آھن، ڪجھ ٿيڻ ۽ نہ ٿيڻ جا ۽ انھن ٻنھي منجھ چڪتاڻ ٿي رھي. من ۾ اوچتي ئي ڊپ پرجي ٿو وڃي. پئہ ٿو رھي تہ ھيئن نہ ٿي پئي، ھونءَ نہ ٿي پئي. اڄ بال بہ ائين ئي لڳي ويو. اوچتو اندر ۾ ڊپ پرجي ويو. بي انتھا ڊڄي ويم. ائين ڪنھن ڪنھن مھل اوچتي ھارن ٿو ٻڌان تہ بہ ڏڪي ٿو وڃان.‘

’تون تہ ڏاڍي ڏکي حالت ۾ آھين.‘ مون چيو، ’بھتر آھي تہ ڪنھن سائڪاٽرسٽ سان لھ وچڙ ۾ اچ، توکي چڱيءَ طرح علاج جي گھرج آھي.‘

’اھو پنھنجي جاءِ تي.‘بادل چيو. ’پر منھنجو بھترين علاج نوڪري آھي. نوڪري ھئي تہ مطمئن ھيم، ڪو بہ ڊڄُ نہ ھيو. پر جيئن ئي موجودھ حڪومت اسان جون نوڪريون ختم ڪيون تہ پريشان ٿي پياسين. ڏس نہ، جڏھن اسين ھڪ لحاظ کان سيٽ ٿا ٿيون تہ پوءِ اپ سيٽ چو ٿو ڪيو وڃي. ڪنھن کي ڪاڏو نہ ڪارائڻ ھڪ ڪسو ڪم آھي، پر

ڪنھن کي ڪاڏو ڏئي، وري ڪسي ونڻ تماڻين بچڙائي ۾ بدي آھي! ڏس نہ! جڏھن ويھن، ٻاويھن سالن تائين پڙھي ڊگريون حاصل ڪريون ٿا، تہ پوءِ حڪومت نوڪريون ڏيڻ ۾ آنا ڪاني چو ٿي ڪري؟ ويتر مليل نوڪري بہ کسي ٿي وٺي!'
انهن احوالن دوران اسين قبرستان ٽپي، عيد گاھ کي بہ پٺتي ڇڏي آياسين. چنڊ جون وچيون تاريخون هيون، ان ڪري چوڏسا هلڪي چانڊوڪي پکڙيل هئي. روڊ تي ويهي رهياسين.
'ائين ان ڪري بہ آهي،' مون بادل جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو، 'جو نئين حڪومت، گذريل حڪومت جي فيصلن جو احترام نہ ٿي ڪري!'
ڪيترين ئي گهڙين ماٺ ۾ گذري ويون. مون واچ ۾ وقت ڏٺو ، ساڍا نوَ ٿيڻ وارا هئا.
'دل نہ لاھہ،' بادل کي چيم، 'هڪ ڏينهن اسان جا خواب ضرور ساپيا ٿيندا، ساڳيا مسئلا سدائين ناهن رهندا. هر گهڙي تبديليءَ جو عمل ٿيندو رهندو آ، پوءِ اسان کي ان جو شعور ٿئي يا نہ ٿئي.'
'پر هن قسم جو انتظار ڏاڍو ايذائيندڙ آهي، سرمدا!' بادل موت ۾ وراڻيو، 'توکي ماسٽرس ڪئي ٽي سال ٿي چڪا آهن. پوءِ بہ مجبوريءَ مان ڪلارڪي ڪري رهيو آهين. منهنجي حالت جي تہ توکي خبر آهي!'
'پوءِ بہ توسان چڱائي آهي، جو توتي گهر جو بار ڪونهي.' مون هن کي چيو، 'الله ڪندو تہ ڀلائي ٿي پوندي.'
'ها!'بادل طنز مان چيو، 'ڏسجي تہ ڪڏهن ٿي ڀلائي ٿي.'
'واپس هلون؟' بادل ڪان پڇيم.
هن هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. موٽندي قبرستان وٽ بادل بيهي رهيو ۽ مون کي هٿ کان پڪڙي قبرستان اندر وٺي ويو. مان ڪيس ڏسڻ لڳم. هُو ڪيئي گهڙيون چپ بيٺو رهيو. پوءِ مون ڏانهن ڏسندي چيائين،'هتي ڪيڏو نہ سڪون آهي ... خاموشيءَ ۾ ڪيڏي نہ پنهنجائپ آهي! ان کي محسوس  ڪرين ٿو؟ ائين ٿو لڳي ڄڻڪ پاڻ بہ هن ماحول جو حصو ٿي ويا آهيون ۽ هن ماٺ ۾ سمائجي ويا آهيون.'
مون ڪجهہ نہ ڪڇيو، ڪيس ڏسندو رهيم.
'هاھ' هن ٿڌو ساھ کنيو.
'اسين ڪهڙي دنيا ۾ ٿا رهون يار!' هن جي آواز ۾ اداسي پرجي آئي. 'اها ڪيڏي نہ ويڳاڻي آهي! دل ٿي چوي تہ هاڻي ئي مري وڃجي ۽ مٽيءَ جي خوشبوءِ ۾ سمائجي وڃجي.'
'ائين نہ چئو، بادل!' مون هن جي هٿ کي پڪڙي چيو، 'پنهنجن جي وڇڙي وڃڻ جو ڏک دل جي اونهاين مان ڪڏهن بہ نڪري ناهي سگهندو. اهڙيون ڳالهيون نہ ڪندو ڪر ۽ في الحال گهٽي سوچ ويچار بہ نہ ڪر. توکي آرام جي ضرورت آهي. نوڪري ملي پوندي. ائين نہ ...؟'
'ها.' هن ڌيرج سان وراڻيو.
۽ ٻئي هٿ ۾ هٿ ڏئي اڳتي وڌي وياسين.



دين محمد ولد محمد پناھ ڪلھوڙو، نوجوان محقق، تاريخدان ۽ ماهرِ لسان آهي.هيءُ پھرين جنوري 1969ع ۾ تعلقي قنبر جي ڳوٺ پاوندا لاڪا ۾ ڄائو. پرائمري تعليم ڳوٺ ۾، ۽ مئٽرڪ قنبر ۾، انٽر سائنس نصيرآباد ۽ گريجوئيشن لاڙڪاڻي مان پاس ڪئي.

دين محمد ڪلھوڙو سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيمسٽري شعبي مان پوسٽ گريجوئيشن پاس ڪرڻ کان علاوه شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ٻـ سنڌي شعبي ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪئي اٿس.

ڪجھ عرصو ڪيمسٽريءَ جو ڪوآپريٽو ليڪچرر رهڻ بعد روزاني ’جاڳو‘ اخبار ڪراچي ۾ صحافت ڪئي. ۽ ٽي سال انچارج ايڊيٽوريل طور ڪم ڪيو. سنڌ لينگوئيج اٿارٽي حيدرآباد ۾ ’انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا سيل‘ ۾ محقق طور ڇھ مهينا ڪم ڪيو. ۽ پوءِ تحقيقي شعبي ۾ ’دفتري سنڌي‘ تي ٻہ مهينا ڪم ڪيو.
ان دوران هن شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي لاڙڪاڻي واري ڪيمپس مان بي. ايڊ ڪئي. 2004ع جي آخر ۾ شاهه لطيف ڪي ـ جي اسڪول قنبر جي نوڪري ڇڏي ڄام شوري جا وڻ وسايا ۽ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ملازمت اختيار ڪئي. هن وقت دين محمد ڪلهوڙو بورڊ ۾ پبليڪيشن آفيسر طور ملازمت ڪري رهيو آهي.
هي ڪهاڻيون اڄ کان 12 ـ 10 سال اڳ جون لکيل آهن، بعد ۾ هي تحقيق ڏانهن لڙي ويو. هيءُ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو اڪيڊمي جو بنيادي ميمبر ۽ عهديدار بہ رهيو آهي. سنڌي ادبي سنگت قنبر جو 1992ع کان ميمبر ٻڻيو ۽ مختلف عهدن تي ڪم ڪيو.
دين محمد ڪلهوڙو هن وقت مستقل طور ڄام شوري واپڊا ڪالوني ۾ رهائش پذير آهي ۽ هينئر ’سنڌيءَ ۾ لغت نويسيءَ جو تحقيقي اڀياس‘ جي عنوان تي پي ايڇ. ڊي لاءِ تحقيقي مقالو لکي رهيو آهي.
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري جي ايڊريس تي ڪيس خط لکي سگهجي ٿو.

## پلئہ پايو سچ

### دين محمد ڪلهوڙو

سنهڙو سيپڪڙو نوجوان، عمر لڳ ڀڳ 30 سال ،ڪڻڪائون رنگ، بدن تي هرمچ ڇِٽَ تي اڇي رنگ جو پهراڻ ۽ هيٺ تي شلوار پهريل، وار پُٺي ڪَٽائي، پيرن ۾ ريگزين جو جُوتو، هٿ ۾ فائيل .... شايد نوڪريءَ يا ڪنهن ڪم سانگي وزير موصوف ڏانهن ٿي ويو ....
صاحب موصوف واري رهائشگاهه جي مين گيٽ تي وينل چوڪيدار ....گولين جا پٽا ٻنهي ڪلهن جي اڳيان پويان اهڙي نموني جڪڙيل، جيئن ايڪس (X)ضرب جي نشاني ... چيلهه تي ٻڌل گولين جو ٻيو پٽو، ايڪس پٽي جي سرڪشيءَ کي روڪيو ٿي، سندس هڪڙو پهڳ (هڪ چيڙي جو ڪجھ حصو )پتلون ڏانهن ٿي لڙڪيو (جهڙوڪر ٻت ۾ پريل جاڻني چوڪيدار جو تازو ڪنهن دشمن سان مقابلو ٿيو هجي!)اکيون وڏيون، منهن ڪشادو، شهپر تلوار ڪَٽائي، رنگ جو پورو، قد جو پورو، پنهنجي ڊيوٽيءَ کان پُراميد، آواز ڪڙڪيدار ۽ سپيريو .....
’..... اسلام عليڪم !‘
ڦِيرو نوجوان، زباني سلام سان گڏ اکين جي مرڪ ۽ چهري جي مخصوص لوڏ سان، چوڪيدار کي ڪيڪاريو .
’....ماليڪم سلام !‘
چوڪيدار بہ ساڳي ئي انداز ۾ پليڪار ڪرڻ جو جواب تي ڏنو، پر ڏئي نہ سگهيو ۽ هن جهڙوڪر ڦڪائيءَ مان نوجوان سان هٿ ملايو. ڪا گهڙي ٻئي خاموش رهيا.
’سائين !صاحب آهي؟‘
نوجوان آخر خاموشيءَ جو مٽڪو پڇي ڇڏيو .
چوڪيدار انڪار ۾ ڪنڌ ڏوٽيو .
’انڪار‘ جي لفظ، نوجوان تي جهڙوڪر ڪاري وار ڪري ڇڏيو ۽ هو پنهنجي وجود ۾ اوتجندڙ نانگ جي انهيءَ زهر کي ٻاهر ڪيڻ لاءِ، ڪا گهڙي ڪوشش ڪرڻ لڳو ۽ هن سموري سگهہ سان پُريل وجود کي ٻيهر جوڙي ورتو.
’ڪڏهن ايندو !؟‘

نوجوان جو اضطراب ۽ استعجاب وڌڻ لڳو .
’رات جو اٺين وڳي . ‘
چوڪيدار جا اهي لفظ، نوجوان جي جسم اندر ڪاري جي اوتيل زهر کي پيئڻ لڳا ۽ هن جون اکيون چمڪڻ لڳيون. سوچيائين:’اڃا پوءِ صاحب ايندو تہ سهي. ‘ سندس چهري ۾ اکين مان اميد جا ڪرڻا ڦٽڻ لڳا. هٿ گهڙيءَ ڏانهن نظر ڪيائين تہ شام جا ڇهہ وڄي رهيا هئا. صاحب جي اچڻ ۾ اڃا ڏيڍ ڪلاڪ هو.خيال ڪيائين. وقت گذارڻ لاءِ پهريان ڪنهن هوٽل تان چانهہ پيئجي، باقي ٽائيم ريلوي اسٽيشن تي آوارا چڪر هڻندي گذارجي، ڇو تہ هن کي ننڍپڻ کان ئي گهمڻ جو شوق هيو.ننڍپڻ ۾ ابنِ بطوطا ۽ مارڪو پولو جهڙن مشهور سياحن جا سفرناما پڙهيا هئائين، جن جو مٿس اثر هو.
هوٽل تان چانهہ پِي، سڌو ريلوي اسٽيشن ڏانهن رخ ڪيائين، جيڪا گهڻو پري نہ هئي.پليٽ فارم نمبر 1 تي ڪراچيءَ جي گاڏي نئين اچي بيٺي هئي. ڪي ماڻهو تيلهن سان، ڪي هٿين خالي، سڀ ڪان پهريان جاءِ وٺڻ جي ڪوشش ۾ هئا تہ ورري ڪي گاڏي مان لهڻ ۾ مصروف .....
’وڻ وڻ جون ڪاٺيون هونديون ....!‘ هن سوچيو.’هيڏي ساري هجوم ۾ ڪي پنهنجن مٽن مائٽن، پرين پيارن ۽ دوستن کي ڇڏڻ آيا هوندا، تہ ڪي ورري مون وانگر آواره چڪر هڻڻ آيا هوندا.‘ هُو پنهنجو پاڻ سان پٽڪيو.
پر واري روڊ تي رڪشائن جي ٽران ٽران جا آواز سندس ڪنن جي پردن کي ڦاڙيندا رهيا. هر رڪشا وارو انهيءَ ڪوشش ۾ هو تہ ريل مان لهندڙ مسافر پهريان ئي سندس رڪشا ۾ چڙهن. گهڙي ڪن مزو وٺڻ لاءِ لائين پار ڪرڻ واري لوهي پل تي چڙهي هيٺان بيٺل گاڏيءَ مان لهندڙ ۽ چڙهندڙ ماڻهن کي پنهنجي انداز سان ڏسڻ لڳو. مردن ۾ ڪي پڪا پوڙها، جوان ۽ ٻار ... ڪي ڪارا، ڳاڙها ۽ پورا تہ ورري ڪي ٿلها، سنها، سُڪا، ڪمزور ۽ زرد چهرا .... ڪيس عورتن ۾ پڪيون، پوڙهيون نوجوانيون تہ ڪي ٿلهيون، ڪاريون ڪوجهيون، ڪي تہ ورري ڳاڙهيون ... ڳاڙهيون ڳٽول ...ڳاڙها ڳاڙها ڳل ... سندن چاتيءَ وارو اپار نهايت پرڪشش، مسڪرائڻ سان ڳلن ۾ پوندڙ ڇُگهن واريون جوانڙيون هن جون پسند بڻيل هيون، شايد ان ڪري جو ڳلن ۾ پوندڙ کڏن واري فضا سندس پريميڪا هئي.
هاڻي فضا ڪيس ڏاڍي ياد اچڻ لڳي، جيڪا ٻہ سال اڳ سماج جي ڪاري نانگ هٿان ڪکجي وئي هئي. رڳو هوءَ نہ ڏنگي پر هن جي وجود ۾ بہ زهر اوتجي چڪوهو.
سيپڪڙي نوجوان جو ذهن ماضيءَ جي ڪوهيڙي ۾ آهستي آهستي گم ٿيڻ لڳو:
فضا!
’هون‘
مون سان تُنهنجو ڪهڙو رشتو آهي؟
’ڪجهہ بہ نہ ...‘
’مان چاهيان ٿي تہ تون سدائين فائدي ۾ هجين. ‘
فائدي ۾ ڇو؟
’بس دل چوي ٿي. ‘
۽ دل ٻيو ڇا ٿي چوي؟
’ڪجهہ بہ نہ. ‘
ڪجهہ تہ چوندي هوندي؟
’مار ڏيندیمانءِ. ‘

اکين تي.

’چونڊڙيون بہ پائيندي مانءِ.‘

قبول آھن.

’چڏ مذاق ڪي.‘

اوچتو ريل جي رنپ تي چرڪجي پيو، ماضيءَ جي ڌُنڌلي دنيا سندس ذھن جي نيٽن مان گم ٿي وئي. ھن جون اکيون آليون ٿي ويون. ۽ اندر پڃي پيو. دل جي دنيا ۾ ھڪ پيرو ڀيھر واپس ورڻ ٿي گھريائين.

’ڏس! فائيل منھنجي ھٿن ۾ آھي.اجا تائين مون کي نوڪري بہ نہ ملي آھي، عمر پاٽيءَ جيان وھندي پئي وڃي. ڪنھن نالي مرشد جي مريد جيان چونڊيل نمائندن جي درن تي حاضريون ڀري ڀري ٿڪو آھيان.تون ئي ٻڌاءِ، آنءُ فائدي ۾ ڪيئن آھيان؟‘

دل ئي دل ۾ فضا سان شڪايت ڪرڻ لڳو.

پوري سگھہ گڏ ڪري ذھن جي اسڪرين تان ماضيءَ جو پردو ڪٽي ڇڏيو.

’مني! مان تو ڪان سواءِ جِي نہ سگھندس. تو ڪان سواءِ ٻي عورت منھنجا انگل نہ سھي سگھندي.‘

سڏڪي پيو ھو، ڳوڙھا اکين جون سرحدون پچڻ لڳا. ھن ھڪدم ساڄي ھٿ جون آڱريون اکين تي ڦيري ڇڏيون ھيون.

’مرد ھوندي روئين ٿو.‘

مون سان گڏ تون پي تہ آلڙي آھين.

’عورت آھيان، مرد ڪان وڌيڪ نرم، ھمت پيدا ڪر، زندگيءَ سان پيار ڪرڻ سک.‘

ويندي ويندي چيو ھئائينس.

ماٺھن جي ڳوڙ ۽ رش تي سندس ذھن جي اسڪرين تي حال جو پردو اچي ويو. ۽ ھو چرڪجي پيو. گھڙيءَ ڏانھن نظر ڊوڙايائين. رات جا نوَ ٿي رھيا ھئا. ھڪدم پل تان لھي، نلڪي مان منھن ڌوئي، الله کي ياد ڪري صاحب جي بنگلي ڏانھن راھي ٿيو. گيٽ تي ساڳيو ئي چوڪيدار نظر آيس. پڇڻ تي چوڪيدار ھائوڪار ڪئي. ھي اندر گھڙي ويو.

سامھون رسيپيشن تي ويٺل بہ نوجوان ماٺھن ڪان شاختي ڪارڊ وٺي اندر ڇڏيندا ٿي ويا. ھي بہ وڃي لائين ۾ لڳو. نيٺ ھن جو بہ نمبر آيو. ڪارڊ جمع ڪرائي ٻين جي پٺيان ھلڻ لڳو. صاحب موصوف جو بنگلو ڪو عام بنگلو نہ ھو. صفائيءَ جو پورو پورو خيال ھو. پاٽيءَ جا ڦُوھارا، مختلف گلن جا ٻوٽا، طبعيت کي خوشگوار ڪري رھيا ھئا. سامھون ھال ۾ رکيل سموريون ڪرسيون ماٺھن سان ڀريل ھيون. پر صاحب نظر نہ آيو.

’ياءُ! صاحب ڪٿي آھي؟‘ ھڪ نوجوان ڪان پڇيائين.

’چون ٿا تہ پر واري ڪمري ۾ مھمانن سان ويٺو آھي.‘ نوجوان چيو.

’اسان مھمان ناھيون ڇا؟‘

ھن تنقيد ڪندي نوجوان کي آھستي چيو.’اڪيلي ڪمري ۾ تو اسان جھڙا مھمان تہ نہ ھوندا ... اتي تہ خاص مھمان ھوندا.‘ انھيءَ نوجوان تنقيد جو جواب ڏيندي چيو.

ھن دل ۾ سوچيو تہ واقعي اڪثر مرد سياستدان ليڊر جا خاص مھمان ٻن قسمن جا ھوندا آھن. ھڪ تمام وڏا آفيسر، ۽ ٻيو حسين ترين عورتون.ان سوچ ۾ ھو تہ ھڪ ڪرسي خالي ٿي، ھو اُتي ھڪدم ويھي رھيو. ھال ۾ جيڪي ڪرسيون رکيل ھيون، اُھي جيئن جو تيئن ڀريل رھيون، صرف صاحب جي چيئر خالي ھئي. سندس پير ۾ ھلڪي ٽيبل تي ٽيليفون رکيل ھئي. بار بار ٽيليفون جي گھنٽي ’ٽن ٽن‘ ڪري رھي ھئي. صاحب جا نوڪر چاڪر بہ ڪوڙ

هئا، پر ٽيليفون اٽينڊ ڪرڻ وارو ڪو بہ نہ هو. آخر هڪ نوڪر فرصت مان آجو ٿي، رسيور ڪٽي ڪن تي رکندي ڪجھ ڀڻڪندي رسيور ٽيبل تي رکي ڇڏيو. ڪجھ گهڙين گذرڻ کان پوءِ رسيور ڪن تي رکڻ بجاءِ ساڳيو ئي ٽيليفون جي مٿان رکي ڇڏيو.
’ضرورت مند الائجي ڪٿان ڪٿان ٽيليفون تي ڳالهائين ٿا، ڪو ڪٽي صحيح نموني سان ڳالهائي نہ ٿو!‘ هڪ اڌڙوٽ همراهہ آهستي پنهنجي ساٿيءَ سان ڀڻڪيو.
’صاحب جي لڏي جا ئي ماڻهو هوندا‘ دوست بہ ساڳي ئي انداز ۾ ڪيس وراڻي ڏني.
’ضروري ناهي تہ اهي هجن، اسان ۽ تو پارا غريب بہ ٿي سگهن ٿا.‘ پهرئين همراهہ صفائي ڪندي چيو.
’ڇا صاحب سان پر واري ڪمري ۾ مان بہ ملي سگهان ٿو!؟‘ صاحب جي نوڪر کي هُن چيو.
اڃا نوڪر جواب ئي نہ ڏنو تہ اوچتو ڪمري جو در کُليو، ۽ سڀني جون نظرون اوڏانهن ڊوڙيون. صاحب پريشانيءَ مان تکڙو تکڙو ٻاهر نڪتو. قدآور، جسم ۾ گهاٽو، مٿي جا گل ڇٽيل، ڪلين شيو، سفيد ڪاٽن جا ڪپڙا پهريل، موبائيل فون هٿ ۾، پريشاني وچان هيڏانهن هوڏانهن چڪر هڻڻ لڳو.
’سائين! مان ڏاڍو غريب آهيان، منهنجي زمين تي تر جي وڏيري قبضو ڪيو آهي، ٻڌو اٿم تہ هو اوهان جو دوست آهي، مان اوهان وٽ توهان جي دوست جي دانهن کڻي آيو آهيان. سائين! منهنجو دادُ ڪريو، مان ڏاڍو غريب آهيان.‘
هڪ پڪي عمر جي همراهہ همت ساريندي، هٿ ٻڌي صاحب کي هڪ ساهيءَ ۾ سڀ ڪجھ چئي ويو.
’بابا! هن وقت مان ڏاڍو پريشان آهيان، پنهنجون درخواستون منهنجي سيڪريٽريءَ وٽ جمع ڪرايو يا پَرينءَ اچجو تہ پوءِ ڏسنداسين، الله ڀلي ڪندو.‘
صاحب ڇهري تان ٽشو پيپر سان پگهر اگهندي چيو.
’سائين! منهنجي پٽ کي ڌاڙي جي ڪيس ۾ پوليس بي گناهہ گرفتار ڪيو آهي، اوهان وڏا صاحب آهيو، مون کي منهنجو بي گناهہ پٽڙو ڇڏائي ڏيو، سندس پوڙهي ماءُ جا برا حال آهن، خدا ڪارڻ اسان غريبن جي مدد ڪريو، خدا اوهان جي بادشاهي سدائين قائم رکندو.‘ هڪ سٺ سالن جي ڪراڙي، صاحب کي منٿون ڪندي چيو.
’سائين! منهنجي پٽ ايم. اي پاس ڪئي آهي، ۽ ڏهن سالن کان بيروزگار آهي، هاڻي تہ عمر بہ وڌي وئي اٿس، صاحب اوهان مالڪ آهيو، منهنجي ٻچي کي ڪنهن سٺي روزگار سان لايو، اسان جا ٻچڙا بہ اوهان کي دعا ڪندا رهندا.‘ هڪ ٻئي پوڙهي صاحب کي ليلائيندي چيو.
’بابا! چيم نہ، درخواستون سيڪريٽريءَ وٽ جمع ڪرايو، يا پَرينءَ اچو، سڀني جا مسئلا حل ٿيندا، پر هن وقت مون کي ڇڏيو، مان پريشان آهيان، وفا سخت بيمار آهي، ڊاڪٽرن جي ٽيم اچڻي آهي، مون کي وفا جي طبعيت لاءِ انهن سان ڳالھ ٻول ڪرڻي آهي.‘
ايتري ۾ صاحب ڪرمو نالي نوڪر کي سڏ ڪندي چيو، تہ هو ڊاڪٽرن جي جلدي اچڻ لاءِ ڪين ٻيهر ٽيليفون ڪري، اڃا نوڪر ٽيليفون جو نمبر ڊائل ڪري رسيور ڪن تي رکيو مس هو تہ ٽي ڊاڪٽر، صاحب جي بنگلي ۾ پهچي ويا.
صاحب جي ڇهري تي پريشان مرڪ ڦهلجي وئي، ۽ تڪڙي پليڪار ڇئي ڪين ڪمري ۾ وٺي ويو.
صاحب ڏانهن آيل ماڻهو آهستي آهستي ڪٿو ڪٿو ٿيڻ لڳا.
’ڊاڪٽر خطري واري ڳالھ تہ ناهي نہ...!‘صاحب اڻ تڻ مان هڪ ڊاڪٽر کان پڇيو.
’بخار تہ وڌو آهي، پر برف جي پٽين تي لهي ويندو، اوهين پريشان نہ ٿيو.‘

ڪمري کان ٻاهر نڪرندي ڊاڪٽر دلجاءِ ڏيندي صاحب کي چيو. انهيءَ دير ۾ هڪ ٻيو ڊاڪٽر بہ ڪمري کان ٻاهر نڪري آيو، جنهن صاحب کان بخار اچڻ جو ٽائيم پڇيو.

’ڪالهہ مان صوبائي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ ويو هئس، هتان ٽيليفون تي ٻڌايائون تہ وفا ڪالهہ کان وٺي بلڪل نہ ڪاڏو آهي. دراصل وفا تي گرميءَ جو اثر ٿيو آهي، ڪمري جي اي.سي خراب ٿي پئي هئي، پانيان ٿو تہ اتان وٺجي ويو آهي.‘ صاحب هڪ ئي ساهيءَ ۾ سڀ جملا چئي ويو.

’في الحال جلدي ۾ برف گهرائي وٺو. ان جو پٽيون جسم تي رکرايوس، ٽيمپريچر لهي ويندس، پوءِ انجيڪشن ڪري ٿا ڇڏيوس، انشاءالله رليف ملي ويندس.‘ ڊاڪٽر مشورو ڏيندي صاحب جي پريشانيءَ کي نساهون ڪري ڇڏيو.

بابا! مون کي معاف ڪجو، هينئر مان اوهان سان نہ ٿو ملي سگهان .... پَرينءَ اوهان سان ملندس، ڇو تہ منهنجو وفا هن وقت سخت بيمار آهي.‘ صاحب معذرت ڪندي ماڻهن کي مخاطب ٿيندي چيو.

”سائين! اسان اوهان جي قوم جا فرد هئڻ سان گڏ، اوهان جي ٽڪ جا ووٽر پڻ آهيون، اسان سان هھڙو رويو رکڻ اوهان کي نہ جڳائي، اسان پنهنجا سور، تڪليفون ۽ زخم ڪٽي اوهان وٽ مرهم لاءِ اچون ٿا، تنهنڪري اوهان کي بہ اسان لاءِ ضرور ٽائيم ڪڍڻ گهرجي.“ اٺڻ مهل هن جذباتي سيپڪڙي نوجوان صاحب کي چئي ڏنو.

’جاهل! تو وٽ صاحب جو احترام ئي ناهي، تعليمي ادارن ۾ اهو سکيا آهيو تہ اميرن جي سامهون بد اخلاقيءَ سان ڳالهائجي. اوهان جهڙا حاجت مند روز ايندا ويندا پيا، پر وفا جي زندگيءَ جو سوال آهي.‘

صاحب جي اسسٽنٽ اکيون ڦوٽاريندي هن کي چيو.

صاحب پنهنجي اسسٽنٽ کي چنبڙ پٽي، تہ ايٽري ۾ نوڪرن ڊاڪٽرن جي چوڻ تي وفا کي ٻاهر آندو.

وفا کي ڏسندي سيني جا هوش ئي اُڏي ويا. ڇو تہ وفا، صاحب جي ڪُتي جو نالو هو.

## آشيرواد

### دين محمد ڪلهوڙو

پاپ ڪرڻ کان پوءِ پوڄاري ڪجهہ عرصي پڇاڻان گناهہ جي معافي وٺڻ لاءِ مندر پيڙو ٿئي ٿو. سندس قدم نہ چاهيندي بہ ان وستيءَ ڏانهن کڄي وڃن ٿا، جنهن ماڳ کي هن لاءِ ممنوع ڪيو ويو هو.

هو ٿڏو ساهہ کڻندي پنهنجو پاڻ کي چوي ٿو:

’مان تہ نہ ٿو چاهيان پر دل چريءَ کي ڪيئن سمجهائجي!؟‘

کن پل لاءِ هو ماٺ ٿي وڃي ٿو.

’مان تہ اڪثر ذهن جي فيصلن کي اوليت ڏيندو آهيان پر ڪڏهن ڪڏهن دل کي بہ راضي ڪري وٺندو آهيان.‘

وري هڪ ٿڌو ۽ ڊگهو ساهہ پريندي ماٺ ٿي وڃي ٿو. ڪجهہ گهڙيون گذرڻ کان پوءِ وري هو پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ جو سلسلو شروع ڪري ٿو:

’۽ جڏهن نہ چاهيندي بہ دل جي چئي تي اهو سڀ ڪجهہ ڪري ويهندو آهيان، جيڪو ذهن جي مخالفت ۾ هوندو آهي، پوءِ جيڪو مون کي عذاب مان گذرڻو پوندو آهي، ان جي پيمائش صرف پاڻ ئي ڪري سگهندو آهيان ۽ پوءِ منهنجو ذهن مون کي انهيءَ عمل تي ننديندو ۽ گهٽ وڌ ڳالهائيندو بہ آهي، پر دل چريءَ کي اڄ ڏينهن تائين ڪنهن سمجهايو آهي!؟‘

پاڻ سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي هن جي اکين مان لڙڪ ڏڙ ڏڙ ڪري وهڻ لڳن ٿا. سندس اندر جو لڪل درد لڙڪن جي صورت ۾ پگهرجي سندس وجود مان اٿمئي گرمائش ۾ تپش ڪي ڪنهن قدر گهٽائي ڇڏي ٿو ۽ پوءِ هو ڪجهه گهڙين لاءِ ماٺ ٿي وڃي ٿو.

هو آسمان ڏانهن مُنهن ڪري هڪ ڊگهو ساهه کڻندي پنهنجو پاڻ کي چوي ٿو.

’ ۽ جڏهن هڪ مادي جي گرمائش پنهنجي ’Melting Point ‘ تي پهچندي آهي ته اها هڪ صورت مان ڦري ٻي صورت ۾ اچي ويندي آهي ۽ پوءِ ان جي اڳوڻين خاصيتن ۾ ڪمن ۾ گهٽتو ڦيرو اچي ويندو آهي. ‘

هو ڳالهائڻ ۾ وقفا ڪري ٿو. نيٺ هو وڪون کڻندو ان هنڌ پهچي ٿو، جتي هن جي منزل هئي، جتي هن جي احساسن جي درمان جي حد ختم ٿيندڙ هئي، اُتي هو ٻيهي رهي ٿو.

دهڪندڙ دل ۾ ڏڪندڙ هٿ سان مندر جي لوهي گهنڊ کي وڄائي سندس مها ديوتا جي احساس کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن کي هن پيري يقين ٿي وڃي ٿو ته اڄ هن جو مها ديوتا هن سان مندر ۾ ضرور ملندو، ڪلام ڪندو، هن جا سور ٻڌندو ۽ هن جي ڪيل پاپ کي معاف ڪري،ڪيس نئون آشيرواد ڏيندو. ايتري ۾ مها ديوتا جي ديوي ڪلام ڪيو. هو ادب وچان پنهنجو سرُ جهڪائي ديوي سان هم ڪلام ٿئي ٿو:

’ديوي! مان هڪ گناهگار پوڄاري مها ديوتا کان آشيرواد وٺڻ آيو آهيان، مان پنهنجي مٿي تي مها ديوتا جي چرنن جي خاڪ جو نشان ناهڻ آيو آهيان. ‘

هن جو ڪلام رڪجي وڃي ٿو. ايتري ۾ مندر ۾ خوشبو ڦهلجي وڃي ٿي ۽ مها ديوتا پوڄاريءَ سان ڪلام ڪري ٿو.

’ڇا وٺڻ آيو آهين پوڄاري!؟ ‘

پوڄاري ڪجهه نه ٿو ڳالهائي سگهي، صرف سندس نڙيءَ مان ’گيان ‘ ۽ ’آشيرواد ‘ جا لفظ نڪرن ٿا. وڌيڪ لفظ هن جو سهارو ٻڻجي نه ٿا سگهن ۽ هو مها ديوتا جي چرنن تي پنهنجو سر جهڪائي ڇڏي ٿو. سندس ڳوڙها مها ديوتا جي چرنن کي آلو ڪن ٿا. تنهن سمان مها ديوتا جا شفيق هٿ هن کي سهارو ڏين ٿا ۽ پنهنجي ڪشادي سيني تي ڪيس سلهاڙي ڇڏين ٿا.

’مان وڏو پاپي آهيان، منهنجي ڏوهه جي سزا موت هجڻ گهرجي. ‘ پوڄاري ٻي خوديءَ مان مها ديوتا کي سُڏڪندي اُهو سڀ چوي ٿو. ’گناهگار پوڄاري به ديوتا کي پيارو هوندو آهي.تُنهنجو پاپ توکي بخش آهي، مان توکي آشيرواد ڏيان ٿو. ‘

مها ديوتا جون شفيق آڱريون پوڄاريءَ جي ٻي ترتيب وارن کي سنوارڻ لڳن ٿيون. ان وقت سارنگ جي موسم ڏکڻ جي ٿڌڙي هيرگهلڻ سبب مَتجي وڃي ٿي، سج جيڪو اڳ بادلن ۾ ڪارن ڪڪرن پنيان گم هو، اُهو پنهنجي مڪمل زور و تاب سان اُڀ تي چمڪڻ لڳي ٿو ۽ هن جي اکين جي چمڪ تيز ٿي وڃي ٿي ۽ هن کي اندر ۾ پنهنجي جياپي جي ڪرٽن کي ڏسڻ جو موقعو ملي ٿو.

’مان مندر جو پوڄاري ڪيئن ٻڻجي سگهان ٿو!؟ ‘ پوڄاري مها ديوتا کان پوڄا پاٺ جي اجازت گهرندي چوي ٿو.

’هڪ شرط آهي. ‘ مها ديوتا چوي ٿو.

’مان ته زندگي به شرط ۾ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. ‘ پوڄاري مها ديوتا جي اڳيان ادب سان سر جهڪائي چوي ٿو.

’پهرين تنهنجا وڏا هن مندر ۾ اچي ڏيئو جلائڻ جي رسم ادا ڪن، پوءِ ئي تون هن مندر جو پوڄاري ٻڻجي سگهين ٿو. ‘

پوڄاري کي ’ آشيرواد ‘ ملڻ کان پوءِ مها ديوتا هُن جي اکين کان اوجهل ٿي وڃي ٿو.

پوڄاري هڪ ڀيرو مُنهن ورائي مندر کي تِڪ ٻڌي حسرت ڀريل نظرن سان ڏسي پوءِ اڳتي وڌي وڃي ٿو.

# وائڙي شهر جا سُلجهيل فرد

## دين محمد ڪلهوڙو

هڪ وڏي شهر جو اهم چوراهو.
زبردست ٽرئفڪ!

روڊ پار ڪرڻ لاءِ ٻن نوجوانن جي اوچتو ڊوڙ.
روڊ تي هارن ۽ بريڪن جا زوردار آواز.
موت ڏانهن ويندي ويندي نوجوانن جي سوچ.
روڊ جي هُن پير ٻه وڏا ٺهڪ.

چوراهي تي معمول موجب ڀيڙ ٽرئفڪ!

روڊ جي ڀرسان پاسن ڏانهن هڪ ڪُتي جون مسلسل نهارون.
سگنل ڊائون ٽيڻ جون بتيون آف.
روڊ جي هڪ پاسي کان بريڪن جا هلڪا آواز.
روڊ پار ڪرڻ لاءِ اعتماد سان ڪُتي جي روانگي.

## ماضيءَ جا مون سان ڪافي رشتا آهن.

ماضي ڪاچيلو آهي.
مان لاڙڪاڻي جو آهيان.
ماضي شاعر آهي.
مان ڪهاڻيڪار آهيان.
ماضي پرائمري آهي.
مان پوسٽ گريجوئيٽ آهيان.
ماضي ڪڙمي آهي.
مان استاد آهيان.

ماضي حال آهي.
مان مستقبل آهيان.
ماضي يتائي آهي.
مان عزيز آهيان.

## عزيز قاسماڻي

### ڪجهه به نه

ٻه پيٽڙون.
’اڄ نه راند ڪيون، گُڏي گِڏيءَ جي.‘
’نه، مان نه ڪندسِ!‘
معصوميت مان.
’ادِي! ڇو؟‘
’تون ان گُڏي جي شاديءَ جو ضد ڪندين آهين،
جنهن کي ڪجهه به نه آهي!‘

❊

### هن فون ڇو رکي ڇڏي؟

ڳوٺان ٽڪو ٽُٽو آيم.... منجهند جي ماني ڪائي سمهي پيس ....
تقريبن ڇهين وڳي منهنجي ننڍڙي ڌيءُ، جنهن تي بابا جو پيار ـــ پريو ناﺀُ ڊوڊي آهي .... بابا واري ڊڪشنريءَ مطابق.
ڊيڊي: پيءُ
ڊوڊي: ماءُ
ڊوڊيءَ ننڊ مان اٿاريندي چيو: ’بابا فون.‘
اکين کي مهٽيندي مهٽيندي ..... جڏهن ٽن ڪمرن کي لتاڙي چوٿين ڪمري ۾ پهچندي .... ننڊي ياﺀُ ڪان
پڇيم: ’ڪنهن جي فون آهي؟‘
چيائين: ’خبر ناهي!‘
چيومانس: ’توکي ڪِينءَ خبر پئي ته منهنجي فون آهي؟‘
چيائين: ’رسيور کنيم ته پڇيائون ” قاسماڻي “ آهي!؟‘

پنهنجي گهر ۾ آنءُ ئي قاسماڻي آهيان ..... ٻيا سڀ جو سڀ چانديا آهن.
انتظار ۾ رکيل رسيور کڻندي پڇيم: ’ڪير؟‘
ورندي آئي: ’ضمير آهيان. ‘
چيم: ’حڪم ڪريو؟‘
چيائين: ’تون ننڊ ۾ آهين يا جاڳين ٿو؟‘
مون جواب ڏيڻ پئي چاهيو پر هُن فون رکي ڇڏي.

*

## عشق انڌو ٿيندو آهي!

درَ کلڻ سان ٻنئسريءَ جهڙو سريلڙو آواز ڪيو
۽ هوءَ ڪافيءَ جا ٻہ ٿولها کڻي آئي.
هڪڙو ٿولهو منهنجي اڳيان ٽيبل تي رکي، پاڻ سامهون ويٺي.
اڻاهه مانار ڪان پوءِ.
+ ڪافي وٺو.
- جي.
+ توکي .... منهنجو رقص وڻي ٿو؟
ـ اي موهن دڙي جي نرتڪي،
مان اکيون گهر رکي ايندو آهيان.

## ڳري ويل نڪ.

ڪارج؟
رڙيون.
ساهه نپوڙيندڙ احساس.
لڙڪ.
تلخ ڪلامي.
گهر جي ننڍڙيءَ ڪائنات ۾ ٻن حياتن جي.
’تون منهنجي ساهيڙيءَ سان .....‘
’ڪڏهن!؟‘
’نتائڻ ڇڏي ڏي .....
مردن کي پِٽَ هوندي آهي؛ مائٽياڻيءَ، پاڙي واريءَ ۽ سفر ۾ ڪا عورت ....‘

چپ.
’زوري ڪرڻ ڪيڏي سولي لڳندي اٿوَ، من پسند عياشي ڪندي، انڌا ٿي پوندا آهيو.
جنسي دهشتگردي ڪرڻ کان پوءِ آئيني ۾ مُنهن ڏسندا آهيو ته ڪيڏو نه بيداغ هوندو اٿوَ...... حَسين، نوجوان ته تنهنجي پيڻ به آهي!؟‘
’چپ نه ٿي ڪرين .....‘
هُو اُٿيو.
ٽيبل تان ٽشو پيپر ڪٽي، منهن اگهندي محسوس ڪيائين ته ٽشو پيپر سان گڏ نڪ به ڳري ويو آهي.

## چيگم.

اسٽيشن روڊ ورتيون شهر ڏانهن پيا اچون ته منهنجي دوست پڇيو:’مئگزين ۾ لفظ هيو وِجائنا ... ان جي معنيٰ ڇا آهي؟‘
’اهو هڪ اعليٰ قسم جو چيگم آهي.‘
منهنجو دوست رفيق ڪنمنڙن، تافين ۽ چيگمن جو دشمن آهي؛ مان سمجهان ٿو ته هُو اسلام آباد تائين چيگم ونڻ ويندو هوندو.
رفيق حيرت مان پڇيو؛’نئون چيگم آهي؟‘
’نه، اهو پراڻو چيگم آهي.‘
’مون ڪڏهن به نه کاڌو آهي.‘
’خبر اٿئي! هُن جي ڪاڻ سان ڇا ٿيندو آهي!؟‘
عبرت ڪائيندي پڇيائين:’ڇا ٿيندو آهي؟‘

’ڪائٽ وارو صفا ڪارو ٿي ويندو آهي.‘
’اهو ڇيڳم مان نه ڪائيندس.‘
’ڇو؟‘
’مان اهو ڇيڳم نه ڪائيندس؛ رڳو ڪپڙا ميرا ٿيندا آهن ته به بابا مون کي ماريندو آهي!‘

## گاريون ۽ سڏ

محسوسات.
خوف ئي خوف.
انسان پيدائش کان وحشي آهي، هُن جو نظريو ڇوي ٿو؛ هن دنيا جا ماڻهو ماريا وڃن ٿا؛ مئو ڪير به نه آهي!؟
ماري: انسان ـــ خدا.
موت. داخلي ۽ خارجي ٿيندو آهي ....
ديوارن جا پاڇا لڏن ٿا، آسمان اکيون بند ڪري ٿو، ڌرتي رنگ وڃائي ويهي ٿي!
درديلو آواز: ’گاڏيءَ جي پوئين سيٽ تي ڳاڙها گل .... ڪارن ڪپڙن ۾ ويڙهيل!‘
گاريون سماجي قانون ڪي!
ماڻهو ڪيڏو مجبور آ، ڏن لاءِ ناچ ڪري ٿو ننگي تن ....!
درديلو آواز:’توهان چاهيندا آهيو ته در ڪڙڪائڻ تي هوءَ در کولي؛ دوست جي پيٺ ....
رومانس ته ڪيو آهي! پر مرشدن به گهٽ نه ڪيو آهي مريدياڻين سان ..... رشتا ناتا به ڪجهه ٿيندا آهن، تقدس به ٿيندو آهي ...... اُت غيرت ڪراس ٿي وڃي ٿي؟؟‘
عڪس: ماڻهوءَ جي من کي ننگو ڪري بيهاريندا آهن، ڪي ڪي انگ اوڍر ۾ به ڏسي وٺبا آهن.
شڪار، اکين جي سامهون ايندڙ ماڻهو!
مٿين پنبڻين هيٺين سان پاڪر پاتو ۽ ذهن ويران ٿي ويو.
درديلو آواز:’عورت جا احساس، تڙپ، ڦٿڪ، ڪيڪون ۽ رڙيون ..... مرد حساس هوندي به بي رحم، ٻارن لاءِ برابري نه اٿس .... ڌيءُ جُڻا ۾ هارائي ڇڏي يا سٺ سال جي پوڙهي کي وڪڻي ڏي، سندس مرضي .... پرواهه نه ....
پُٽ کي ته وارث سمجهي ٿو، پُٽ کي بخشش به ڪري ٿو.

زندگيءَ ۾ مناڻ،ڪڙاڻ!!
پٽ ڪي ٻي عورت سان ڏسي چڙي ڏي ٿو ۽ ڏيءُ ڪي نہ......'

## ڏنل آخري چمي!

هڪ ڇوڪري آهي.
ان جو نالو نہ ٿو ڪٿان ....
جنهن ڏينهن هُن جي جمال جي وضاحت ٿي، سمجهو تنهن ڏينهن کان حُسن مري ويندو ....
حُسن جو نالو ئي نہ ٿو وٺان ....

هيءَ ڇوري الائي ڪهڙي مٽيءَ جي آهي،
بلور اکين واري ....
گوري رنگ جي.
هُن جي ڪُنڊڪ شاهين جو پڪو ڪارتوس.

هي جيڪي نہ دادلا ڪالمست، اديب، شاعر آهن،
ڪيڏا نہ پيارا ۽ سهٽا آهن ....
پنهنجي حلقي ۾ پاڻ ڪي شهباز ٿا سمجهن.
مان ويل چيئر تي آهيان پوءِ بہ منهنجي آڏو ڪجھ بہ ناهن،
ڇو تہ شهباز مادي آهي.

مان ليکڪ آهيان.
مون ئي اينءَ محسوس ڪيو آهي، اهڙو احساس ٻئي ڪنهن بہ ليکڪ جي شعور، لاشعور جي گودڙيءَ مان ليئو نہ پاتو آهي ....

تخليق.
تخليق تہ هڪ وقت مذڪر بہ آهي تہ مونث بہ ....

الائي ڇو خوف ٿو ٿئي ....
تہ منهنجو موت غير فطري ٿيندو.
مران نہ مران ....
جيڪي اڌ ۾ رهيل تخليقون آهن، اُهي مڪمل ٿينديون؟

مون کي خبر آهي تہ
منهنجي جسم جي سيني سيلز cells هڪ ايسوسيئيشن ناهي آهي.
سياڻي ڪان هُو بک هڙتال تي ويهندا.

## عورت سائنس آهي.

سينيما واري اندرين گهٽيءَ سان هلندي مون پنهنجي ادبي استاد کان پڇيو:
’مذهب ۽ سائنس ۾ تضاد ڇو آهي؟‘
هن پهرين سَٽ ۾ گار سان نبات ملائيندي چيو: ’سائنس جو نالو ’ڄاڻ ‘ آهي؛ معنيٰ عقل ۽ مذهب معنيٰ عقيدو؛ مذهب بہ پنهنجي دؤر جي سائنس آهي ـــــ جتي عقل ڪَٽ يا وندر نہ ٿو ڪري سگهي، سمجهو تہ ان ڪنڊ ۾ مذهب رهي ٿو ـــ تون ٻڌاءِ تضاد آهي؟‘
مان چپ.
اهو جملي جو پڇاڙڪو حصو ٻڌڻ سان منهنجي عقل مان رهندو سهندو سمجهہ وارو حصو چلان ولان ٿي ويو.
وري پڇيومانس: ’شاعري ڇا آهي؟‘
ڪلندي چوڻ لڳو: ’مالڪ جڏهن مليو تہ مان تنهنجي لاءِ ڏات وٺي ايندس. ‘
’ڇا مان ڏات کان محروم آهيان؟‘
’تون ڏات جي معاملي ۾ لاولد آهين. ‘
لب مهراڻ تان ڇانهہ پي اٿياسين ـــ ڳچ پنڌ کان پوءِ مون وري پڇيومانس:
’عورت ڇا آهي؟‘
’عقل جا انڌا ـــ عورت تہ خالق جو ڪُليات آهي ۽ مرد ڪليات جو بيڪ ٽائيٽل ـــ مرد ۽ عورت ٻہ الڳ الڳ جنسون آهن ـــ اينءَ سمجهہ تہ عورت سائنس آهي ۽ مرد مذهب.

# جسم دنيا ۾ هلندڙ سڪو.

ٽريننگ ڪاليج.
ڪلاس.
منهنجي گروپ جي هڪ حسينا!
ڪرسي ڪٽي پرسان اچي ويٺي.
ڪجھ وقت ڪان پوءِ.
پاڻ ڏانهن ڏيان ڏيارڻ لاءِ.
هٿ اهڙيءَ طرح منهنجي گوڏي تي رکيائين.
سِئادريون ـــ
پڇيومانس: شادي شده؟
نہ.
ڪنواري آهين؟
نہ.
ڪنوارپ رهي ڪونهي؟
هر دؤر ۾ ـــ
پوريءَ دنيا منجھ
بهتر منافعي وارو وهنوار سيڪس جسم آهي؟

# چميءَ جي تاريخ

طلاق ـــ
ھمڙي مڙس کان طلاق وٺڻ گھرجي ـــــ نٽ کي چا ڪبو ـــــ وقت ڏي ئي ڪو نہ ٿو ـــ رڳو فون تي بہ ٺمڪڙا ڏئي،
نوڪر کي موڪلي منجھند جي ماني ٿو گھرائي.
شام جو اچي ئي نہ ـــ
رات جو ماني کائي سمھي ٿو پئي.
صبح سان ڪپڙا پائي هليو ٿو وڃي.
پيسا ٿو ميڙي ـ پيسن کي چا ڪبو ـ ڪمڙي ڪم جا ـ باھ ڏجي .... ماڻھوءَ کي ماڻھپي مان ڪڍي ڇڏيو ٿسِ.
مايا ماڻھوءَ جي وٿ ناھي!

پڏري ـــ
( پڏري پراڻي رسم آھي / ڪجھ ماڻھو کير پيئڻ چونِ )

هُن جي ڏنل وقت کان بہ ڏينهن اڳ فون ڪري چيائينس: اڄ اچي وڃ، توکي ڪجھ چوڻو آھي.
هو آيو.
چيائينس : منھنجو پٽ انٽر پڙھي ٿو!
هُو : ڪو مسئلو ٿيو آھي چا؟
چيائينس : نہ.
هُو : باقي؟
چيائينس: ڪٿي منھنجي پٽ ۽ ڌيءُ کي اھا جُوڻ نہ پئجي وڃي تہ تون منھنجو چاھيندڙ آھين!، تنھن ڪري مان اڄ
اھا ڳالھ توسان پڏري ڪرڻ ٿي چاھيان .... تہ ھاڻ نہ ملندو ڪر ۽ فون بہ .....!
هُو : مون تہ توکي بہ محسوس ڪرڻ نہ ڏنو آھي.
چيائينس: ٻار وڏا ٿي ويا آھن ـــــ هُنن کي ڪوئي .... چوي ....  مان تہ ماءُ آھيان ـــ پليز....!
هُو: سترھن سالن ۾ صرف چار ڀيرا ملاقات ٿي آھي ۽ ھڪ ڀيرو فون ڪئي اٿم ـــــ وڌيڪ تنھنجي مرضي.
چيائينس: پليز اڄ کان .....

چمي ـــــ
اڪيلي گهر ۾ ـــــ روئي پئي ـــــ ڳر واري مائي.
هُن جي ياد واري ڪرسيءَ کي ڀي پاسي اڇلايائين.
پوءِ به هُن جي ياد .... ڪيل گفتگو.
پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي ٿي.
ٻڌائينس ڇو نٿي؟
هُن جا مون تي احسان آهن.
ڇا ٻڌايان ـــــ نه ٿو وسري.
مان ئي وڏي عذاب ۾ آهيان.
نه چوانس ها!
مون کان وڏي غلطي ٿي آهي.
هن جا وڏا وڙ.
وڏي ٿانو وارو آهي.
بس وڏي غلطي ٿي آهي.
روئڻهارڪي ٿيندي:
مون کي پتو ئي نه هو ـــــ ڏاڍو وڻندو هو ـــ
هُن هڪ ڀيري مون کان چمي ورتي ....
ان چميءَ کان پوءِ محسوس ٿيو ته مان هاڻ وڏي ٿي وئي آهيان.
چمي ترياق هئي ـــ
جنهن مون کي عورت هجڻ جو احساس ڏياريو.
ـــ اهو ڏينهن نه ٿو وسري.
اها چمي نه ٿي وسري.

# اڇا بادل ـــــــ مٽيءَ جا گل

’ڪلھ بہ نہ !؟‘
بک ۾ ساڻو .... ٽڪل پيرن سان ھلي پيو.
اکيون ڳوڙھا ۾ !!
پيٽ تنور وانگر ڏوَ ڪان خالي.
’اڄ بہ نہ !!‘
ٿاڦڙيو؛
بڇي ويو.
’ھاڻي مري ويندس!
’ڇا موت انتقام آھي؟‘
’ٻ سياٽو ..... سياٽو نہ ھوندو .....!‘
قاتل ڪپڙا ..... پير اگھاڙا رڙھندو وڃي پيو.
ننگي ڌرتيءَ تي.
اڇن بادلن جي ڏاڙھي،
ڦاڪ ڦاڪ چپ.
ڏار ڏار زبان.
سخت لفظن جي الٽي پيو ڪري!
ھٿن ۾ مٽيءَ جا گل .....
ھٽي پيو ....
تہ عينڪ اکين تان لھي ويس.

## سائنس جي سيني تي بندوق جو فائر

’نانا جاني!‘
’جيءُ‘
’نانا! اڄ سائنس ڪلاس ۾ ٻڌايائين ٿي ته ڌرتي ڦري ٿي. ‘
’پٽ! تون گرهن مان هڪ گرهه ڌرتي آهي، ٻي ڳالهه ته ڌرتي گول آهي ۽ مسلسل ڦري ٿي. ‘
’نانا جاني! سچي ڌرتي ڦري ٿي؟‘
’ها‘
’نانا! جي ڌرتي ڦري ٿي ته اسان جو گهر ڪراچي ڪڏهن پهچندو؟‘
ڏهتي ناني جي ڇاتيءَ تي معصوميت واري بندوق جو فائر ڪيو ۽ نانو ڪو به جواب نه ڏئي سگهيو.

## مٽيءَ جي جنڊ ۾ جوانيءَ جون پگهارون

ٻالڪي.
نيرن اڪين واري سُويتا.
پسند!

پيش جي ٽپڻي.
گڏيون،
مٽيءَ جو جنڊ.

سويتا: امان انڪل آنٽيءَ کي ڇو ٿو دڙڪا ڏئي؟
ماءُ ڪلندي چيس: هوم ورڪ پڪو نہ اٿس!
ماءُ وِري ڏيندي جُونءَ سان گڏ گهر جي ڳالهہ کي مارِيندي پڇيس ٿي: ٻڌو اٿم مس فهميده جي بدلي ٿي آهي؟
اَمي! فهميده مس ناهي!
ڇو؟
شادي جو ڪئي اٿس.
باقي ڇا آهي؟
آپا.

فون جي بيل
رسيور جي ڇپن تي چپ.
سويتا آهي؟
جي آهي.
ڏسيوسِ.
مڙس رسيور مٿان هٿ رکي چيس: تنهنجي فون آهي.
سويتا: هلو ڪير؟
طاهره.
اڙي ڪيئن آن؟
خوش آهيان.
سويتا جي منهن مان مرڪ اٿلي پئي.
سويتا؟
جي.
طاهره مرڪندي چيس: اڙي پيسا نہ موڪليا ٿئي!؟
ٻڌ، هن پگهار تي ڏيندي ماڻ.
جوانيءَ جي پگهارن مان تہ نہ ڏنئہ.
پليز هاڻ ڏيندي ماڻ.

( پنهنجو پاڻ )
جواني ابهرو ڳيرو داٽو داٽو ڪري ڇڳي ويو، قرض ڪٽي بہ ٻار پاليا‌سون پر جڏهن خوشبوءِ ڏيڻ لڳا تہ ...... پاڪرن ۾ پرجي ويا.

# فيئر بڪُ

نالو: باشو
ڪلاس: ياڳ
سبجيڪيٽ: ڏارو وجهڻ
اسڪول: پريم
ايڊريس: محلو خودڪشي،
جيون پلازه ــــ
لاڙڪاڻو.

*



آءٌ به هڪ اداس ... وقت جي وهڪري ۾ لُڙهندڙ ... بيوس ڪردار آهيان، زندگيءَ جي ڊرامي جو ..... دنيا ۾ پهريون ساهه 1984 9 2 تي کنيو. باک ويلي ( مينهن پئجي رهيو هيو) ان جي ئي ڪري شايد، مينهن جي موسم پنهنجي اندر جي موسم لڳندي آهي ۽ باک جو ويلو به نئين جنم جو احساس ياسندو آهي!
شاعريءَ ۾ ڀرپور ناڪاميءَ کان پوءِ ..... ڪهاڻي ڪيتر ۾ پير پاتم ... منهنجي پهرين وکَ ”گوشت“ ڪهاڻي هئي، جيڪا جنوري 2001ع ۾ ”هالار“ منجهه ڇپي.
عليم الحق ”حقي“ کان بيحد متاثر آهيان، ايتري قدر جو پنهنجو ادبي نالو سيف الحق به عليم الحق جي نسبت سان چونڊيو اٿم. عليم صاحب جي لکيل ڪهاڻي ”بيلا ڪا سياهه قول“ هر جنم ۾ پڙهڻ چاهيندس وري وري ـــ ڪهاڻي مون لاءِ عشق جو درجو رکي ٿي ..... ۽ مان ان عشق جي ... ان عشق جي انتها کي ..... ڇهڻ ٿو چاهيان!!
مصروفيت، واندڪائيءَ کي کائي وئي آهي، لکڻ جهڪو ٿيو آهي پر رُڪيو ناهي ۽ دعا آهي ته شال اهو لکڻ جو عمل رڪجي نه .... جاري رهي! ”ساهه ـ سڳي“ تنڊ تائين .....
خط ـ معرفت ارشاد علي پيرزادو، ويجهو گرلس پرائمري اسڪول ميرو خان روڊ قنبر ـــ

فون گهر ـ 0748008065
**سيف الحق سيف**
mob 03023489946

## نم جو وڻ

**سيف الحق سيف**

۽ پرامن ڳوٺ جي اترئين پاسي کان هڪ ورهين جو نم جو وڻ پنهنجي تمام تر خوبصورتيءَ ۽ منظرڪشيءَ سان قدرت جي تخليق جو انوکو مثال بڻيو بيٺو هو. جيترو ڏگهو هو ايترو ئي چوڏاري پکڙيل به هو ته گهاٽو به ... هن جي ڇانوَ تمام گهاٽي ۽ سڪون ڏيندڙ هئي. ساوڻ جون گرم گرم هوائون به وڻ جي بزرگيءَ اڳيان احترام سان ٿڌڙين ٿڌڙين هيرن جي روپ ۾ گذري ٿي ويون، جنهن سان ويٺي ويٺي ماڻهو ننڊ جي شفيق آغوش ۾ هليو ٿي ويو.

وڻ جي هيئان وڏو ڇهڇتو متل هو. ٻہ ڪراڙا ويٺا نوٽڻ راند ڪيڏي رهيا ها، جڏهن تہ ٻيا ٻہ ٻہ جهونا واري واري سان حقو ڇڪيندي جڳ جي بدليل حالتن تي فڪريہ گفتگو ڪرڻ سان گڏ، پنهنجي گذري ويل خوبصورت جوانيءَ جي ڏينهڙن جي ڇٽنگن ڪي وقت جي خاڪ مان ڪوٽي رهيا هئا، جيڪي گهٽو اڳ وسامڻ سان گڏ نري بہ ويون هيون. سندن جوين تہ گذري ويو هو پر جيون بہ آخري موڙ تي هو. هنن جي نراڙ تي موجود گهنجن منجهان هر گهنج جي الڳ ڪهاڻي هئي، الڳ ڪٿا هئي. اُهي گهنج بہ چڻ گذري ويل وقت جي قدمن جا نشان هئا. سندن اڇا وار نہ صرف بزرگي پر عقلمنديءَ ۽ سچي حياتي جي تجربن جي علامت بہ هئا. ٻہ ٽي نوجوان ويٺا هنن جون چڱيون ۽ حڪمت ڀريون ڳالهيون غور سان ٻڌي بہ رهيا ها تہ هيئين سان هنڊائي بہ رهيا ها.

هڪ هيئائين ڏار سان پينگهہ ٻڌل هئي، جنهن تي ڪجهہ ٻار واري واري سان لڏي نئيڻ جو مزو وٺي رهيا ها. هنن جي چهرن تي اها فڪرمندي ڪا نہ هئي جيڪا نوٽڻ کيڏندڙ پوڙهن ۽ حقو ڇڪيندڙ جهونن جي چهرن تي هئي. سندن چهري جي معصوميت ڪي وقت اچا ميرو ڪري ڪين سگهيو هو.

پرسان ڪوهہ هو، جنهن تي نار هلي رهيو هو. نار ۾ هڪڙو ٿلهو ۽ صحتمند اڇي رنگ جو ڏاند ڏڪيل هو، جيڪو چوڏاري چڪر جي انداز ۾ نار کي گهمائي رهيو هو. هر چڪر سان خالي لوٽيون هيٺ ڪوهہ ۾ هليون وڃڻ ڪان پوءِ پاڻيءَ سان ڀرجي مٿي تي پئي آيون ۽ مالهہ جي مٿان اونڌيون ٿي پئي ويون. پاڻي مالهہ ۾ ڪرڻ ڪان پوءِ، نيسر مان ٿيندو، واهي ۾ ڪري سارين جي ٻج طرف پئي وهيو.

واهيءَ ۾ هڪڙو ناسي رنگ جو ڪتو گرميءَ ڪان بچڻ لاءِ پاڻ پاڻيءَ ۾ ڀڄائي رهيو هو. گرميءَ جي شدت سبب زبان ٻاهر نڪتل هيس ۽ هو سهڪي بہ رهيو هو.

رڪي رڪي ڏاند جڏهن بيهي پئي رهيو تہ هاريءَ جو اٺن نون سالن جو پٽ ..... جيڪو پينگهہ تي ٻارن سان گڏ لڏيو پئي، اچي ڏاند کي هڪلڻ ڪان پوءِ وري پينگهہ تي وڃي پنهنجي واري سان لڏيو پئي.

ماستر علي نواز انهيءَ سچي ماحول ۽ ڇهڇتي ڪان لاتعلق نم جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏيون، اکيون ٻوٽيون ڪجهہ سوچي رهيو هو. هُو پنهنجي زندگيءَ جا اسي سال گذاري چڪو هو پر ڳوٺاڻي ماحول سادي غذا ۽ صاف ستري فضا ۾ رهڻ سبب هن جي صحت انتهائي رشڪ جوڳي هئي.هُو پنهنجي عمر ڪان ڏهہ سال ننڍو پئي نظر آيو. هن جي چهري تي اداسيءَ سان گڏ فڪرمنديءَ جا گهرا پاڇا چانيل هئا. هُو انهيءَ وڻ جي باري ۾ فڪرمند هو. جيڪو سندس هم عمر هو. جڏهن ماستر علي نواز ڄائو هو تہ هن جي پيءُ حاجي ڪريم بخش اهو نم جو وڻ بہ رڪرايو هو تہ ڪوهہ بہ کوٽايو هو.

اهو نم جو وڻ هن سان گڏ وقت جون گرميون سرديون سهندي، بهارون خزائون ڏسندي اسي سال کي پڳو هو. ڪيترائي مضبوط ڏار ۽ شاخون ڪڍي، چانوَ گهاٽي ڪان گهاٽي ڪئي هيائين.

ماستر علي نواز بہ ڏار ۽ شاخون ڪڍيون هيون، يعني ڇئن پُٽن ۽ پنجن نياڻين جو پيءُ هو. پٽن ۽ نياڻين مان وري پوٽن ۽ ڏوهٽن جي صورت ۾ ننڍڙيون شاخون ۽ ٽاريون بہ ڪڍيون هيون ، پر پوءِ بہ هڪ فرق وڻ ۾ ۽ هن ۾ واضح طور هو. وڻ وقت سان گڏ مضبوط ۽ توانو ٿيندو پئي ويو، پر ماستر علي نواز ڏينهن بہ ڏينهن پوڙهو.

پنهنجي هم عمر وڻ کي ٽيڪ ڏيون ماستر علي نواز ويٺو هو. فڪرمندي هن جي چهري تي شام جي پهر وانگيان ڇانيل هئي، اهو نم جو وڻ سياڻي ڪٽجي ويندو. وڻ جي ڪٽجڻ جو احساس هن کي اندر ئي اندر ۾ جهير ڏئي رهيو هو. هن ائين ٿي ڀانيو جڻڪ اهو نم جو وڻ ڪٽٺو نہ هو بلڪ ڪو ننيپڻ جو ساٿي مرٺو هو. هميشہ لاءِ وڇڙٺو هو.

نم جو اهو گهاٽو وڻ ماستر علي نواز کي انتهائي پيارو هو. هُو جڏهن به انهيءَ جو ذڪر ڪندو هو ته هن جي چهري جا تاثر ۽ خوشي ڏسڻ وٽان هوندي هئي. هن جي دل ۾ وڻ جي لاءِ موجود سمورو پيار لفظن ۾ سمائجي ايندو هو. سندس ڳالهائڻ جي انداز مان ائين لڳندو هو، ڄڻ هُو ڪنهن وڻ جي باري ۾ نه پر ڪنهن پياري ۽ گهري دوست بابت ڳالهائيندو هجي!

هونئن به هن جا جيڪي هم عمر ۽ ننڍپڻ جا ساٿي هئا. سي آهستي آهستي هڪ هڪ ٿي هن فاني دنيا کان لافاني دنيا طرف هليا ويا هئا. پر اهو نم جو وڻ، هن جو ساٿ ڏيندو پئي آيو. پيريءَ ۾ قدم رکڻ کان پوءِ ته ماستر علي نواز وڌيڪ انهيءَ وڻ جي ويجهو ٿي ويو هو. هميشه انهيءَ جي نرم ۽ ٿڌڙي ڇانوَ ۾ ويٺو تسبيح جا داڻا سوريندو هو پر هاڻي ته سندس اهو پيارو ساٿي به سياٽي وڃڙٽو هو.

صبح جو سوير قرآن شريف جو دور ڪرڻ کانپوءِ هو واندو ويٺو هو، جو حميد سُرڪي اچي ويجهو ويٺو هيس. حميد سندس پهريون ۽ وڏو پٽ هو. حميد جي ويهڻ واري انداز ۽ چهري جي تاثرن مان لڳي رهيو هو ته هُو ڪجهه چوڻ چاهي ٿو پر چوڻ کان ڪيٻائي به ٿو. ماستر علي نواز ڪجهه گهڙيون هن جي ڳالهائڻ جو منتظر رهيو پر حميد جي خاموشيءَ تي خود ئي پڇيو هيائين.

’چاهي پٽ ...!؟ ڪا ڳالهه آهي ڇا؟‘

حميد ڪنڌ جهڪائيندي چيو هو، ’ها ابا! ڪجهه پيسن جي ضرورت آهي.‘

’گهڻن جي ...‘

’ڇهن ستن هزارن جي ...‘

ڇهن ستن هزارن جو ٻُڌي ماستر علي نواز خاموش ٿي ويو، جيتوڻيڪ ڪنهن وقت ۾ ڇهه ست هزار هن لاءِ ڪا ڳالهه ئي نه هئا، پر هاڻي اهي ڇهه ست هزار وڏو مسئلو هئا، ڇو ته وقت جي لاهن چاڙهن هن کي اهڙي هنڌ بيهاريو هو، گهر جو گاڏو به مشڪل سان ٿي گهليو، اها به ماستر علي نواز جي همت، صبر ۽ هوشمندي هئي جو پنهنجي سفيد پوچي ۽ خودداريءَ کي هٿان وڃڻ ڪو نه ڏنو هيائين، پنهنجي حال جو يڪي ڀرم قائم رکندو پئي آيو.

’پٽ! تو کي پنهنجي حال جي ته خبر آهي.‘ ماستر علي نواز نرمي پريل بيوسي مان چيو.

’ها ابا! خبر آهي، پر....‘ حميد خاموش ٿي ويو هو ۽ پيءُ جي چهري ۾ ڏٺو هيائين، جنهن تي شفقت جو سايو ڏسي همت پڪڙيندي چيو هيائين، ’ابا! ائين به ٿي سگهي ٿو ته ته پنهنجو زمين وارو نم جو وڻ ڪپايون!؟‘

ماستر علي نواز جي چهري تي ڪيئي رنگ اچي گذري ويا هئا، پر پاڻ تي ڪنٽرول ڪندي، لهجي کي هموار رکندي هوريان صرف ايترو چيو هيائين.

’پٽ! ڄاڻين ٿو تون ڇا چئي رهيو آهين؟‘

’ها ابا! مون کي خبر آهي، اوهان کي اهو وڻ اسان جيترو ئي پيارو آهي پر... پيسن جي به تمام گهڻي ضرورت آهي.‘ حميد جي التجائي لهجي ماستر علي نواز جي شفقت کي جاڳائي وڌو. نم جو وڻ بيشڪ پيارو هو پر اولاد ته هر شئي کان پياري هوندي آهي. مجبورن حميد کي وڻ ڪپائڻ جي اجازت ڏني هيائين.

اوچتو هڪ پڪل نموري ڇٽي اچي هن جي جهوليءَ ۾ ڪري ته هو سوچن مان ٻاهر نڪري آيو .... پهرين هن جهول ۾ پيل نموري کي ڏٺو ۽ پوءِ مٿي نم طرف ...... ماستر علي نواز کي ائين لڳو ڄڻ نم جو وڻ پنهنجي هن پوڙهي ساٿيءَ جي دل سندي جذبات کي سمجهي رهيو هجي .... ۽ آٿت ڏيڻ خاطر نموري اڇلائي هجي، ماستر علي نواز نموري ڪٽي وات ۾ وڌي ۽ چوسڻ لڳو. جيڪا مٺي به هئي ته مزيدار به ....... هن بيهر شڪر گذاريءَ منجهان نم جي وڻ طرف ڏٺو جيڪو اهڙين پڪل نمورين سان پريو پيو هو. ائين ڏسندي ڏسندي ماستر علي نواز کي ٻاراهيءَ جو

آڪيرو ڏسڻ ۾ آيو، جنھن ۾ ٽي عدد ڪن ننڍڙا ٻچڙا ٻہ ھئا، جن اڃان ڪنڀ ڪو نہ ڪڍيا ھئا ۽ عجيب قسم جا لڳي رھيا ھئا. ٻاراھي وقفي وقفي سان ڪٿان ڪجھہ نہ ڪجھہ آڻي انھن ننڍڙن ٻچڙن کي کارايو پئي. ماسٽر علي نواز اھو دلچسپ ۽ وڻندڙ منظر گھڻي دير تائين ڏسندو رھيو. جڏھن ڪجھہ ٿڪ محسوس ڪرڻ لڳو تہ اتان نظرون ھٽائي، آس پاس ۾ ڏٺائين، ٻار پينگھہ تي لڏي لڏي وجي چڪا ھيا، حقي وارا جھونا بہ خاموش ويٺا ھيا، نوٽڻ ڪيڏندڙ پوڙھا بہ راند ختم ڪري ھيٺ پوچو وڇائي آھلي آرام ڪري رھيا ھيا. نار بہ خاموش ھو، ڏاند پريرو ھڪ ٻنيءَ تان چيڙ چري رھيو ھو. ماحول تي ٿوري سستي ۽ آرام واري خاموشي ڇانيل ھئي.

ھن بہ محسوس ڪيو تہ وڏيڪ ويھڻ ھن لاءِ مشڪل آھي، ڇو تہ سياٽي نم جو وڻ ڪٽٿو ھو ۽ اھو احساس ھن کي اندران ئي اندران بي چين ڪري رھيو ھو. الوداعي نظر نم جي ڏکڻي ۽ گھاٽي وڻ تي وجھي اٿي ڪڙو ٿيو، تنل احساسن سان پنھنجي وجود جي ڳري بار کي گھليندو آھستي آھستي دور ٿيندو آيو.

رات جو ماسٽر علي نواز ھڪ عجيب خواب ڏٺو. ھن ڏٺو تہ ھو اڪيلو اڻ ڇاتل ھنڌ تي ويٺو آھي، چوطرف ويراني آھي، رُڃ آھي نہ ڪو ماڻھو ۽ نہ ئي ساھہ وارو، نڪو ڇانورو .....

اڇانڪ ھن محسوس ڪيو تہ گرمي جو درجو وڌندو ٿو وڃي، ھوريان ھوريان وڌندڙ گرمي ....ٻُوسٽ ... گُھٽ ۾ ھن جو ساھہ ٻوساڄڻ لڳو. ھُو ڏگھا ڏگھا ساھہ ڪڍڻ لڳو پر گرمي ٻُوسٽ ۽ گُھٽ وڌندي پئي وئي .... گرميءَ کان بچڻ لاءِ ھن چوطرف ڇانوري جي تلاش ۾ نظر ڊوڙائي .... ڏکھو صحرا ... تتل واري .... تيز تڙڪو .... نہ ڪو وڻ .... نہ ڇانورو .... نہ ئي ڪنھن شئي جي ڪا اوڏر ....

ھو تکا تکا قدم کڻندو وڌندو رھيو .... ھلندو رھيو .... ھلندو رھيو .

گرمي .... ٻوسٽ ۽ گُھٽَ .... ھُن جي ساھہ کي وڌيڪ منجھائڻ لڳي، ھن جا قدم ڍرا ٿيڻ لڳا. حوصلا ھارجندي محسوس ڪرڻ لڳو ۽ ان مھل ھن کي پري کان پنھنجو ڳوٺ نظر آيو. ھن جي مرندڙ آس وري ساھہ کڻڻ لڳي. سندس ڍرڪندڙ قدم وري ھڪدم تکا کڃڻ لڳا. ھُن جلديءَ ۾ انھيءَ ھنڌ پھچڻ پئي چاھيو، جنھن ھنڌ ھن جو ننڍپڻ جو ساٿي، ھم عمر وڻ بيٺو ھو. جڏھن اتي پھتو تہ حيران ۽ پريشان ٿي ويو. نم جو گھاٽو وڻ ڪو نہ ھو. بس خالي ميدان ھو. جنھن ۾ ٻاراھيءَ جا ٻچا مئل پيا ھا. ٻاراھي بہ ڪو نہ ھئي.ڪو ماڻھو بہ نہ ھو. ڪوھہ جي مٿان ويو تہ اھو بہ سڪل ھو، چوڌس تکي اس ۽ تيز گرمي ھئي، ھن جو ساھہ منجھڻ لڳو، موت ھن جي اڳيان نچڻ لڳو.

ڇرڪي ھڪدم خواب مان سجاڳ ٿي پيو.

مٿان آسمان تي تارا ٽمڪي رھيا ھا. جن کي ڏسندي ائين پئي لڳو ڄڻ سڄي رات جاڳڻ کان پوءِ ھاڻي ننڊ جا جھوٽا کائي رھيا ھجن. ٽڙيون ٽڙيون ھيرون لڳي رھيون ھيون. چوڌس ماحول تي ننڊاڪڙي خاموشي ڇانيل ھئي، ماسٽر علي نواز جو سڄو جسم پگھر ۾ شل ھو. ھن جي ساھہ تي اھڙي ئي مونجھہ ۽ ٻوسٽ طاري ھئي، جھڙي خواب ۾ ڏٺي ھيائين. وڏا وڏا ساھہ کڻڻ لڳو پر ٻوسٽ گھٽ ڪانہ ٿيس.

تارن کي تڪيندي ٽائيم جو اندازو ڪري ورتائين، صبح ٿيڻ ۾ باقي بہ اڍائي ڪلاڪ ھيا ۽ اُھي بہ اڍائي ڪلاڪ ھن جاڳي خواب متعلق سوچيندي گذرايا.

فجر جي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ ھُو تکڙو تکڙو ڳوٺ جي اُترئين پاسي پنھنجي ٻني تي آيو. نم جو گھاٽو وڻ صبح جي تازگي پنھنجي ساون پنن تي ويڙھيون قدرت جي تخليق جو حسين نمونو بڻيو بيٺو ھو. ماسٽر علي نواز جي اندر ۾ بہ اھڙي ئي تازگي ڦھلجي وئي، جيڪا نم جي ڇچ ساون پنن تي پکڙيل ھئي، پر تنھن ھوندي بہ وڻ جي ڪٽجڻ جو احساس ھن کي بي چين ڪري رھيو ھو.

هُو هلندو اچي نم جي وڻ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو، دور اوڀر طرف پڪڙيل ڳاڙهاڻ مان لڳي رهيو هو تہ سج آهستي آهستي اڀري رهيو آهي. ماستر علي نواز غور سان اڀرندڙ سج کي ڏسڻ لڳو، جيڪو ڪنهن ڪنوار جيان ڳاڙهي ويس ۾ ڏاڍو وڻندڙ پئي لڳو.اهڙي خوبصورت منظر، صبح جي ڪوملتا، هلڪي هوا تي لڏندڙ نم جون ٽاريون، واهہ جي ڪپر تي اڪ جا لڏندڙ پن، هيٺ متي ٽيندڙ ٻوڙن جا سر، پپر جي پنن جو کڙڪو، پريان ليسوڙي جي وڻ تي ويٺل ڪويل جي ڪوڪ تي بہ ماستر علي نواز جي اندر جي اضطراب گهٽ نٿي سگهي.

ڳالهائڻ جي آواز تي ماستر علي نواز پوئتي ڪنڌ ڦيرائي ڏٺو تہ هڪ ٻني سان بہ ٽي همراهہ اچي رهيا هيا. هنن جي هٿن ۾ هڪ ڪهاڙو، بہ ڪهاڙيون، هڪ ڪوڏر ۽ بہ ڪرت هيا. ايتري ۾ هُو اچي ويجها پهتا ۽ سلام ڪيائون.

’سلام جهونا......!‘

’وعليڪم اسلام...!‘

ماستر علي نواز جهيڻي آواز مان سلام ورايو ۽ خاموشيءَ سان هنن کي تڪڻ لڳو. هڪ همراهہ قميص جي ٻاهرن کي ڪُنجي رهيو هو، ٻيو همراهہ اوزارن جي آخري جائزي وٺڻ ۾ مشغول هو. جڏهن تہ ٽيون همراهہ نم جي ڏگهي ۽ گهاٽي وڻ کي هيٺان کان متي غور سان تڪي رهيو هو. يقينن دل ئي دل ۾ وڻ مان ملندڙ ڪاٺ جو اندازو هڻي رهيو هو.

ماستر علي نواز ڪنگهندي ڳلو صاف ڪيو ۽ رعبدار آواز ۾ پڇيو ’ابا ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟‘ نم کي تڪيندڙ همراهہ نم تان نظرون هٽائي ماستر علي نواز کي اهڙي نموني ڏٺو ڄڻڪ ماستر علي نواز معصوم ۽ ٻي سمجهہ ٻار هجي، جنهن ٻي سمجهيءَ مان غلط سوال پڇيو هجي!

’پوڙها! ڏسين نٿو ڇا هي اوزار.... اسان هن نم جي وڻ کي ڪٽڻ آيا آهيون.‘

’ڇو ابا هن نم جي وڻ ويچاري اوهان جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي جو ڏنڊا ڏوتا مڙس، ڪهاڙا ڪرت کڻي ڪپڻ آيا آهيوس....؟‘

اهڙي سوال تي هاڻي ٽنهي همراهن افسوس ۽ دلچسپيءَ وچان هن جهوني کي ڏٺو ۽ معنيٰ خيز انداز ۾ مرڪي پيا، ڄڻڪ خاموش زبان سان چوندا هجن، ’اسي مت ڪسي.‘

’جهونا اسين واڍا آهيون ۽ وڻ وٺڻ،ڪٽڻ ۽ اهي وري ڪپائڻ اسان جو ڌنڌو آهي.‘ هڪڙي همراهہ ڄڻڪ رحم ڪائي هن تي معلومات جي سخاوت ڪئي. ’هون‘ماستر علي نواز پر خيال انداز ۾ڪنڌ لوڏيو ۽ پڇيو، ’هي نم جو وڻ اوهان کي ڪنهن ڏنو آهي؟‘

هاڻي هنن جي چهرن جي تاثرن مان ائين لڳو ڄڻ هنن کي ماستر علي نواز جا اهي سوال نہ وڻندا هجن. هڪڙي همراهہ ناگواري منجهان چيو،’ پوڙها! صبح سان اچي سوالن ۾ اٽڪايو اٿئي، وڻ چوري نہ پيا ڪٽيون .... پيسن تي حميد کان ورتو آهي.‘

ٻئي همراهہ نم تي چڙهڻ جي تياري ڪندي چيو،’چڱو جهونا! هاڻي ٿورو پرتي ٿي ويهہ، مان ڪهاڙيءَ سان هلڪا ڏار ۽ شاخون وڍيان ٿو .... متان ڪجهہ اچي لڳئي نہ ....‘

هُو چڙهڻ لڳو تہ ماستر علي نواز هٿ جي اشاري سان روڪيندي چيس،’حميد منهنجو پٽ آهي، بيشڪ هن هي وڻ اوهان کي ڏنو هو پيسن تي پر هاڻي مون ارادو تبديل ڪري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري اوهان واپس موٽي وڃو.‘

متي چڙهندڙ همراهہ اتي ئي رڪجي ويو ۽ ٻيا بہ همراهہ بہ ويجهو سرڪي آيا. ’پوڙها! اهو ڪئين ٿيندو؟ تنهنجي پٽ بيانو بہ ورتو آهي؟‘

’ڇا بيانو واپس ٿي نٿو سگهي!؟‘

واڍا پريشان ٿي ويا. هڪ همراهہ ڪرٽ زمين تي رکندي پٽڪيو,’صبح سان هي بہ اسان جي مٿي ۾ لڳڙو هو.‘ ٽئين همراهہ بہ سُر ملايس,’سرڪار بہ سياڻي آهي جو سٺ سالن جي عمر ۾ ماڻهو کي رٽائرڊ ڪري ٿي ڇڏي!‘
هڪڙو واڍو جيڪو گدڙ جيان هيڏي هوڏي لوٽا هڻي رهيو هو, تنهن رڙ نما اطلاع ڏنو,’حميد اچي پيو.‘
ماستر علي نواز ڪنڌ ورائي ڏٺو, حميد واقعي بہ اچي رهيو هو. هُو شايد جاچ لهڻ ٿي آيو تہ واڍا وڻ ڪٽڻ آيا آهن يا نہ.
حميد اچا بہ ٽي قدم پري ئي هو جو هڪ همراهہ بي صبريءَ جو مظاهرو ڪندي چيس,’حميد صاحب! هي چاهي؟ هي پوڙهو وڻ ڪٽڻ نہ ٿو ڏئي!‘
حميد ويجهو ايندي پڇيو,’چو ابا!‘
ماستر علي نواز هن جي سوال کي نظرانداز ڪندي حڪم ڏنو,’حميد پٽ! بياني جا پيسا هنن کي واپس ڪر تہ موٽي وڃن.‘
’چو ابا! توهان کي خبر آهي تہ پيسن جي ضرورت آهي!‘
’پر هاڻي هي وڻ نہ ڪپائينداسين, ڪٽي پيسن جي ضرورت ڪيتري بہ ڇو نہ هجي!‘
’پر آخر ڇو ابا!‘ هاڻي حميد بہ پريشان ٿي ويو هو.
’انهيءَ لاءِ تہ وڻ صرف وڻ ناهي, امڙ جي گود آهي, ڇانوَ جو ذريعو آهي, ڌرتيءَ جي سونهن آهي .....‘
واڍن جي چهري مان هاڻي تہ چِٽو محسوس ٿي رهيو هو تہ هُو ماستر علي نواز کي پاڳل ۽ خطبي قسم جو پوڙهو سمجهي رهيا هيا, جيڪو ’اسي مت کسي‘ جو زنده مثال لڳي رهيو هو. اهڙو اظهار هاڻي حميد جي چهري مان بہ ٿي رهيو هو.
ماستر علي نواز بہ اسي سال جو تجربيڪار ۽ عقلمند جهونو هو. هن پنهنجا وار اس ۾ اڇا ڪو نہ ڪيا هيا. هُن هنن جي چهرن جي تاثرن ۾ لڪل خيالن کي پڙهي ورتو هو. تنهن ڪري شفقت منجهان مرڪي چيو هيائين. ’مان سمجهان ٿو اوهان سڀئي مون کي چريو ۽ خطبي پوڙهو سمجهي رهيا آهيو, پل سمجهو .... پر هڪڙي ڳالهہ ٻڌو, هي وڻ ڪڏهن بہ ڪٽجڻ نہ ڏيندم. مڃان ٿو تہ اسان کي پيسن جي ضرورت آهي, اها ضرورت ڪنهن ٻي هنڌان پوري ڪنداسين پر هي وڻ نہ ڪپائيندا سين.‘
ڪجهہ گهڙين لاءِ ماستر علي نواز خاموش ٿي ويو. هن جي چهري مان اندروني پيچ ڊاهہ جي ڪيفيت ظاهر ٿي رهي هئي. آخر هن ٿڌو شوڪارو ڀري وري ڳالهايو.
’توڙي جو مون هن وقت تائين سفيد پوشيءَ جي ڀرم قائم رکيو آهي, خودداريءَ کي ڪڏهن بہ ٽٽڻ نہ ڏنو اٿم, ڪنهن جي اڳيان هٿن کي ڪشڪول نہ بڻايو آهي پر هاڻي مان اهو سڀ ڪجهہ ڪندم, سفيد پوشيءَ جو ڀرم وڃي تہ وڃي, خودداري ٽٽي تہ ٽٽي پر هي وڻ نہ وڪڻبو.‘
’پر ابا پيسا .....!؟‘ حميد جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.
ماستر علي نواز وراڻيو,’پٽ الله مالڪ آهي, پيسا ڪٿان نہ ڪٿان ٿي پوندا. قرض ڪڻبو يا ٻيو ڪجهہ ڪپائبو تہ پيسا اچي ويندا.‘
ماستر علي نواز واڍن طرف ڏٺو, جيڪي غور سان هن پوڙهي جون عجيب ڳالهيون ٻڌي رهيا هيا. ماستر علي نواز مطمئن ٿي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو
’منهنجا ٻچڙو! اوهان جي لاءِ هي هڪ وڻ آهي. نم جو وڻ .... پر مون لاءِ هي امڙ جي گود آهي. ننڍپڻ جو ساٿي آهي. توهان ننڍا ڇاڻو پر مان ڇاڻان ٿو. جڏهن تاڪ منجهند تپندي آهي, آسمان باهہ جا شعلا اڇليندو آهي ۽ ڌرتي

ٽپي ٽامڻي ٿيندي آهي تہ هتي ٿڌڙيون ٿڌڙيون هيرون گهلنديون آهن. منڙي چانوَ ڇٽندي آهي. ماڻهو اچي هتي آرام ڪندا آهن، توهان کي خبر آهي؟ غريب ماڻهن جي لاءِ هن قسم جا آرامده وڻ ايئرڪنڊيشن هوندا آهن، جتي غريب اچي گرمي کان بچاءُ بہ ڪندا آهن تہ آرام بہ ڪندا آهن. مان هنن کان آرام کسڻ نٿو چاهيان. هو ڏسو! سامهون پينگهہ ٻڌل آهي، انهيءَ تي اچي ننڍڙا ٻار لڏندا آهن. ننڍڙا ٻار جيڪي معصوم هوندا آهن. مان تن کان خوشي کسڻ نہ ٿو چاهيان.'

ماستر علي نواز خاموش ٿي حميد کي ڏٺو، جنهن جو مطلب سمجهندي حميد کيسي ۾ هٿ وڌو ۽ پيسا ڪڍي واڍن کي واپس ڪيا. هنن ڪجهہ ڪڇڻ بنا پيسا واپس ورتا. هنن سمجهي ورتو هو تہ هاڻي وڻ اصل نہ ملندو. پنهنجا اوزار سنڀالي هو وڃڻ لڳا تہ ماستر علي نواز انهن کي روڪيو ۽ التجائي انداز ۾ چيو،'پٽ! ٿي سگهي ٿو، اوهان اندر ۾ڪاوڙيا هجو. مان معافي جو طلبگار آهيان .... ۽ انهيءَ سان گڏ هڪڙو عرض بہ ڪرڻ چاهيان ٿو.'

'نہ چاچا! اسان ڪاوڙيا نہ آهيون، اوهان عرض نہ حڪم ڪريو.'هاڻي هنن جي لهجي ۾ ماستر علي نواز لاءِ انتهائي احترام هو.

ماستر علي نواز خوش ٿيندي چيو،'پٽ! وڻ وڍڻ،ڪٽڻ ۽ ڪپائڻ اوهان جو روزگار آهي، روزگار ڪهڙو بہ هجي، روزگار آهي پر ڀيلي خدا جي واسطي هڪ خيال ڪيو، هن نم جهڙا ڪارائتا، عام ماڻهن کي فائدي وارا، ڇانودار وڻ نہ وڍو نہ ئي ڪٽيو. اگر اهڙن وڻن جو ائين بي درديءَ سان وڪرو جاري رهيو تہ هيءَ ڌرتي گرميءَ جو گولو بڻجي ويندي.'

'چاچا! اسان تہ نہ وڍنداسين پر چا ٻيا بہ نہ وڍيندا؟ واڍا صرف اسين تہ ناهيون.'

ماستر علي نواز جي چهري تي ڏک جا پاڇا ڪکرن وانگر لهي آيا. اکيون پرجي آيس، ڳري آواز ۾ چيائين،'بيشڪ اوهان صحيح پيا چئو، ڪنهن کي جهلي ڪنهن کي جهلجي؟ ماڻهن کي پنهنجو خيال آهي ڪو نہ ..... خير پوءِ بہ اوهان خيال ضرور ڪجو.'

واڍا واعدو ڪري هليا ويا.

حميد بہ هليو ويو، ماستر علي نواز نم جي وڻ کي ٽيڪ ڏيون ويٺو رهيو. سج بہ ٽي ڪانا مٿي چڙهي آيو. آهستي آهستي ڌنار، نوٽڻ ڪيڏندڙ پوڙها، پينگهہ تي لڏندڙ ننڍڙا ٻار ۽ هڪ اڌ ٻيا ماڻهو بہ ايندا رهيا. ڪجهہ گهڙين ۾ ئي نم جي هيٺان ڇهڇٽو مچي ويو. زندگي آرس ڀڃي، حسين روپ ۾ جاڳي پئي. مٿان ٻاراهي پنهنجي ننڍڙن ٻچڙن کي ڪاڌو ڏئي وري 'ڦر ڦر' ڪري اڏامي پئي وئي.

ماستر علي نواز پنهنجي اندر ۾ عجيب قسم جي خوشي ڦهلجندي محسوس ڪئي. هن کي پنهنجي جسم جي رڳ رڳ ۾ چين ڦٽندي محسوس ٿيو. مٿان هڪ پڪل نموري ڇٽي اچي ماستر علي نواز جي جهول ۾ ڪري، ڇٽڪ سندس ننڍپڻ جي ساٿي سندس شڪريو ادا ڪيو هجي. هُن پڪل نموري کڻي وات ۾ وڌي ۽ چوسڻ لڳو. اکيون ٻوٽي ڇڏيائين. هن جي چهري تي انتهائي خوشيءَ ڀريو اطمينان هيو.

## خوف جي پاڇي هيٺان آيل نوجوان

سيف الحق سيف

هُو صبح جو اٿيو تہ هن کي ڪجھ بدليل هئڻ جو احساس ٿيو. چلھ تي هٿ سيڪيندڙ گھر وارن جي چهري تي اُهي خوشيءَ ۽ بي فڪري وارا تاثر نہ هيا، جيڪي هُو هر روز صبح جو سوير اٿڻ سان ڏسندو هو. سڀ ياتي ٻارن سوڌو خاموش ويٺا هيا، ائين پئي لڳو تہ ڪنهن وڏي ڳالھ تي ڳالهائي ڳالهائي هاڻي ٿڪجي چپ ڪئي هيائون. انهيءَ ڪان اول جو هُو ڪجھ ڪڇي، ماڻس ٻڌايو،

’ابا پنهنجي پاڙيسري ادي غلام جي پٽ بشير کي رات ماري وڌائون.‘

هُو سڄو لرزي ويو ... اندر ئي اندر ۾ ڏڪي ويو ... هڪ وڏو زلزلو آيو، جنهن نہ صرف هن جي جسم جي هر حصي کي لوڏيو پر جهوري بہ ڇڏيو. هونئن بہ هن ائين محسوس ڪيو هو تہ هن جو جسم گوشت جو نہ پر مٽيءَ جو ٺهيل ڪو ٺُل هو.

هن وڌيڪ ڪجھ پڇڻ ۽ ٻڌڻ نہ ٿي چاهيو پر ماڻس هن جي اندرين حالت کان بي خبر ٻڌائيندي رهي، ’ويچاري تي ڏوهي ڏني اٿائون ... نازل پنهنجي پيڻ سان ..... توبھ توبھ ... اسان کي ويچاري بشير جي خبر آ ... اهڙو شريف چوڪرو ڳوٺ ۾ وري ڪو ٻيو پيدا نہ ٿيندو .. اهڙي ماڻهو تي بہ ... اهڙو ڪارو چٽو .. توبھ قيامت جا آثار آهن، ٻيو ڪجھ ناهي پٽ...!‘

هن جو ساھ گُھٽجڻ لڳو. هن کي محسوس ٿيو تہ گھر ننڍو ۽ سوڙهو ٿي ويو آهي ۽ وڌيڪ سوڙهو ٿيندو ٿو وڃي .... ائين محسوس ڪيائين، ڄڻ رڳون سُڪي ڪڙڪ ٿي ويو هجنس ... اجهو ٺڪاءُ ٿيندو جئين هينڊ گرنيڊ ڦاٽي پئي. انهيءَ ڌماڪي سان گڏ هُو پاڻ بہ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو ... ڌماڪي سان ٻيا ماڻهو بہ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندا .... سوچيائين، ’جي ٽڪرا ٽڪرا نہ بہ ٿيا تہ بہ ڌماڪي تي لرزي ضرور ويندا .... تي سگهي ٿو ڪو دل جو مريض هجي ۽ هڪ ماڻهو جو بم وانگر ڦاٽندڙ مٽو ڏسي ... دل جي دوري سان ختم ٿي وڃي...‘

هُو ٽڪڙا ٽڪڙا قدم کڻندو هلندو رهيو. ساھ تي ٻوسٽ ... هُو پنهنجو پاڻ تي سوچڻ لڳو، ’چو تي ويو آهيان ....ائين؟ جڏهن تہ ٻيا ماڻهو خون جي خبر کي عام رواجي خبر .. جهڙوڪ ... رونبي لاب، مال متاع، وٽج واپار ۽ ٻين عام قسم جي خبرن جيان ٻڌي وساري بہ ڇڏين. ‘

’سامهون وحيد پيو اچي ... ڪيڏو نہ خوش ۽ بي فڪر آهي .. ڇڻ خون ٿيو ئي ناهي ...‘ هُو سوچيندو رهيو. هن سان اها حالت ننڍپڻ کان وٺي هئي ...جو بہ قتل ٿيلن جا لاش ڏٺا هيائين ... هڪڙو لاش مرد جو ۽ ٻيو عورت جو هو. ٻنهي پسند جي شادي ڪئي .. هڪڙو ٻار بہ ٿيو هين ... پنهنجي شهر گهمڻ آيا تہ وارثن هنن کي ماري ڇڏيو هو ... هن لاش گڏهہ گاڏي تي ويندي ڏٺا ها ... ڪيئي ڏينهن هو ننڊ ۾ خوفزده بہ رهيو هو، رات جو اڪيلو ڪمري ۾ بہ نہ ويندو هو. رات جي اوندهہ کان بہ پئو ٿيڻ لڳو هيس ... ائين محسوس ڪندو هو تہ ڪو پويان اچي .... ٻڪ هٽي وات تي هٿ ڏيندو ۽ بنا رڙ نڪرڻ جي خاموشيءَ سان ختم ڪري ڇڏيندو.

گهٽي، چونڪ يا دڪان تي ... تازي ٿيل خون جون ڳالهيون پئي هليون .. ماڻهو ڳالهيون اهڙي نموني ڪري رهيا ها، ڄڻ تہ قتل پاڻ ڪري آيا هجن ... يا وري قتل ٿيندي ڏٺو هجائون. لباڙي قسم جا همراهہ تہ ڳالهہ کي ڪٿان ڪان ڪٿي پئي ڪٽي ويا. ٻين کي متاثر ڪرڻ لاءِ ڳالهين جو ’تاجي پيتو‘ اهڙو تي ڪيائون جو ٻڌندڙ جا واڇ ئي وڃي پئي ويا. هن کي چڙ اچڻ لڳي. دل چاهيس تہ سيني کي پڪڙي، ميلن جا ميل ڊوڙائي ڊوڙائي ساٿو ڪري وجهي. يا وري سيني جا چپ سُئي سڳي سان سبي ڇڏي تہ جئين ڪو ڳالهائي نہ سگهي!

هو ڳوٺ کان ٻاهر نڪري آيو. ڪچي سڙڪ تي هلڻ لڳو. جيڪا شهر طرف ويندڙ پڪي روڊ طرف پئي وئي. ور وڪڙ ڪائيندڙ سڙڪ ... هن کي ڊگهي ازدها نانگ وانگر لڳي. خوف ٿيس تہ اجهو اها سڙڪ کيس ڏنگ هٽي ماري وجهندي.

هن بشير جو چهرو تصور ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پر بشير جي چهري بدران پنهنجو ئي چهرو اڀري آيس. جيڪو ڪهاڙين سان چچريل هو. هن کي پنهنجا ٻيا عضوا بہ هڪ ٻئي کان ڌار محسوس ٿيا. لڱس تہ ٽنگون، ٻانهون، منڍي، اکيون، نڪ، وات ۽ ڪن سڀ جا سڀ ڪٽيل آهن ۽ هيٺ ڪرڻ وارا آهن ....!

پڪي روڊ تي پهتو تہ ڪجهہ گهڙين بعد هڪ ويگن آئي، جنهن ۾ هو چڙهي ويٺو. هن جي خيال پرسان ويٺل ٻن همراهن جي ڪچهري طرف ٿي ويو. هُو بہ اتفاق سان .... ڪنهن تازي ٿيل خون تي ڳالهائي رهيا هيا. هنن جون ڳالهيون ٻڌڻ سان هن جي وحشت وڌندي پئي وئي.

’ادا! همراهہ تہ جوان مڙس هيو پر گوليون کائي ويس، ميڄالو ئي نڪري آيس ... سڃاڻڻ لائق نہ رهيو هو....‘ هڪڙو همراهہ ٻئي کي ٻڌائي رهيو هو. هن جي وحشت وڌڻ لڳي. سوچيائين:’ٻنهي همراهن کي منڍيءَ کان پڪڙي دريءَ کان ٻاهر ڦٽو ڪري (جيڪا هونئن ئي شيشن کان خالي هئي) يا وري خود انهيءَ دري مان ٻل ڏئي لهي وڃي ...‘ هن کي ڪاوڙ پئي آئي تہ هنن ٻين موضوعن تي ڳالهائڻ بدران رڳو، انهيءَ موضوع تي پئي ڳالهايو .... سو بہ اهڙي نموني جو ٻڌندڙ جي دل ڏرڻ لڳي. خيال مٽائڻ لاءِ هن شيشي کان خالي دريءَ کان ٻاهر ڏٺو ... جنهن مان هوا بنا روڪ ٽوڪ جي اندر اچي مسافرن کي سٽيندي وري ٻئي طرف کان ڪراس ڪري پئي وئي ....ٻاهران ايندڙ هوا تي دريءَ لڳ ويٺل پوڙهو ڪرڙيءَ وانگر ڏڪيو پئي، هوا جي تيز جهوٽن تي پوڙهي جي جهونين اکين مان پاڻي وهيو پئي. پر انهيءَ جو احساس گاڏيءَ وارن کي بلڪل بہ نہ هو. هنن کي پنهنجي ڪرائي ۽ ڪمائي سان ڪم هو.

هن پوڙهي کان نظرون هٽائي ٻاهر ڏٺو. ساريون پچي چڪيون هيون. اس ۾ سنگ سون وانگر پئي لڳا. لابارو تي رهيو هو، لابارو ڪندڙ ماين جا ٻارڙا ٻنن تي راند پئي ڪيڏيا. هن جو خيال وري پرسان ويٺل همراهن جي ڳالهين طرف ٿي ويو. ائين پئي لڳو تہ هنن جو مقصد پاڻ ۾ ڪچهري ڪرڻ نہ هو پر ويٺل مسافرن کي ڊيڄارڻ هو. ٻين دل ۾ خوف محسوس ڪيو الائي نہ پر هي اندر ۾ ڏڄي ويو هو. هن جي چڙ وڌڻ لڳي. سوچيائين:’ڪاش ماڻهوءَ ۾ بہ چينل تبديل ڪرڻ جو ٻٽڻ هجي ها تہ هو ضرور هنن ٻنهي همراهن جي ڪچهريءَ جو چينل، ٻٽڻ دٻائي تبديل ڪري ڇڏي ها ...‘

هن جي ذهني دٻاءَ ۾ واڌارو ٿيڻ لڳو، پر اها بہ هن جي پلائي جو گاڏي شهر پهتي هئي. هي تڪڙ ۾ لهي پيو، هو هلڻ لڳو. هلندو اچي هڪ هوٽل تي ويهي رهيو. فلم هلي پئي.پيار جو گانو هو. هُو ٻُڌڻ سان گڏ ڏسندو بہ رهيو.پنهنجو پاڻ بهتر ٿيندي محسوس ڪيائين اڳ ۾ ڪڙڪ ٿيل رڳون هاڻي ڍريون محسوس ڪيائين، پر ٿوري جهٽ لاءِ ... ٻئي لمحي وري هن تي وحشت وڌي وئي. گانو ختم ٿيندي ئي فلم ۾ فائيٽنگ جا منظر شروع ٿي ويا. فائرنگ جا آواز ... چاقن جا چمڪا ... مرندڙن ڪان وهندڙ رت ...

توڙي جو اهو سڀ ڪجهہ هٽرادو هو پر هن کي بلڪل حقيقي معلوم ٿيو .. هن جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي. دماغ جون رڳون ريڙ جيان ڇڪجي ويس ... دل چاهيس تہ ٽيليوزن کي پيچي ڇڏي پر ائين ڪرڻ بدران ٽيليوزن کي پونڌ ڏئي، اُٿي ڪڙو ٿيو ... هن جي اهڙي حرڪت تي ٻين ويٺلن جي چهرن تي اچرج ۽ ڪجهہ نہ سمجهڻ وارا تاثر اڀري آيا. هڪ اڌ همراهہ مرڪي بہ پيو. پر هي بي خبر هوٽل کان ٻاهر نڪري آيو. هوٽل ٻاهران ٽريفڪ ساڳئي انداز ۾ ساڳئي ئي گوڙ سان جاري هئي .... ڪارون، موٽر سائيڪلون، ڊاٽسنون ... انهن جي سائيلينسرن مان نڪرندڙ دونهون ... هن جو ساهہ ٻُوساٽجڻ لڳو.

پرسان لنگهندڙ اخباري هاڪر رڙ ڪئي،’اڄ جي تازي خبر ....سائين ...ڪراچيءَ ۾ بم ڌماڪو ... پنجونجاهہ ماڻهو مارجي ويا .... اڻتيهہ زخمي.... قبائلي جهيڙي ۾ هڪ ئي گهر جا ڏهہ ماڻهو قتل .. سائين .. مڙس زال کي کهي ڇڏيو ..ڪن، نڪ چپ بہ ڪٽي ڇڏيائين....‘

پرتي ويندڙ اخباري هاڪر جو آواز هن جي ڪنن ۾ گرم شيهي جيان لهي دل تائين پهتو. خوف جو اثر وڌي ويس. سيني گاڏين جا سائيلينسر هن کي بندوق جا منهن لڳا ... جيڪي هن طرف سڌا هيا.موٽر سائيڪلن، چنگچين ۽ رڪشائن جا آواز هن فائرنگ وانگر محسوس ڪيا. هن پانيو تہ انهن مان بي شمار گوليون نڪري هن کي گيچڻ ڪري ڇڏيو آهي. هن سڄ طرف ڏٺو، انهيءَ مان رت ٽمندي محسوس ڪيائين. رڙ نڪري ويس.

’مار .... سڄ بہ قتل ٿي ويو .... ڪيڏو تہ ان مان رت ٽمي پئي ....‘

هُو ڊڪندي رڙيون ڪرڻ لڳو،’ سڄ قتل ٿي ويو آهي ..... رات چنڊ بہ مارجي ويندو ..... سپاٽي ڪڪر پرجي ايندا .... رت جو مينهن وسندو پر مان ڏسي نہ سگهندس .... چو تہ بيشمار گوليون مون کي پروڻ ڪري ڇڏيو آهي .....‘

آس پاس ۾ بيٺل ماڻهو چرڪي پيا. هنن سڄ طرف ڏٺو، اُهو سلامت هو ۽ پنهنجي سموري طاقت سان چمڪيو پئي. ٻئي لمحي سيني جي چهري تي شرمندگي لهي آئي تہ هُو خوامخواهہ هڪ چري جي ڳالهہ تي چرڪي پيا. هڪڙي ريڙهي واري، جنهن گراهڪ کي خراب ۽ پاروتا صوف نوڪيا پئي، تنهن شڪي لهجي ۾ گراهڪ کي چيو،’ويچارو چريو هو ڪو...‘



عباس ڪوريجو نہ فقط هڪ ڪهاڻيڪار آهي پر سماجي ڪارڪن، سنڌي دوست، معزز استاد ۽ هڪ اعليٰ آدرشي انسان پڻ آهي.
عباس ڪوريجو سان گهرائپ انٽرنيٽ ڪيفي هئڻ دوران ٿي، جتي سنڌي ويب سائيٽون ڏسڻ ۽ پوءِ اڳتي هلي پنهنجون ويب سائيٽون ٺاهڻ لڳاسين ۽ هاڻي منزل اجا اڳتي آهي.
منهنجي پياري ڪهاڻيڪار دوست جو جنم پهرين مارچ 1983ع تي ڳوٺ ڪوريجا ۾ ٿيو. مختلف اسڪولن، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي" ايم ـ اي" پاس ڪئي اٿس. مختلف غير سياسي تنظيمن ۾ ڪم، ٽيچنگ ۽ انٽرنيٽ سنڌس مشغوليون آهن.
عباس ڪوريجو جي ڪهاڻين جو مجموعو 'چنڊ پيرن هيٺ' 2005ع ۾ ڇپيو، سنڌس ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ساهه ۾ سانڍڻ جهڙيون آهن، هن جي ڪهاڻين جا ڪيترائي ڊائلاگ ۽ منظر اسان دوستن کي پهرين پيار وانگر ياد آهن ........ ۽ اسان انهي پيار کي نہ وساريندي پر اميد آهيون تہ سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ بهترين تخليقون پڙهڻ لاءِ ملنديون رهنديون.

**ضمير گوپانگ ـ قنبر**

## ڪاش مان ڪهاڻيڪار هجان ها!

### عباس ڪوريجو

ڪاش!مان ڪهاڻيڪار هجان ها تہ انهن سيني ڪردارن تي ڪهاڻيون لکان، جيڪي منهنجي اڳيان ڪهاڻيءَ کي وڪيريندا رهيا آهن. سياڻن سچ چيو آهي تہ ڪک هيٺان لک آهي پر ان لک پنيان لک ڪهاڻيون آهن، ڪاش مان ڪهاڻيڪار هجان ها تہ انهن سيني ڪردارن تي ڪهاڻيون لکان ها، جيڪي مون اڳيان تڙپيا آهن، معمو رهيا آهن

۾ مرڪيا آهن. مان ڪهاڻيڪارن ڪي استدعا ٿو ڪريان تہ انهن ڪردارن تي ڪهاڻيون لکن جن وٽ اڪيچار ڪهاڻيون آهن.
مان ڪهاڻيڪار هجان ها تہ لعلڻ تي ڪهاڻي لکان ها، لعلڻ ٽنگن کان معذور فقير آهي، گرميءَ جي مند ۾ ڪنهن پٽ جي ڇانوَ ۾ ويهي رهندو، سردين ۾ جتي دل چوندس اتي ويهي رهندو، پراڻي ۽ ميري گوڏ ۾ ڪاري قميص پاتل هوندي اٿس، جنهن جي آڏو واري کيسي ۾ ڳاڙهو ڌاڳو بيڙين جي پڙي، خالي ۽ ڀريل ماچيس ۽ چار پنج سگريٽ پيل هوندا اٿس، چائي چم کان معذور هجڻ ڪري ڳالهائي بہ ناهي سگهندو، بس ڪڏهن ڪڏهن ’الله الله‘ پيو جهونگاريندو آهي. بيڙيءَ جو ڪش هٽندو تہ دونهون ڪفن بڻجي هن جي منهن جي چوڌاري پکڙجي ويندو آهي، سدائين ڪنهن اونهي سوچ ۾ گم رهندو آهي، ڪڏهن کِليو تہ سڄو ڏينهن کِلندو ۽ ٺمڪ ڏيندو رهندو ۽ ڪڏهن رنو تہ سڄو ڏينهن روئندو رهندو، ماني پيي نہ کائيندو. هن جي اکين مان ڳوڙها نہ وهندا آهن هن جي اکين مان حسرتون وهنديون آهن.
مان ڪهاڻيڪار هجان ها تہ ان پنهنجي مشڪي رنگ جي ڳوٺائي تي بہ ڪهاڻي لکان ها جنهن کي اداڪاريءَ جي شوق ڪراچي پهچايو.
’ڪراچي تمام وڏو شهر آهي.‘ مون کيس ڪراچي وڃڻ کان اڳ چيو هو.
’ڪراچي ڪيڏو بہ وڏو شهر ڇو نہ هجي پر منهنجي دل جي شهر کان ننڍو هوندو‘ هن چيو هو.
ٽن سالن تائين هو ڪراچيءَ ۾ هو، هڪ گرم ڏينهن ۾ هُو ڳوٺ موٽيو هو، گهٽيءَ ۾ مليو، ڀڪر ۾ چم هو، مونکي ڏسي روئي پيو هو.
’ڏي خبر، ڪراچي آهي نہ وڏو شهر؟!‘
ڊيڪر ڏئي روئي پيو، روئندي روئندي چيائين:
’ڪراچي تمام ننڍو شهر آهي، دل جو شهر تمام وڏو آهي.‘
’پوءِ روئين ڇو پيو؟!‘
’يار! ڪراچي تمام ننڍو شهر آهي، دل جو شهر تمام وڏو آهي، جتي سوين ڪراچيون آباد ٿي سگهن ٿيون پر جڏهن اتي مطلب جا شهر آباد ٿين ٿا تہ خلوص جي جهوپڙيءَ لاءِ بہ جڳهہ نٿي بچي.‘
مان ڪهاڻيڪار هجان ها تہ ان چاليهہ سالن جي بي اولاد پاڙيسرڻ تي بہ ڪهاڻي لکان ها، جيڪا دري کولي پنهنجي پاڙي جي ان گهر ۾ ڏسندي رهندي آهي، جنهن ۾ رهندڙ ڏهن انگ اُگهاڙن ٻارن کي سندن ماءُ ٻهارو ڪڻي ڊڪائيندي وتندي آهي.
هوءَ پنهنجي خالي جهولي ڏسي ڪيترو تڙپندي هوندي، اهو اندازو ڪو ڪهاڻيڪار ئي لڳائي سگهي ٿو، انهن احساسن کي لفظن جو روپ ڪو ڪهاڻيڪار ئي ڏئي سگهي ٿو.
مان ڪهاڻيڪار هجان ها تہ ان ايم اي پاس ٻڪرار تي بہ ڪهاڻي لکان ها، جيڪو بيورو ڪريٽ ٿيڻ جا خواب ڪڻي نڪتو هو ۽ فقط ڪريڪ ئي ٿي سگهيو هو. پٽس هڪ ڏينهن چيو هئس:
’پئسا ڏئي پندرهين سورهين جماعت تائين پڙهايو اٿمانءِ، هاڻي ان ماڻهين سرڪار کي چئو تہ نوڪري ڏيئي نہ! گاڏين ۽ بنگلن جا خواب ڏنا هيئي ، پيگل سائيڪل بہ اٿئي گهر ۾؟!‘
’بابا! نيٺ هڪ ڏينهن تہ خواب پورا ٿيندا!‘
’چورا! مون وٽ ايترا پئسا ناهن جو اجا تنهنجا خرچ ڪڻان، گهر ۾ ٻڪريون بيٺيون اٿئي، سياڻي چارڻ لاءِ ڪاهي وڃان!“

پئي ڏينهن ٽاڪ منجهند جو منڊڪائيندو ٻڪريون ڪاهي اچي رهيو هو، پچيومانس ته ٻڌائيئين ته ڪنڊو لڳو هئس.
’ڪنڊن ڪي ڪهڙي خبر ته هي ٻڪرار ايم اي پاس آهي.‘ طنزيه ٽي چيو هيو مانس، هن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هو، اڄ به نوڪريءَ جي انتظار ۾ جهنگ جي ڪنڊن سان مهاڏو اٽڪائيندو اچي پر ڪنهن پٽيوالو ڪري رکڻ جي به حامي ڪونه ڀري اٿس.
مان ڪهاڻيڪار هجان ها ته ان ڇوڪري تي به ضرور ڪهاڻي لکان ها، جنهن کي آرمي ۾ وڃڻ جو جنون هئو، پنهنجي قميص کي شلوار ۾ اندر وجهي پيو بل ٽپا ڏئي ٽريننگ ڪندو هو. آرمي ۾ ريڪروٽ ڀرتي ٿي ويو، محنت ڪيائين، لانس نائيڪ پوءِ نائيڪ ٿي ويو، بارڊر تي جهڙپن ۾ وڙهيو، سياچين تي به هڪ سال جي ڊيوٽي ڏئي آيو.
خواهش هئس ته هيلي ڪاپٽر تي چڙهي ڳوٺ اچي ۽ ڳوٺ وارن جي عزت وڌائي.
نيٺ هڪ ڏينهن هن جي خواهش پوري ٿي وئي، هو هڪ نه پر ٻن هيلي ڪاپٽرن ذريعي ڳوٺ پهتو هو پر هو ان دفعي ڳوٺ کي پنهنجي اکين سان ڏسي نه سگهيو هو، هو ڪارگل تي وڙهندي شهيد ٿي ويو هو، سندس فوجي ڪيس دفنائڻ لاءِ کڻي آيا هئا.
مان ڪهاڻيڪار هجان ها ته ان پوڙهي اديب تي به ڪهاڻي لکان ها، جنهن ساري ڄمار ڪتابن جي ڀنن کي اٿلائيندي گذاري ڇڏي، ڪتابن جا انبار گڏ ڪيائين، ڪتابن جي اکرن ۾ نظر گم ڪري ڇڏيائين، ڍاڪو ڪتاب پنهنجا به لکيائين، معاشي مسئلن جي ڪري ڇپرائي به نه سگهيو.
هاڻي سندس اکين عادتون ساڳيون آهن پر نظر ڪجهه به نه ايندو اٿس.
هڪ ڏينهن ڪينجهر جي ڪپ تي ويهي ڪينجهر کي چيو هئائين، ’اکيون ته ساڳيون آهن پر اها ديد هاڻي ڪونهي.‘
ڪاش مان ڪهاڻيڪار هجان ها ته انهن سيني ۾ اهڙن ٻين انيڪ ڪردارن تي ڪهاڻيون لکان ها.
جن جي ڪهاڻين ۾ ڪهاڻيون آهن.
ڪهاڻي لکڻ لاءِ هڪ ڪردار پروفيسر جي ان ڌيءُ جو به آهي، جيڪا پنهنجي پيءُ کي اهو احساس ڏياريندي رهي ته هوءَ سندس ڌيءُ نه پر پٽ آهي، ڇوته پروفيسر کي پٽ جو اولاد نه هو.
هوءَ سدائين مرداڻي انداز ۾ رهي ، پينٽ شرٽ، جينز پائيندي، وار به مرداڻي انداز جا رکائيندي، ڳالهائڻ جو انداز به مرداڻو ٻڌائيندي هن جو ننڍپڻ گذريو.
جڏهن به پيءُ سان ملندي ته هڪ جوان پٽ وانگر ، ڪچهري ڪندي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گم ٿي ويندا، ننڍ ايندس ته پيءُ کي چوندي:
’بابا! مان هاڻي هلان ٿو.‘
’ڀلو پٽ تون هاڻي وڃي آرام ڪر.‘
ڪيترا ئي رشتا آيا پر هن پيءُ سان انڪار ڪري ڇڏيو ، ’بابا ! مان شادي نه ڪندسُ!‘
’پٽ! شادي ته هر عورت يا مرد کي ڪرڻي هوندي آهي.‘
’ بابا! قلندرن ته شادي ڪونه ڪئي هئي، مان به قلندري رمز جو علمبردار ٿيندسُ.‘
’پٽ! قلندر ۽ عام ماڻهو ۾ فرق هوندو آهي.‘
هن نه مڃيو هو ۽ پروفيسر ڪجهه وقت لاءِ خاموش ٿي ويو هو.
هڪ رات جڏهن پروفيسر تعليم جي سيمينار ۾ شريڪ هو ۽ رات جو دير سان ورڻو هو.
پاڙي جا اوباش ڇوڪرا هن جي گهر ۾ ڪاهي پيا هئا ۽ اجتماعي طرح هن جي ڌيءُ کي عورت بڻائي ڇڏيو هئائون.

جڏهن مٿيان سڀ ڪردار مون آڏو ڪلندا، روئندا ۽ معمو بڻجندا آهن تہ منهنجي دل مان ٿڌو ڇوڪارو نڪرندو آهي تہ:
’ڪاش ! مان ڪهاڻيڪار هجان ها.‘

## چيني جي عظيم ديوار

عباس ڪوريجو

مهينو ڪن مس ٿيو هوندو جو چينو لڏي اچي منهنجي پاڙي ۾ وينو هو، ماڻهو صفا دلبر آهي، پاڙي جي هرهڪ ننڍي وڏي سان ٺهڪ ٺپاڪ اٿس، ٻارن ۾ ٻيهندو تہ صفا ڇڻ ڪو ٻار، وڏن ۾ ويهي تہ وڏو. ڳالهين ٻڌائڻ جو ڳهير آهي باقي ٻڌڻ واري شعبي ۾ نل آهي، هڪ ڪن ڪان ٻڌي ٻئي ڪن ڪان ڪڍي ڇڏيندو آهي، ڳالهيون ٻڌائي ٻڌائي ڪيترائي راز بہ ٻڌائي ويندو، ڪجهہ هجائتي ’پڳل پاندارو‘ بہ سڏيندا اٿس، جيئن تہ پڳل پانداري مان آسانيءَ سان سانديِ رڪيل موڙي ڪڍي سگهجي ٿي، تيئن چيني جي دل جا راز بہ ٻڌي سگهجن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪپڙي جي ٿان جيان ويندو ڪلندو ۽ جيئن ايندس ويندو چوندو. هڪ دفعي تہ پنهنجي ڏاڏي کي بہ نہ بخشيائين:
’منهنجو ڏاڏو بہ ٻاگڙياڻي پڇائي آيو هو، مسلمان تہ ڪيو هئائينس پر نڪاهہ جي پڪ نٿو ڏئي سگهان.‘
چينو’ڇڙا ڊپارٽمينٽ‘جو ماڻهو آهي پر ڪجهہ وقت اڳ ’سگهرا ويلفيئر ايسوسيئيشن‘ ۾ ميمبر شپ لاءِ فارم جمع ڪرايو هئين، منهنجو مطلب آ تہ مڱڻي ڪئي هئين!
ها سو ڳالهہ پئي هلي چيني جي لڏي اچڻ جي، چيني کي منهنجي پاڙي ۾ جيڪو گهر مليو هو سو تہ پڪ سري هيو پر ڪمپائونڊ وال ڪچي ۽ موئن جي دڙي جيان ڍهندڙ پئي لڳي. هن کي ڏاڏي اڻ ٺڻ لڳل هئي تہ هو اها پت پڪي ڪرائي ڇڏي جيئن هو ۽ سندس ٻاگڙياڻي ڏاڏي پنهنجي ملڪيت سميت محفوظ ٿي وڃن. سندن ملڪيت هڪ مينهن، هڪ پيٽي، بہ ڪتون، ٽي دلا ۽ مٽ، بسترن ۽ ٿانون تي مشتمل آهي. پيٽيءَ ۾ چيني جي ڏاڏي جي حياتيءَ ۾ ڳڏ ڪيل ملڪيت هئي، جيڪا هن لڏي ويل واٽين جي زمينن تي قبضا ڪري حاصل ڪئي هئي. چينو ۽ سندس ڏاڏي ان ملڪيت جا مالڪ هئا، چو تہ چيني جا ماءُ پيءُ زلزلو اچڻ ڪري سندن پراڻي جڳهہ جي ڪرڻ سبب هيٺان اچي مري ويا هئا، چينو ٻاهر ڪرڪيٽ کيڏڻ ويو هو ۽ سندس ڏاڏي صحن ۾ ويٺي ڪچيءَ جي پنن مان نئون ٽڏو تيار ڪري رهي هئي، چيني جو ڏاڏو اڳوات ئي قبر ۾ پيل هو.

چيني ۾ سندس ڏاڏي ڪي مزو بلڪل نہ آيو، تنهن ڪري اتان لڏي اچي منهنجي پاڙي ۾ وينا هئا.

چينو خوش مزاج آهي، جيسين مون پرکيو آهي تہ گهري ۾ وسيع سوچ رکندڙ آهي، هڪ ڏينهن رستي ۾ مليو ان ڏينهن جوءِ جو رهزن ڏاڙيل پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو هو. مون کي چيو هئائين: 'ماستر! ماڻهو دبدبو ۽ رعب ويهارڻ لاءِ ڪيڏا نہ خون چوسي ڪن پر جي رب عزت نٿو رکي تہ وڏن وڏن رهزنن جو اولاد بہ 'پنج منٽ' پوئتي ٿي پئي ٿو پر جي رب عزت رکي تہ هوءَ جهنگ ۾ مال چاريندڙ شموءَ جي ڏيءُ بہ صاف اٿئي!'

هڪ ڏينهن تمام تيز بارش وٺي ۽ بارش ۾ چيني جي گهر جي موئن جي دڙي جيان جهريل ڪمپائونڊ وال هڪ هنڌان ڪري پئي، بارش وسي دنگ ڪيو تہ هو مون وٽ اسڪول ۾ آيو ، مان پنجين ڪلاس جي شاگردن کي سبق پارهون 'آفريڪا جا عجائبات' پڙهائي رهيو هئس ۽ عجائبات مان ڦري ليڪچر دنيا جا عجوبا ۽ تنهن بعد 'چين جي عظيم ديوار' تي اچي بيٺو هو، مون شاگردن کي ٻڌايو پئي:

'چين جي ماڻهن ٻاهرين جابرن جي حملن کان بچڻ خاطر ننڍيل ننڍيل ننڍين ديوارن کي پاڻ ۾ ڳنڍي اها عظيم ديوار ٺاهي ، جيڪا چين جي 'شن' گهراڻي جي حاڪم 'شهہ هوانگ تي' جي دور ۾ ٺهي، اها ديوار 25 فٽ اوچي آهي، جنهن ڪري چين جا ماڻهو هميشہ لاءِ ٻاهرين حملن کان بچي ويا.'

چينو ڊيسڪ تي ويٺو منهنجون ڳالهيون غور سان ٻڌي رهيو هو، ايتري ۾ رسيس جو گهنڊ وڳو ٻار اسڪول کان ٻاهر نڪري ويا. چينو منهنجي پرسان سري آيو.

'ماستر! چين جا ماڻهو صفا ٻاهرين حملن کان بچي ويا هئا؟'

'ها چينا! هو نہ فقط ٻاهرين حملن کان بچي ويا هئا پر انهن پنهنجي ثقافت بہ جوڙي ورتي هئي.'

'ماستر! اڄوڪي برسات ۾ منهنجي گهر جي ٻاهرين ڀت بہ ڪري پئي آهي.'

'تہ پوءِ ٻي ڀت ٺهرائي وٺ!'

'ڀت نہ ماستر! اگر چين جا ماڻهو 'چين جي عظيم ديوار' ٺاهي سگهن ٿا تہ هي چينو بہ 'چيني جي عظيم ديوار' ٺهرائيندو.'

ٻئي ڏينهن اسڪول ايندي مون گهٽيءَ ۾ ڏٺو تہ ڪجهہ مذدور چيني جي گهر جي ڪمپائونڊ وال کي ڍاهي رهيا هئا تہ ڪي پنجوءَ کي ڪنڌيري رهيا هئا، چري بہ ڪوتجي چڪي، ٽرئڪٽر وارو سرون بہ لاهي ويو، ٽئين صبح تي بہ رازا ۽ اٺ ڏهہ مذدور ڪم ڪري رهيا هئا، ڏسندي ڏسندي سموري ڀت ڊي پي سي جي سطح تائين نڪري آئي.

چيني کل ٻتاڪ ماني ڪري چڙي هئي، سدائين پنهنجي ڪم ۾ محو رهندو هو. چيني جي ڏاڏي بہ رڌ پچاءَ لاءِ هڪ ڇوڪري پاڙي مان آندي هئي.

ڀت هاڻي لينٽر تائين پهتي، ڏسندي ڏسندي 25 فٽ اوچي ديوار کڄي وئي، مذدورن جو تعداد بہ گهٽجي ويو، چو تہ ديوار کي استر تي رهيو هو، پاڙي جو چڱو اچي لنگهيو، ڪم جي چال ڏسي چوڻ لڳو:

'جنهن ڏينهن غريب جو ٻار دوءُ ڪري ماني ڪائيندو آهي تہ زيان ضرور ڪندو آهي، چيني کي بہ ٻن رپين جي مڱز ۾ هواءِ هئس ، پاڻهي سڌو ٿي ويندو.'

استر مڪمل ٿي ويو ۽ پوءِ پلستر شروع ٿيو، ڪجهہ ڏينهن ۾ چيني جي عظيم ديوار ڪُر ڪٽي بيٺي، نقاش ۽ رنگساز گهرايا ويا، ڪجهہ ڏينهن ۾ انهن نقش چٽيا ۽ ماربل جيان ديوار کي چمڪائي وڌو، خطاطي سان ديوار تي 'چيني جي عظيم ديوار' لکيو ويو، هڪ ڏينهن ڪم هلندي اخبار وارا آيا جن چيني جي عظيم ديوار جون تصويرون

ڪڏهن وڏين سرخين سان خبرون ڇپيون، ملڪ اندر ڌوم مچي وئي، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ انگريز چينو وال ڏسڻ آيو ، انگريز حيران ٿيندي چيو:

’چينو وال هڪ نئون عجوبو آهي!‘

’توهان پهرين موهن جي دڙي کي پنهنجن ڪتابن ۾ تاريخ ۾ عجوبو ڪري مڃيو، لکو ۽ پڙهو ، تنهن بعد ئي چينو وال عجوبو ڳڻجو.‘

’موهن جو دڙو وٽ سنڌي ڌاڪو آهن، جيڪي ڦرلٽ ۽ اغوا ڪري وڃن ٿا، اوهان جي حڪومت اسان کي اهڙا ڌپ ڏئي، اتي وڃڻ ناهي ڏيندي.‘

انگريز چيني کي چيو ۽ پوءِ ڊائريءَ ۾ ڪجهه لکيائين ۽ ديوار جون تصويرون ڪڍي پاڻ سان گڏ کڻي ويو.

چينو پنهنجي ڪمري ۾ اداس ويٺو سوچي ٿو، سندس ڏاڏي جي جمع ڪيل ملڪيت بلڪل پوري ٿي وئي هئي، اجا سندس خواهش آهي ته ديوار جي مٿان منارا ٺهن جيئن ديوار اجا پيي نکري بيهي پر گهر صفا پيينگ هئس، اوچتو ڪيس مينهن ڪپائڻ جو خيال آيو.

’ڇا پيو سوچين چينا ميان!؟‘ چيني جي ٽيڻ واري سهري ڪمري ۾ داخل ٿيندي پڇيس.

’ڪجهه نه چاچا!‘ چيني وراڻيو.

’پٽ!مان تو وٽ آيس ته هاڻي تون شادي ڪر ۽ منهنجي ڪلهن تان بار لاهه، چو ته توکي خبر آهي ته مان هن مهيني سعودي پيو وڃان ۽ شايد نه موٽان ..... منهنجو خيال آهي ته تون شادي ڪري ڇڏ!‘

’پر چاچا! هن وقت مان خالي آهيان ، سڀ موڙي هن ديوار تي خرچ ڪري ڇڏي آهي.‘

’مينهن ته بيني اٿئي نه! پل سادگيءَ سان شادي ڪري ڇڏ، سياڻي جواب ها ۾ ڏجان نه ته مان تنهنجو ڏوهي نه ٿيندس.‘

چيني جو سهرو سندس ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

چينو عجيب ڪشمڪش ۾ هو، هڪ طرف سندس مڱ هئي ۽ ٻئي طرف سندس عظيم ديوار، پر هو فيصلي کان قاصر هو.

’خير آهي! مڙسن لاءِ زالون ڪوڙ..... سياڻي مينهن ڪپائي ’عظيم ديوار‘ جا منارا لڳرائيندس.‘

سوچيندي سوچيندي هن جي گهري اک لڳي وئي.

صبح چينو ۽ سندس ڏاڏي ننڊ مان جاڳيا، چينو ڪمري مان ٻاهر نڪري آيو، سندس عظيم ديوار کي وڏو ڪاٽ لڳل هو، جتان سندس مينهن جي کُرن جا نشان ٻاهر گهٽيءَ ڏي پئي ويا.

www.abbaskourejo.tk

## پنهنجي ڌرتي

**غلام عباس ڪوريجو**

”هيلو“

”هيلو! سيٺ رامو مل از اسپيڪنگ!“

”سيٺ ظلم ٿي ويو قهر ٿي ويو!“

”اڙي وري ڇا ٿي ويو!“

”سيٺ سمجھ تہ ڌرتي ڦاٽي پئي!“

”اڙي زلزلو آيو ڇا!؟ ڪٿي ڌرتي ڦاٽي پئي آ !“

”سيٺ ڪهرام ٿيو تنهنجي گهرا!“

”ڇاٿيو آ منهنجي گهرا؟“

”طوفان آيو ۽ سڀ ڪجھ اڏاري ڪٽي ويو!“

”اڙي تون آهين ڪيرا؟ ڳجهارتون ڇو ٿو ڏين!“

”مان ’ڀولو‘ ڀيو ڳالهايان.....بس ظلم ٿي ويو نہ، ڌرتي اونڌي ٿي وئي نہ، بس....“

”اڙي ڀولا! آخر ٿيو ڇا آهي..... جلدي ٻڌاءِ مان دل جو مريض آهيان.“

”هڪ ڏڪ سان ٽي قضيا.... ٽي لاش تنهنجي گهر پيا ٿي.“

”ڪنهن جا لاش؟؟“

”تنهنجن ٽنهي شارپي ڪتن جا!“

”پر انهن کي ڪنهن ماريو ۽ ڇو ماريو!“

”مان....! ڇو تہ ڪالھ تون منهنجي ٿلهي پيءُ کي چيو هو تہ هن جي شڪل تنهنجي شارپي ڪتن سان ملي ٿي ۽ تون هن کي پنهنجي ٿلهن شارپي نسل جي ڪتن جا فوٽو بہ ڏيکاريا هئا.“

”ها! مان تہ اهو ساڱس ڀوڳ ڪيو هو.“

”تو تہ ڀوڳ ڪيو هو پر بابو ويچارو صدمي ۾ مري ويو. اڄ ڪيس دفنايو آهي.“

”ڀولا! تون ڪوڙ ڀيو بڪين!“

”مان سچ ٿو چوان.... شڪ ٿئي تہ اڄوڪي اخبار پڙهي ڏس، جنهن ۾ لکيل آهي تہ هڪ پوڙهو گرمي جي سٽ نہ سهي مري ويو.“

”پوءِ ڏس نہ تہ هو گرمي جي ڪري مري ويو آهي.“

”شڪر ڪر تہ اخبار ۾ تنهنجو نالو نہ ڏنو نہ تہ ٻچا ٻير تہ چڙهي وڃني ها! ڇو جو هو تنهنجي ئي ڪري مري ويو.“

”پر مان تہ تنهنجي پيءُ کي نہ ماريو!“

”مري تہ تنهنجي ڏنل صدمي جي ڪري ويو نہ.... ياد رک سيٺ تون مون کي يتيم ڪيو آهي مان تنهنجي ٻارن کي يتيم ڪندس، تنهنجي پٽ وڃي ڪمار کي يتيم ڪندس!“

”ڀولا! آخر تنهجو مقصد ڇا آهي!؟“

”منهنجو مقصد آهي تہ تون مون کي بہ ٽي هزار ڏي تہ مان بابي جي جماڻي جي ماني ڪريان.“

***

”هيلو!“

”هيلو! سيٺ رامو مل از اسپيڪنگ.....“

”سيٺ مون کي سڃاڻين ٿو....!“

”بابلا! مان فون تي تنهنجو فوٽو تہ ڪونہ ٿو ڏسان!“
”سيٺ! مان ڪلال مڪراڻي ٿو ڳالهايان.“
”اڙي ڪلو خوش آهين، ماڻهين پٺمين خوش آهن!؟“
”سيٺ! تو سنو ناهي ڪيو!“
”اڙي بادشاهہ! مان ڇا سنو ناهي ڪيو؟“
”سيٺ! تو تي ڏينهن اڳ منهنجي ماءُ کي اوڊر تي ڪپڙو نہ ڏنو هو!“
”اڙي بادشاهہ! توهان ڏي اڳيان پئسا بہ رڪت ڪيل آهن. اهي ناهن مليا!“
”سيٺ! ۽ مان جو توکان ڇئن مهينن جي ’منٿلي‘ ناهي ورتي.“
”ڇڱو ڇڱو بادشاهہ ڪلو! ماڻهين کي موڪل تہ هزار جو ڪپڙو وٺي وڃي ..... ڇڱو .....نمستي!!“

***

”هيلو السلام عليڪم!“
واليڪم السلام! سيٺ..... رامو مل از اسپيڪنگ!“
”سيٺ! مان سجو تي ويو آهيان، ڌنڌي ۾ مزو ناهي!“
”هائو، وزير ڇا حال اٿئي!؟“
”سيٺ! گهر جا خرچ وڌي ويا آهن، ٻنهي گهر وارين سان پڇي نٿو سگهان!“
”تہ پوءِ هڪڙي يلا ڪپاءِ!“
ڪا ڇڱي پارٽي جاچي ڏي ڪپائيندو مانس!“
”گهٽا ڏوڪڙ وٺندين!“
سودي تي نهي تا پئون پر هڪڙي ڳالهہ ٻڌ ......اٺ ڏهہ ڏينهن اڳ مان ڪوهہ مري ويو هئس. تنهنجو پٽ وڃي ڪمار بہ اتي آيل هو! هڪڙي ڏينهن اتي تارن ۾ لٽڪندڙ دٻن (ڪيبل ڪار چيئر لفٽ) جي هڪڙي دٻي ۾ مان پنهنجين گهر وارين سان گڏ ويٺو هوس تہ منهنجي نظر تنهنجي پٽ وڃي ڪمار تي پئي، جيڪو اڳين ’چيئر لفٽ‘ جي دٻي ۾ ويٺو هو ..... منهنجي گهر وارين کي ڏسي عجيب اشارا ڪري رهيو هو .... مان پيي غلط اشارا ڏنا مانس تہ پوندا ڏيڻ لڳو ۽ خبر اٿئي مون کي غيرت چڙهي وئي هئي، اتي ئي ماريانس ها پر تنهنجي سر ڏي ڏسي ماٺ ڪئي!“
”وزير وڃي کي بہ ڪلاڪ ٿيا آهن دڪان تان لهي ويو آهي، خبر ناهي ڇو دير ڪئي اٿئين، مان پاڻ پريشان آهيان، اڃي تہ سبق سيکاريانس ٿو.“
”سيٺ! توڏي برادري جو منهن اٿئي!“
”هائو ابا وزير پرواهہ نہ ڪر!“

***

”هيلو..... رامو مل!!؟؟“
”جي جي ! رامو مل از اسپيڪنگ!“
”مان ڏاڙيل نظرو ٿو ڳالهايان!“

”خير تہ آهي! بادشاهہ هاٿي جا پروگرام آهي!؟“

”پروگرام؟؟ ها ها ها .... ها ها! وجي سنياليو اٿئي! تہ ڪٽي آهي!؟“

”ہ ڪلاڪ اڳ دڪان تان لهي ويو هو، ٻئي دڪان تان ڪپڙن جا ٿان ڪٽڻ!“

”ها ها .... ها ها! ... آ هاٿي ڳالهائينس، مون وٽ مهمان اٿئي!“

”نمستي پتا.... مان نظرو وٽ آهيان!“

”تون تہ دڪان تان ڪپڙن جا ٿان ڪٽڻ ويو هئين!؟“

”هائو بابا! مان جڏهن پنهنجي دڪان تان لهي، شاهي بازار جي موڙ وٽ پهتس تہ ڪنهن پنيان سڪ ڪري گاڏي ۾ ويهاريو. هاٿي نظرو وٽ آهيان.“

”خير آهي پٽ! پنهنجي ڌرتي ماتا اگر ”ديش پرائو“ ٿي وئي آهي! پوءِ بہ پوڻءِ تہ پنهنجي آهي، جنهن ڪي ماتا چوڻ سان لوڻءَ نري پوي ٿي، جنهن جو ناڻءُ وٺڻ سان ائين لڳندو آهي، ڇڻ زخمن مٿان برف اچي وئي هجي!“

”بابا! نظرو ويهہ لک ينگ گهري ٿو!“

”پنهنجي ڌرتي تي لڪي ساهہ کڻون، اهو پلو آهي ان ڪان جو هتان هليا وڃون.“

”سيٺ رامو مل صاحب! هاٿي مان اوهان جو خادم نظرو ٿو ڳالهايان..... گهٽو ملهہ رکون ’وجي ڪمار‘ جو!“

”جيڪي تون گهرندين ........“

”سيٺ! ويهہ لک مناسب آهن ...... ٿي سگهيو تہ خاص رعايت ملئي! هونئن بہ پئسا نہ ڏيندڙن جا، ويران جڳهن تان لڌل لاشن جا فوٽو تہ اخبارن ۾ جام ڏٺا هوندئي! ائين نہ ٿي جو وجي جو لاش بہ .........“

”نظرو! وجي کي ڪجهہ نہ ٿئجانءِ تون پنهنجي پئسن جو مالڪ!“

”ڏاڍو تڪڙو مجي ورتئي!“

”نظرو ڌرتي جو مون تي قرض آهي، ان جو حصو مان توکي ضرور ڏيندس.“

”چڱو، پوءِ ڪڏهن ٿو ’پکي‘ پڃري مان آزاد ڪرائين!“

”مان ٽن ڏينهن ۾ رقم تو تائين پهچائيندس!“

”.......ءِ ٻڌ چالاڪيءَ جو نتيجو وجي جو لاش ٻڌجي ملندئي!“

”چڱو! سيٺ صاحب، دعائن ۾ ياد!“

”چڱو.....!“

”سيٺ! دعائن ۾ تہ ياد ڪونہ رکندين! باقي پاراتا اٿر نہ تا ڏيکارن ..... چڱو! سدائين گڏ!“

***

”هيلو! ڊي پي او جاويد احمد.“

”هيلو! رامو مل از اسپيڪنگ!“

”رامو مل صاحب! اوهان جو پٽ وجي ڪمار ڪٿي آهي؟“

”وجي!!!؟ وجي شهر کان ٻاهر ويل آهي.“

”توهان وڏي غلطي ۾ آهيو.“

”اهو ڪيئن، ڊي پي او صاحب!؟“

”وجي ڪڏهن ۽ ڪهڙي شهر ويو آهي.“

”وجي ڪالهه نڪري ويو آهي ۽ ٻڌايو نه هئين!“

”وجي ، ڊاڙيل نظروءَ وٽ هو!“

”ڇا......؟؟ نظروءَ وٽ!“

”۽ ڪالهه سڄي ضلعي جي پوليس ڪچي ۾ نظروءَ جي بدنام ٽولي سان مقابلو ڪيو، جنهن ۾ رهزن نظرو پنهنجي انجام کي پهتو ۽ ڏک جهڙي ڳالهه آهي ته هڪ مغوي، جنهن جي سڃاڻپ اوهان جي پٽ وجي ڪمار طور ٿي آ سو به ديهانت ڪري ويو ....

هيلو.....هيلو.....

”هيلو.....هيلو!!؟“

”جي، رامو مل از اسپيڪنگ!“

”توهان فون ڇو بند ڪري ڇڏي!؟“

”بدنصيب پيءُ پٽ جي ديهانت جو ٻڌي ريسور هٿ مان ڪيرائي وڄهندو آهي ..... پر پوءِ به مان خوش آهيان ته شمشان گهاٽ ۾ وجي جي بچيل هڏڙين کي پنهنجي ماتا ڌرتي جي گود نصيب ٿيندي، پنهنجي ڌرتي تي وهندڙ سنڌوءَ جي ڇولين جو قرار نصيب ٿيندو، جيڪو ماتا جي لولين کان وڌيڪ سڪون ڏيندڙ آهي.ڊي پي او صاحب! وجي کي ته پنهنجي ڌرتي جو قرار نصيب ٿيو، باقي رهيو رامو مل، ته ان جو جيڪو نصيب!!‘

www.abbaskourejo.tk

5 جون 1985ع تي اداس شام جو حاجي الھورايو ڪوسي جي گھر ۾ ’اوئان اوئان‘ جي آواز سان ھن بي رحم دنيا ۾ پنھنجي اچڻ جو سوز آلاپيندي جنم ورتم. چٽيءَ جو نانءُ ’عبدالواحد‘ رکيو ويو. اداس شام جو جنم وٺڻ ڪري سانجھيءَ کان وٺي الاءِ ڇو شام کان پيئو ٿيندو رھيو آھي. دل چوندي آھي تہ شام ٿئي ئي نہ.... منجھند کان پوءِ رات ٿي وڃي. ائين وري سياري جي ڊگھين راتين کان بہ خوف ٿيندو آھي. ڪمري ۾ سوڙ وجھي سمھڻ وقت پائيندو آھيان ڄڻ سفيد ڪفن ۾ ويڙھيل، ڪنھن قبر ۾ ستل ھان.

2002ع ۾ ’سنڌ رنگ‘ جي ليکڪن جي ڪھاڻين کان متاثر ٿي، پھرين ڪھاڻي ’اُھا رات‘ لکيم. جيڪا جولاءِ 2002ع جي سنڌ رنگ ۾ ڇپي.

ھر ڪم ڪار ۾ ڏاڍو سست آھيان. (ڪائڻ ۽ رلڻ کان سواءِ) سستائپ ڪري تعليم کي ڏکيي B.A تائين مس آندو اٿم.

ائين ’نذير‘ جي ھوٽل تي ڪا فلم ڏسندي يا قنبر جي گھٽين ۾ رلندي ڪھاڻي ملي ويندي آھي، جيڪا گھر اچي پنن تي اتاري وٺندو آھيان.

نور الحق نور
قنبر
MOB: 0334 2061090

# هتي پيشاب ڪرڻ منع آهي!

نور الحق نور

’ھتي پيشاب ڪرڻ منع آھي.‘

ھُن رات جو ڪاري رنگ سان پنھنجي دڪان جي سامھون واري ديوار تي وڏن اکرن ۾ لکي ڇڏيو. ان لکڻ کان پوءِ ھو ذھني طور مطمئن ٿي ويو تہ ھاڻ ماڻھو پڙھي پت تي لکيل جملو پڙھي ھتي پيشاب نہ ڪندا. جيڪو اڻ پڙھيل ھوندو تہ ديوار تي لکيل اکر ڏسي پاڻ ئي سمجھي ويندو تہ اھا پت تي لکت پيشاب نہ ڪرڻ بابت آھي.

پر ٻئي صبح دڪان کوليندي ئي ھن ڏٺو تہ سندس لکيل لفظن جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو ھو. ھڪ کان پوءِ ٻيو ماڻھو ساڳي رنگ ڍنگ ۾ لاپرواھي سان پيشاب ڪرڻ اچي ويھي ٿي رھيو.

ھن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي اھڙن ماڻھن تي جيڪي تڪڙا تڪڙا اچي قميص جو اڳ مٿي ڪري، چوڙيل اڳت چَڏنِ ۾ ڦاسائي، اوڪڙو ويھي ھن جي دڪان ڏي پٺڙ ڪري پيشاب ڪندا ھيا. ھُو پيشاب ڪرڻ جو سُوسٽ پنھنجي دڪان تي ويٺي صاف ٻڌندو ھيو. گھٽي بچان تڏھن لڳندي ھيس، جڏھن تڪڙ ۾ ماڻھو بي احتياطو اُٿي، ھن ڏانھن اڳ ڪري کيس ڏسندي اڳت ٻڌڻ ٻيھندا ھيا. چڙ ۽ ڪروڌ مان ھي بہ ڪين طنز سان ھيٺان ڏسي جيسين مٿي نھاريندو ھيو تہ ھمراھ بہ رفو چڪر ٿي ويندا ھيا.

’نہ دين جي پاڪائي رھي آھي نہ دنيا جو اخلاق ...‘ پنھنجي منھن پٽڪندو ھو. ’ماڻھوءَ جا نرا ايترا ڪمزور آھن تہ ايترو پاڻي پيئڻ ئي ڇو ٿا! جو گھر ڪان نڪرن ٿا تہ اڳت ۾ ھٿ اٿن ...! پٽسان ...! مجبوري بہ مجبوري، پر ماڻھوءَ کي ڪجھہ تہ اخلاق رکڻ گھرجي .... ڪنڌ پاسي کان وڃي وينو تہ خير آھي، بشر آڏو خچر ڪيڏي وينا آھن ...!‘

لڪت ڪان پوءِ بہ تي ڏينهن ٿيندا جو هڪڙي همراهہ کي فل سوٽ ۾ بيٺل پيشاب ڪندي ڏٺائين. ڏسڻ واسڻ مان لڳس تہ ڪو نئون آفيسر بابو آهي. همراهہ زپ مٿي ڪري پويان رومال ڪڍي هٿ اگهيا تہ هي بہ وڃي سامهون چڙهيس.
’ڏسو نتا چا! سامهون پيشاب ڪرڻ جي منع لکيل آهي ...‘ هن ديوار طرف اشارو ڪندي چيو. ’پوءِ بہ توهان جهڙا ماڻهو بيٺا مُتن تہ ....؟‘
همراهہ ساٿس هٿ ملائڻ لاءِ هٿ وڌائيندي،’چاچا ..‘ چيو تہ هُن مُت هاڻي هٿ ڏانهن بچان مان ڏسندي چيو،’ هٿ ڌوتا اٿئہ جو پاڻ وڏي سان هٿ پيو ملائين ...!؟‘همراهہ هڪو ٻڪو ٿيندي، لوٽا هٽندي چيو،’چاچا! ڪاوڙ نہ ڪر، هتي آس پاس ڪا بہ مناسب جاءِ نہ لڌي، نہ تہ مان ائين نہ ويهان ها ....‘ هُن سمجهيو تہ همراهہ ڪجهہ پشيمان آهي پوءِ بہ اندر جي پڙواس ڪڍڻ جو موقعو هٿان وڃائڻ نہ چاهيائين.
’ٻيا تہ جهنگ جا اُٺَ .... جتي آيُن اتي مُتي وجن ... توهان تہ پڙهيل لکيل آهيو، توهان کي بہ خيال ڪونهي ڪو ...!‘
’چاچا! مون عرض ڪيو تہ ٻي جاءِ ....‘
’پاسي واري مسجد ۾ جو ليٽرين نميل آهي...‘ هُن گهٽيءَ پريان نظر ايندڙ مسجد ڏانهن اشارو ڪيو.
’ان کي تہ تالو لڳل هو .....‘
’پوءِ چئو ها نہ ڪنهن کي .... ائين مسجد جي ليٽرين کي تالو هڻي ٿو وڃي ... مُلان جي ڪا پنهنجي ملڪيت آهي چا ...!؟‘
فل سوٽ شخص هُن کي ڪاوڙ مان ڳالهائيندي ڏسندي، ويندي ويندي ڏاڍي ڌيرج سان چيس،’چاچا! مسافر ماڻهو شهر ۾ اچي ڪيترو پريشان ٿا ٿين، توهان جو پاسو بہ ڪنداٿتو آهي، ٿوري جاءِ بہ خالي اٿوَ ... ثواب ٿيندوَ ..... هتي ليٽرين ٺهرائي ڇڏيو.‘
همراهہ تہ وڃڻ لاءِ مُڙي چڪو، پر هُن تي ويتر ڪاوڙ چاڙهي ويو.
’ليٽرين ٺهرايو ... هليو آ خان صاحب صلاحون ڏيڻ ... ليٽرين ٺهرايو ... صاف ڪرڻ لاءِ وري پنهنجي پيءُ کي موڪليندو ...!‘
ڪاوڙ وچان ڦوڪات ڏيندو، دڪان تي چڙهي سلائي مشين اڳيان ويهي رهيل جوڙي کي پورو ڪرڻ لڳو.
ٻہ ڏينهن بعد بہ جڏهن اهڙي نوجوان کي پيشاب ڪري ويندو ڏٺائين تہ دڪان کان هيٺ لهي اچي ٻانهن کان وٺي روڪيندي چيائين،’ٻائو! هي پيشاب ڪرڻ جي جاءِ ناهي، ٻيهر هتي اچي پيشاب نہ ڪجانءِ.‘
نوجوان چڙ مان چيو هيس،’چو ڪاڪا! توکي ڪهڙي تڪليف ٿي!؟‘
ويتر باهہ ٿي ويو. پر پنهنجو پاڻ کي ضابطي ۾ آڻيندي چيائين،’ڏسين نٿو چا، سامهون منهنجو دڪان آهي.‘ وري پٽ طرف اشارو ڪندي چيائين،’ٻ جڏهن تہ پٽ تي بہ لکيل آهي تہ....‘
نوجوان سندس جملو ڪٽيندي چيو،’واهہ ڪاڪا ..... تو بہ واهہ جي جاءِ تي دڪان کوليو آهي. هڪ گهٽي سوڙهي، وري گندگي .... ان ڪري تہ لاڻين جا ٻيا دڪان بند آهن ... صرف تون ...‘جملو ڪٽيندي ورندي ڏنائينس، ’ٻيا دڪان نہ کُلن تہ چا مان پنهنجو دڪان بند ڪيان ...!؟‘نوجوان هٿ ڇڏائيندي ويندي چيو،’مسواڙ شايد گهٽ آهي دڪان جي، نہ تہ گندگي ۾ ڪير اچي کولي ها ... اُڙيو تڙيو ڪو گراهڪ ايندءِ نہ تہ...‘
نوجوان هليو ويو ۽ هُو وَٽان ڪائيندو رهجي ويو.
پنهنجي غربباڻي حال ڪري هُن اهو ئي دڪان کوليو هو. بنسبت ٻين دڪانن جي هن جي مسواڙ ڪجهہ گهٽ هئي. ٻيو نہ تہ اڪثر پاڙي وارا هن وٽ ڪپڙا ڪٽي ايندا هيا. گهٽا ڪپڙا ڪو نہ ايندا هيس جو ٻيو ڪو ڪم وارو بيماري.

البتہ سيزن ۾ هڪ بہ ڪم وارو بيهاريندو هيو. پر جڏهن ڪان گهٽيءَ جي منڍ ۾ هوٽل ڪُليو تڏهن ڪان چانهہ پيئڻ سان همراهن کي پيشاب ورائيندو هيو تہ ڏو هُن جي دڪان اڳيان اوڪڙو ويهي پيشاب ڪري هليا ويندا هيا. اونهاري جي بنسبت سياري ۾ چهن ستن چِٽڻ جي لائين لڳي ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪو ٻار يا پوڙهو هنگي بہ ويندو هيو. هُو وَٽان ڪائيندو رهجي ويندو هو.

جڏهن ديوار تي منع واري لکت باوجود بہ ماڻهو نہ مُڙيا ..... تہ هُن هڪ رات ڪارو ڏامر هٿن تي هٽي پٽ تي بہ ٽي پوندڙا ناهي چڏيا. ان اميد سان تہ ماڻهو هاٽي پوندڙا ڏسي شرم کان پاٽي پاٽي ٿيندا ۽ پيشاب ڪرڻ نہ ايندا.

پر ائين نہ ٿيو.

پهريان ماڻهو پيشاب ڪندڙ جهڪائي ڪندا ها، پر هاڻ هيٺ ڏسڻ بدران چاپيل پوندڙن کي ڏسي ۽ اُٽي هُن ڏانهن ٽوڪ مان مرڪي نهارين ٿا.

ماڻهو تہ پيشاب ڪري هليا ويندا ها، پر هُو پاڻ هاٽي جڏهن بہ ڪنڌ مٿي ڪري سامهون ڏسندو هيو تہ پنهنجا ئي چاپيل پوندڙا پنهنجي منهن ۾ لڳندا هيس. عجيب بي سڪوني محسوس ڪرڻ لڳو. پوندڙا ٽنگڻ ڪان پوءِ لڳندو هيس تہ پاڻ ڏاڍو ڪريل ۽ بيڪار قسم جو ماڻهو آهي، جنهن جي ڪا عزت نفس ناهي، جيڪو پنهنجو پاڻ کي ئي وينو پوندڙا ڏيئي!

خيال متائڻ لاءِ مشينري انداز ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري مشين آڏو ويهندو هيو. پوءِ بہ بي چيني ورائي ويندي هيس. ڪروڌ ۽ چڙ سبب صحيح ڪم بہ ڪري نہ سگهندو هيو. ڪافي پيرا ڊريسون وڃايون بہ هيائين. ائين محسوس ڪندو هيو تہ ڪا شئي اندر ۾ کيس ذليل ڪري رهي آهي. گهر اچي بہ مزو نہ ايندو هيس. ٿوري گهٽي تي زال ۽ ٻارن سان وڙهي پوندو هيو. دڪان تي بہ ڪافي پيرا گراهڪن سان ٿوري گهٽي ڳالهہ تي تيز ٿي ڳالهائيندو هيو.

هاڻ هُن پيشاب ڪندڙن ڏانهن ڏسڻ چڏي ڏيڻ شروع ڪيو هو. پر جي نظر ڪجي بہ ويندي هيس تہ پنهنجا ئي پوندڙا پنهنجي منهن ۾ لڳندي ڏسي پاڻ کي پاڻ ئي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هيو. 'مون پوندڙا تہ ٻين لئہ ناهيا، پر سياڻن سچ چيو آهي تہ 'اُهي ئي آڱريون پنهنجي بہ منهن ۾ لڳنديون آهن.'

ڪافي پيرا پوندڙا ميسارڻ چاهيائين، پر الائي چو هر ڀيري عمل ڪرڻ ڪو نہ ٿي پڳس. رهيل سهيل سڪون بہ برباد ٿي ويس. سوچي سوچي پاڻ کي ذهني مريض بڻائي چڏيائين.

اُن ڏينهن دڪان کولي ٻهاري ڪيڏي چنڊ ڦوڪ ڪري مشين آڏو مسين وينو تہ هُن پنهنجن نرن تي بار محسوس ڪيو. ياد پيس تہ گهران تڪڙ ۾ نڪرندي هن بہ گلاس پاڻي جا پيتا ها. دڪان بند ڪري گهر تائين پنڌ ڏکيو لڳس، مسجد ڏانهن وڃي پيشاب ڪرڻ جو خيال بہ تڙي چڏيائين، جو پڪ هيس تہ مُلان ليٽرين کي تالو هٽي هليو ويو هوندو.

اجام اڌ جوڙو بہ نہ ڪٽيو هيائين تہ بار وڌندو محسوس ٿيس.عجيب بي چيني وچان ازخود ڪنڌ مٿي ڪٽي سامهون پٽ ڏانهن ڏٺائين. چنبڙيل پوندڙن استقبال ڪيس. وري جهٽڪي سان ڪنڌ هيٺ ڪري چڏيائين. ٻن ٽن منٽن ڪان پوءِ ٻيهر ڪنڌ مٿي ٿي ويس. ڪجهہ لمحا پوندڙن کي ڏسي وري ڪنڌ هيٺ ڪري چڏيائين. ٽيهر ڪنڌ مٿي ٿي ويس تہ ڪافي دير تائين پوندڙن کي ڏسندو رهيو. نرن تي بار تمام وڌي ويس. جهٽڪي سان مشين ڪان اُٿي دڪان کان هيٺ لهي اچي، ديوار جي پرسان بيهنو ۽ ويجهڙائپ ڪان لکت ۽ پوندڙن کي ڏسڻ لڳو. ائين لڳس چڻ لکت ۽ پوندڙا مٿس ٺهڪ ڏئي کلي رهيا هجن. هُن قميص جو اڳ کٽي اڳٽ چوڙي چڏيو. پيشاب جو آواز دير تائين ٻڌڻ ۾ آيو پئي.

## شڪار

نور الحق نور

وڏي بس اچي آفيس جي اڳيان بيٺي. ڪراڙو بينچ تان اُٿي بانس جي لٺ کبي ھٿ ۾ ڪري ٿيلھو سڄي کلھي سان لڙڪائي اچي بس تي چڙھيو. ڪنڊيڪٽر کيس ٽڪيٽ ڏسي نمبر تي  ويھاريس. لٺ پيرن ۾ ۽ ٿيلھو ڪڇ ۾ رکي ڪنڌ سيٽ سان آھلي سڪون سان ويھي رھيو. بس اسٽارٽ ٿي تہ ھن جي پرسان ھڪ نوجوان اچي ويھي رھيو.
نيٺ بس شھر کي الوداع چئي روڊ سان ڳالھيون ڪرڻ لڳي. پرسان ويٺل نوجوان ڪائنس پڇيو:
’چاچا! اوھان ڪيڏانھن وڃي رھيا آھيو؟‘
ڪراڙي ھُن جي چھري کي غور سان ڏسندي چيو،
’پٽ! لاڙڪاڻي وڃي رھيو آھيان.‘
’چاچا! اوھان لاڙڪاڻي ۾ رھندا آھيو؟‘
’ھا پٽ! لاڙڪاڻي ۾ رھندو آھيان، ھتي منھنجي پٽ کي نوڪري آھي، گورنمينٽ طرفان مليل بنگلي ۾ رھندو آھي. ان سان مليو ھاڻي واپس ٿو وڃان ۽ ٻيو پٽ لاڙڪاڻي ۾ چنگچي ھلائيندو آھي.‘ ڪراڙو جواب ڏئي خاموش ٿي ويو.
’چاچا! اوھان پيريءَ ۾ اڪيلا سفر ٿا ڪريو، اوھان جو پٽ اوھان سان نہ آيو؟‘
’پٽ! ھو پنھنجي ڊيوٽيءَ سان آھي. اھو ڪيئن اچي ھا .... ھونئن بہ مون کي ڇا آھي؟ بس ھلي شھر ۾ لاھيندي، پوءِ رڪشا ۾ چڙھي وڃي گھر لھندس. ڀلا پٽ تون ڪٿي لھندين؟‘ ڪراڙي جواب ڏئي وري سوال ڪيس.
’چاچا!مان سيوھڻ ۾ لھندس.‘ نوجوان مختصر جواب ڏنو.
’ھا پٽ! سيوھڻ عظيم بزرگ جي ڌرتي آھي. پٽ! اتي منھنجي لاءِ بہ دعا گھرجانءِ.‘
’ھا ھا! ... چاچا! اکين سان ...‘
’پٽ! مون کي اوجاڳو آھي، ننڊ ٿي اچي، سو مان سمھي ٿو پوان.‘ ائين چئي ڪراڙو سيٽ سان ڪنڌ لڙڪائي سمھي پيو.
بس ھلندي نيٺ سيوھڻ پھتي. لھڻ وارا مسافر لھڻ لڳا. اُھو نوجوان بہ لٿو.
’اڙي نديم! اڄ ھتي تون اسان جي جوءِ ۾ .... ڇا ڪو مرغو يا مرغي قاسائي اٿئہ!؟‘ بس ڪان لھندي ئي ھيٺ بيٺل نوجوان ساڻس حجاتو ڳالھايو.
’ھا دلدار! ھن ئي بس ۾ ھڪ وڏو شڪار آھي پر مان نہ ڪري سگھيس ...!‘
’يار نديم! تون شڪار نہ ڪري سگھين تہ مون کي ئي ٻڌاءِ، مان پنھنجي قسمت آزمايان.‘
’توکي ٻڌائيندس پر ھڪ شرط تي ...‘
’ڪھڙو شرط؟‘
’شرط تہ تون مون کي بہ ھزار ڏيندين.‘
’اڙي! بس اھا ڳالھ .... ھا مان توکي بہ ھزار ضرور ڏيندس، پر ٻڌاءِ تہ شڪار گھٽي جو آھي.‘
’اڌ لک جو شڪار آھي.‘
’اڌ لک جو، توکي يقين آھي؟‘
’ھا يار!پاڻ واري يار راشوءَ پوري پڪ ڏيئي مون کي بس تي چاڙھيو. ھزار روپيہ ورتو ھيائين. ھڪ ڏک سان مون ھن کي ھزار ڏيئي ڇڏيو. پر افسوس جو مان شڪار ڪري نہ سگھيس.‘
’اڙي! تون فڪر نہ ڪر، مان ضرور شڪار ڪندس، ٻڌاءِ تہ ڪھڙي سيٽ تي ويٺو آھي؟‘

’هي وٽ لاڙڪاڻي جي ٽڪيٽ ... شڪار بہ لاڙڪاڻي جو آهي. ان لاءِ مون بہ لاڙڪاڻي جي ٽڪيٽ ڪٽرائي هئي. هاڻي تون وڃي پنهنجو ڀاڳ آزماءِ.‘

دلدار چوڦير نظرون ڊوڙائي بہ هزار نديم کي ڏيئي ٽڪيٽ ورتي.

’پٽ، قميص جا سمورا کيسا تلاش ڪيا اٿمانس، پر انهن ۾ سواءِ پنن جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ مليو. ۽ ها شڪار صفا اگهور ننڊ ۾ اٿئي ... هاڻي پنهنجي مڙسي ڪترائيندئي.‘

’نديم! تون پرواهہ نہ ڪر، مان ضرور ڪامياب ٿيندس.‘

ائين چئي دلدار بس ۾ چڙهي اچي ڪراڙي سان ويٺو. ڪراڙو صفا اگهور ننڊ ۾ ڇڻ هفتي کان نہ ستو هجي. ڪي مسافر لٿا ۽ ڪي چڙهيا. وري بس اسٽارٽ ٿي سيوهڻ کي الوداع چئي روڊ تي پنهنجي مخصوص اسپيڊ سان ڊوڙڻ لڳي. بس جي مخمل ڪان وڌ نرم سيٽن ۽ جهولي ڪان بہ وڌ لوڏن جي ڪري هر هڪ مسافر سيٽ سان ڪنڌ لڙڪائي ننڊ جا مزا وٺڻ لڳو. بس هلندي اچي دادوءَ جي اسٽاپ تي بيٺي. ڪي مسافر لهڻ لڳا. دلدار بہ هيٺ لٿو.

’اڙي دلدار! تون اڄ هتي اسان جي جوءِ ۾ ... چو پلا ڏاڍائي آهي ڇا!؟‘بس کان لهندي هڪ ٻئي همراهہ دلدار کي چيو.

’اڙي ڀائرن سان وري ڏاڍائي ڪئين ٿيندي؟ ٿورو پرپرو هل تہ ڳالهہ ٻڌايانءِ.‘ دلدار ان کي بس جي پوپان وٺي ويو.

’يار شمن! اڄ پنجاهہ هزار جو شڪار ڦاسايو آهي ...‘

’ڇا ....!؟‘ شمن ڪان دانهن نڪري وئي.

’ها يار! هن ئي بس ۾ 50 هزارن جو شڪار آهي پر افسوس جو مان نہ ڪري سگهيس.‘

’توکي ڪنهن ٻڌايو آهي؟‘

’اڙي! مون کي پاڻ واري يار نديم ٻڌايو آهي، اهو بہ شڪار ڪري نہ سگهيو.‘

’توکي پڪ آهي تہ هن وٽ 50 هزار آهن؟‘

’ها يار! سئو سيڪڙو يقين آهي.‘

’هاڻي تنهنجي حد ختم .... اڳتي منهنجي حد آهي. هاڻي جلدي ڪر، مون کي پار پتا ٻڌاءِ تہ پاسو وٺانس.‘

’ائين ڪئين ٻڌائيندو مانءِ؟ اهو شڪار مون ٻن هزارن ۾ خريد ڪيو آهي. تون اڍائي هزار ڏيندين تہ پوءِ ....‘

’ٺيڪ آهي، هي وٺ اڍائي هزار ....‘ شمن هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي اڍائي هزار ڪڍي دلدار کي ڏنا.

’هاڻي تہ جلدي پار پتا ٻڌاءِ ...‘

’هي ٽڪيٽ وٺ لاڙڪاڻي جي ..... ۽ شڪار بہ لاڙڪاڻي جو اٿئي. مان ڪوٽ، اندرين صدري ۽ قميص جا مڪمل کيسا جاچيا اٿمانس، انهن ۾ سواءِ خالي پنن ۽ شناختي ڪارڊ جي ٻيو ڪجهہ بہ ڪين مليو.‘

’دلدار! ڏسجانءِ مان اهو شڪار ضرور ڪندس.‘

’يار! مڙسي ڪترائيندئي، باقي ڪم ڏکيو اٿئي.‘

’ٺيڪ آ يار! مان بس ۾ چڙهان ٿو.‘ شمن دلدار کان موڪلائي بس تي چڙهي اچي ساڳي سيٽ تي ويٺو. ڪراڙو اڃ جيان اگهور ننڊ ۾ ... ڪي مسافر اچي چڙهيا. ڊرائيور بس اسٽارٽ ڪري اڳتي هلڻ لڳو. بس دادو شهر کي الوداع چئي روڊ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. اڪثر مسافر ننڊ جا مزا وٺڻ لڳا. نيٺ بس هلندي اچي خيرپور ناٿن شاهہ ۾ اسٽاپ ڪيو. ڪجهہ مسافر لهڻ لڳا. شمن بہ هيٺ لهي برياني ۽ واري ۽ ريڙهيءَ تان پاڻيءَ جو گلاس پيري پيئڻ لڳو.

’اڙي! ڪڏهن کان ايڏو دادگير ٿيو آهين؟ جو ٻين جي حدن ۾ شڪار ڪرڻ ٿو اچين؟‘ شمن کي ڏسي سامهون بيٺل همراهہ چيو.

’اڙي يار نويد! بس ڪر، اندر ئي سڙي ويو آهي!‘

’وري ڇا ٿيو؟‘

’اڙي بس ۾ 50 هزارن جو شڪار وينو آهي، ان شڪار ڪي مون ادائي هزارن ۾خريد ڪيو پر افسوس جو مان شڪار نہ ڪري سگھيس.‘

’اڙي پاڻ تہ سدائين چوندو وتندو آهين تہ مان دادوءَ جو آهيان، دادوءَ ۾ جادو آهي،تئين منهنجي آڱرين ۾ بہ جادو آهي، پوءِ اڄ ڪئين بازي هارائي وئينءَ؟‘

’بس نويد ڳالهہ نہ پڇ ...!‘

’پٽڙا! هاڻي تنهنجي حد ختم ... منهنجي حد شروع. هاڻي مان پاڻ ئي شڪار سان بہ پاڻيون ڪندس. تون رڳو پار پتا ٻڌاءِ ...‘

’ائين ڪئين ٻڌائيندو مانءِ؟ شڪار مون ادائي هزارن ۾ خريد ڪيو آهي، جي تون ٽي هزار ڏيندين تہ پوءِ ٻڌائيندو مانءِ.‘

’ڇا .... ٽي هزار....؟!‘

’ها بابڙا! 50 هزارن جو شڪار آهي.‘

’پر توکي يقين آهي تہ شڪار 50 هزارن جو آهي.‘

’ها ها ... پورو پورو يقين آهي.‘

’ٺيڪ آهي يار ....‘ ائين چئي چئوگرد نظر ڦيرائي ٽي هزار ڪيس ڪڍي ڏنا.

’هاڻي تہ جلدي پار پتا ٻڌاءَ‘

’هان، هي وٺ لاڙڪاڻي جي ٽڪيٽ .... ۽ شڪار بہ لاڙڪاڻي جو آهي. اڙي بابڙا! قميص، اندرين صدري ۽ ڪوٽ جا مڪمل کيسا .... پٽڪو ۽ شلوار جا ور مڪمل تلاشيا اٿم. پر سواءِ خالي پنن ۽ شناختي ڪارڊ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ مليو.‘

’اڙي تون وات ڳاڙهو چورو آهين، هاڻي ڏس منهنجا ڪرشما ....‘ ائين چئي نويد بس تي چڙهي اچي ساڳي ئي سيٽ تي وينو. ڪراڙو ائين ستو پيو هو، ڄڻ سالن جو اوجاڳيل هجي. ڪجهہ نوان مسافر چڙهيا. ڊرائيور بس چالو ڪري آهستي آهستي خيرپور کي الوداع چيو.

ميهڙ جي اسٽاپ تي بس بيٺي اچي تہ نويد بس ڪان لهي وڃي بس جي پويان نڪ صاف ڪيو تہ پويان اچي ڪنهن ڪلهي تي هٿ رکيس. نويد ڇرڪي پوئتان ڏٺو.

’ڪئين ساهہ ڇڏائجي ويئي نہ ...ٻين جي جوءِ ۾ شڪار ڪندين تہ ائين ئي ٿيندئي.‘

’اڙي يوسف! تون ... منهنجو تہ ساهہ ڪڍي ڇڏيئي ... مون سمجهيو تہ ڪو سپاهي ٻيهي آهي.‘

’اڙي نويد! اسان اوهان جي ترَ ۾ شڪار ڪرڻ ايندا آهيون جو تون اسان جو ترَ ۾ آيو آهين؟!‘

’اڙي! بس تہ ڪر ... جيرا ئي سڙي ويا آهن. 50 هزار جو شڪار بس ۾ آهي.ان ڪي مون ٽن هزارن ۾ خريد ڪيو آهي پر افسوس جو شڪار ڪري نہ سگهيس.‘

’50 هزار جو ...!؟‘ يوسف حيرت مان نويد کي ڏسڻ لڳو.

’ها يار!‘

’ٺيڪ آهي، هاڻي تنهنجي جوءِ ختم، منهنجي شروع. جلدي پار پتا ٻڌاءِ تہ مان ٿو وڃي پنهنجي قسمت آزمايان.‘

’ائين وري ڪئين ٿيندو؟‘

’چو .... چو؟‘

’اڙي بابا! شڪار مون ٽن هزارن ۾ خريد ڪيو آهي، جي تون چار هزار ڏيندين تہ پوءِ ٻڌائيندومانءِ.‘

’چار هزار ...؟‘ يوسف حيرت ۾ پئجي ويو.

’چو ...؟ 50 هزار جو شڪار آهي، توکي ڇئن هزارن ۾ ڪسُ آهي ڇا؟ توکي منظور ناهي تہ مان پاڻ ٿو وڃان.شڪار هٿان نہ وڃائبو.‘

نويد بہ قدم پوئتي هٽيو تہ يوسف هڪل ڪيس،’اڙي بيهہ تہ ... ايڏو تڪڙو آهين ڇا؟ ٻڌاءِ تہ شڪار پڪ 50 هزارن جو آهي؟‘

’ها .. ها، سورنهن آنا يقين آهي.‘

’پوءِ ٺيڪ آهي،ڏيانءِ ٿو چار هزار، مون بہ صبح سان هڪ سيٺ کي ٻرو ڏنو آهي.‘ يوسف چوڦير نظرون ڊوڙائي پيسا نويد کي ڏنا.

’ٻيلي! هاڻي تہ ڪجهہ ٻڌاءِ.‘

’ها، هي وٺ ٽڪيٽ لاڙڪاڻي جي اٿئي ۽ شڪار بہ لاڙڪاڻي جو اٿئي. مون مڪمل تلاشي ورتي اٿمانس پر ڪجهہ بہ نہ مليو آهي. هاڻي ڪٽي،تنهنجو ڀاڳ، باقي شڪار ڇڙ ڪلهہ ڪان ستل آهي.‘

’اڙي! تون ڇڏ منهنجي ڀاڳن کي.تو اسان جي ڪارڪردگي نہ ڏٺي آهي، هاڻي ڏسجانءِ.‘

يوسف موڪلائي بس تي چڙهي اچي ساڳي سيٽ تي ويٺو، جنهن جي پرسان واري سيٽ تي ڪراڙو ساڳي سُوپي ۾ هيو. ڊرائيور مَٽيو تہ بس اسٽارٽ ڪري هوريان هوريان ميهڙ شهر کان نڪري هلي. هر هڪ مسافر پنهنجي خوابن جي واديءَ جو سير ڪرڻ ۾ مگن هيو تہ بس هلندي اچي وڳڻ جي چوڪ تي بيٺي. يوسف لهي پڪوڙا وٺڻ لڳو.

’اڙي واهہ جو ميهڙ وارا سڌريا آهيو، جو پرائي ويڙهي ۾ شڪار ڪرڻ هليا ٿا اچو!‘ يوسف کي ڏسي پريان هڪ همراهہ هُن ڏانهن وڌندي چيو.

’يار فريد! بس تہ ڪر.... اصل پوڙهي ماري ڇڏيو آهي.‘

’ڇو ڇو؟ ڪنهن سپاهي هٿان سيڪٽ ملي اٿئي ڇا؟‘

’اڙي! سپاهي ڇا سيڪٽ ڏيندو؟ اُهي تہ هونئن بہ پنهنجا ماٺو آهن!‘

’پوءِ پريشان ڇو آهين؟‘

’اڙي! هن بس ۾ 50 هزارن جو شڪار آهي پر مون کان کو نہ پيو ٿيئي.‘

’50 هزار جو شڪار..... اڙي! هيءُ پنهنجو علائقو آهي، هاڻي شڪار ڪرڻ جو حق منهنجو آهي، تون پار پتا ٻڌاءِ تہ مان خالي ڪري ٿو اچانس ...‘

’ائين ڪئين ٿيندو؟ شڪار مون ڇئن هزارن ۾ خريديو آهي، جي پنج ڏيندين تہ پوءِ پارَ پتا ملندئي.‘

’ڇا ... پنج هزار روپيہ ...!؟‘

’ها .. ها وڏيڪ تنهنجي مرضي آهي!‘

’توکي يقين آهي تہ مال ايترو ئي آهي؟‘

’هائو، پورو پروسو آهي.‘

’ٺيڪ آهي ڏيانءِ ٿو پنج هزار.... مون بہ صبح سان هڪ وياجيءَ جي کيسي کي ٽپُ ڏنو آهي.‘ فريد نظرون ڦيري پنج هزار يوسف حوالي ڪيا.

’شڪار جي آخري منزل ... تنهنجو شهر لاڙڪاڻو ... مون قميص کان ٿيلهي تائين سيني جي تلاشي ورتي اٿمانس، پر مليو ڪجهه بہ نہ .... صفا ستل اٿئہ ... وڏيڪ تنهنجو نصيب ...‘

’اڙي! تون آزاد آهين، اسان جو ڪم ڏسندو وڃاڻ... 50 هزار ڏيڪاري دنگ ڪري ڇڏيندوسانءِ.‘

بس تقريبن خالي ٿي چڪي هئي، فريد بس ۾ چڙهي ساڳي سيٽ تي ڪراڙي جي پرسان اچي ويٺو. جيڪو اڳ جيان اگهور ننڊ ۾ ستل هيو. بس وڳڻ جي ننڍڙي شهر کي الوداع چئي لاڙڪاڻي ڏانهن وڌڻ لڳي. نيٺ بس لاڙڪاڻي جي شيخ زيد چوڪ تي بيني تہ ڪراڙي بہ ڏکهي اوٻاسي ڏيندي آرس ڀڃي فريد کان پڇا ڪئي.

’پٽ!لاڙڪاڻو اچي ويو ڇا....!؟‘

’ها .. ها چاچا! لاڙڪاڻو اچي ويو آهي.‘

ڪراڙو اٿي ٿيلهو ڪلهي ۾ لٽڪائي، سڄي هٿ سان پيرن ۾ پيل بانس جي لٺ ڪڍي سڄي بغل ۾ ڏيئي بس کان هيٺ لٿو. فريد بہ هن جي پويان لٿو.

’چاچا! ... هڪڙو منٽ ...؟‘ ڪراڙو، فريد جو سڏ ٻڌي بيهي رهيو. فريد سندس پرسان اچي چيو،

’چاچا! اوهان پنجن هزارن ۾ گروي ٿيل آهيو. بشني حيدرآباد کان اوهان جي پويان آهن، بشنين اوهان جي مڪمل تلاشي ورتي، پر پائي بہ نہ ملين .... وڳڻ شهر ۾ مون اوهان کي پنجن هزارن ۾ خريد ڪيو. مون بہ اوهان جي جسم جي تلاشي ورتي پر ڪجهه بہ هٿ نہ آيو. مون پيسن جي پچر ڇڏي، آخر ۾ مون تي هڪ احسان ڪيو ۽ اهو ٻڌايو تہ اوهان اهي پيسا ڪٿي لڪايا آهن؟ سامهون پوليس بہ بيني آهي ۽ مان پاڻ بہ قسم ٿو کڻان تہ اوهان کان پيسا نہ ڦريندس ... بس رڳو خبر پوي ....‘

ڪراڙي کلي ڏنو. هُن بانس جي لٺ مٿان سائيڪل جي پيندل جي ٻُجي هٽائي،لٺ اندران ويڙهيل سيڙهيل وڏا نوٽ ڏيکاريا. ۽ چيو،

’هاڻ شڪل گم ڪر نہ تہ ڪيانءِ نہ پوليس حوالي ...‘ ائين چئي ڪراڙو رڪشا ڏانهن وڌي ويو.

’واهہ! اسان بہ استاد آهيون پر ڪراڙو تہ اسان جو بہ استاد نڪتو ...‘ فريد چپن ۾ پٽڪي ٻئي شڪار جي تلاش ۾ اڳتي وڌي ويو.



بشير احمد آچو انھن ڪھاڻيڪارن مان ناهي جيڪي تصورن ۽ خيالن ۾ حقيقت جا رنگ ڀرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر هي انھن ليکڪن مان آهي، جيڪي حقيقي حادثن ۽ واقعن مان اُتساهه وٺي ان ۾ روح جا پوتر رنگ ڀري ڪھاڻيءَ جو لباس پارائن ٿا.

بشير احمد آچو 10 جون 1968ع ۾ قنبر شهر جي ڳوٺ ’آچا‘ ۾ حاجي پير محمد آچي جي گهر ۾ پيدا ٿيو. تعليم انٽر اٿس ۽ هاڻ گورنمينٽ ملازم آهي. ڳوٺ سڌارڪ تنظيم ۾ صدر رهي چڪو آهي. پاڻ سنڌي ادبي سنگت قنبر ۾ 1996ع ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽ مختلف عهدن تي رهي خدمات سرانجام ڏنيون اٿائين.

مضمونن، ڪهاڻين، شاعري، مقالن، تبصرن، تاثرن ۽ ادبي خطن جو ڍير سارو اڻ ڇپيل مواد ذهني پورهيي ۾ شامل اٿس.

بشير احمد آچي جي فني ۽ فڪري صلاحيتن جو اندازو هن ڪتاب ۾ شامل هن جي ڪجھ ڪهاڻين مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو، جيڪي ڪنهن به داد جون محتاج ناهين.

راشد بروهي ـ قنبر

## اُهي اجها

**بشير آچو**

ڏهاڪو گاڏيون سائرن وڄائينديون اچي رائيس ڪئنال جي ڪپر تي بيٺيون. گاڏين کي بريڪون لڳنديءَ ئي گن مين چستيءَ سان لهي آفيسرن جي گاڏين جا دروازا کوليا. ڏاڍي نٽ ٺانگر روب تاب ۾ آڪڙيل انداز سان ايس ڊي ايم ، مختيارڪار، ڊي ايس پي، ۽ حد جو ايس ايڇ او گاڏين تان لٿا. ٻيو سؤ سوا سپاهي بہ رائفلن، گئس گنن ۽ ڏنڊن سان ٽِڪا ڏئي گاڏين مان لهي پيا. پنهنجي فرض شناسي جو مظاهرو ڪندي باادب صفن ۾ بيهي رهيا. چند شرارتي سپاهين آڏو بيٺلن کي کنن ۾ کُکن ۾ رُڳها هٽي مذاق تي ڪئي.تنهن تي آڏو وارن حرڪت ڪندڙن پوين سپاهين کي آهستي گاريون ڏئي مذاق وقت ۾ حالت موجب بند ڪرڻ لاءِ چيو.
سيني آفيسرن گڏ تي ڪاروائي ڪرڻ جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ تي ڪئي.ڏنل وقت ۾ ماڻهن جي نہ لڏي وڃڻ تي آفيسر ڪاوڙ ۾ ڪارا ۽ جولاءِ جي چڙهيل سج جي گرميءَ ۾ پگهريا پيا ها. ڪين گن مين وڪوڙيون بيٺا هئا. آفيسرن پوري نفريءَ کي سخت حڪم ڏئي ائين مچرائي ڇڏيو هو جئين پتر لڳل ڪڪر!
پوليس جو هيڏو اتالو ڏسندي ئي محلي جا ماڻهو گڏ تي ويا. رائيس ڪنال جي ڪپرن تي غير قانوني گهر اڏيندڙن کي لڏي وڃڻ لاءِ سرڪار جي مليل مهلت کي اڃا چند ڪلاڪ ئي مس گذريا هئا تہ LMC جو عملو بلڊوزرن سميت اچي ڪڙڪيو.
جيڪي ماڻهو، پهريون پوليس جي اچڻ تي شڪ ۾ هئا تن کي يقين تي ويو تہ اڄ سورهيہ سرڪار ڊونگي رڍ وارو ويس لاهي، پنهنجي اصلي بگهڙ واري مهانڊي ۾ ظاهر ٿي ابوجهہ عوام تي حملو ڪرڻ واري آهي.
فوجي حڪومت کان ڊڄي چند ماڻهو پنهنجا گهر ڊاهي لڏي ويا پر گهٽي پاڳي ماڻهو اڃا انهيءَ آس تي ويٺا هئا تہ ’من سرڪار اسان جي غربت کي ڏسي آزن نيازن ۽ قرآن مصاف کي مڃي اسان کي بي گهر نہ ڪري، اسان رت ۽ پگهر گڏ ڪري، ڪيئي ويلا بکن تي ويهي چپٽن سان ميڙي ميڙي هي اجها ٺاهيا آهن، تن کي نہ ڊاهي.‘
’ڪئنال جي ڪپر تي پنهنجا غير قانوني گهر ناهي، گورنمينٽ جي پلاٽن تي قبضا ڪندڙؤ! اسان توهان کي نوٽيس ذريعي اطلاع ڏئي سرڪاري پلاٽ خالي ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت ڏنو تہ جئين توهان سولائيءَ سان پنهنجي هر شيءِ کٽي وڃي سگهو. پر توهان سرڪار جي ڏنل وقت کي خبر ناهي ڇا سمجهي اهميت نہ ڏني! هاڻي توهان جي خلاف ڪاروائي ٿي ڪجي. پنهنجون جانيون بچائي گهرن مان نڪري وڃو. اسان جا بلڊوزر ڪم شروع ڪرڻ وارا آهن. ائين نہ ٿئي تہ گهر جي سامان سان گڏ توهان بہ ڍهندڙ ڀتين ۾ پورجي وڃو...!‘
ڪنارن سان پرپور وهندڙ ڪئنال جي پرئين ڪپر سان ٽڪرجي ايندڙ ميگافون جي پڙاڏي وسنديءَ ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو.
پاڙي جا ڪجهہ پوڙها ۽ پوڙهيون قرآن پاڪ کڻي آفيسرن ڏانهن آيا. ’صاحب! اسان جي هيٺي حال تي رحم ڪريو، هي ٻنهي جهانن جا وسيلا اسان اوهان ڏي ميڙ وٺي آيا آهيون. اسان جي اَجهن کي نہ ڊاهيو. اسان دربدر ٿي ويندا سين. اسان جي مٿي تان ڇپر ڇانوَ هلي ويئي تہ ٻچڙن کي وٺي ڪنهن ڪنهن جي درن تي ٺوڪرون کائيندا سين. خدا توهان کي بادشاهي ڏني آهي...‘
ٿاڻي جي حد جي ’واليءَ‘ دڙڪو ڏيندي ڪراڙي کي چيو، ’اڙي بند ڪر پنهنجو پِٽڪو مٿان جو حڪم آهي.‘
’صاحب توهان وس وارا آهيو....‘
’پوڙها! تنهنجو مٿو خراب آهي، چوانءِ ٿو مٿان جو حڪم آ تہ ٻڌين ڪو نہ ٿو؟‘
ٿاڻيدار غصي ۾ وڏيڪ ڪارو ٿي ويو. قرآن پاڪ کي نہ مڃڻ هن جي لاءِ نئين ڳالهہ نہ هئي. رنگ ڪارو شڪل بڇڙي تہ پهريون کان هيس، حرام ڪائي پيٽ ائين وڏي ويو هيس جئين جوشي مٽ، تہ پوءِ ڊڄي ڪهڙي ڳالهہ کان!

SDM ٻتي پاليسي رکندي ڪراڙن کي مخاطب ٿيو، ’مون کي افسوس آهي جو مان توهان جي مدد نٿو ڪري سگهان، توهان جي ٻي گهر ٺيڻ جو مون کي پورو پورو احساس آهي، پر في الحال اوهانکي اها صلاح ٿو ڏيان ته پنهنجو سامان ڪڍي وڃو ته جئين گهٽي گهاٽي کان بچي سگهو.‘

DSP جي پگهر ۾ اڌ وردي پسي ويئي هئي، ٿشوءَ سان منهن تان پسينو پوچيندي SDM کي چوڻ لڳو، ’جناب! هي پيار جي ٻولي ڪو نه سمجهندا. توهان اجازت ڏيو ته ڪاروائي شروع ڪرايون، وقت هرويرو پيو برباد ٿئي.‘

بلڊوزر چينن جي ڪَرڙاٽن سان گوگمٽ ڪندو منڊي ۾ بيٺل جڳهه ڏانهن وڌيو. هڪ نوجوان بلڊوزر جي اڳيان سمهي پيو. مختيارڪار حڪم ڏنو، ’انهيءَ پيٽ جي .... کي ڪنيي ڪٽي اڇوا!‘ 8، 10 سپاهي ڏنڊا اپا ڪري نوجوان ڏانهن ائين وڌيا چڻ 10 ڏينهن جي بکين ٻگهيڙن کي سڄي ٻڪري نظر اچي وئي هجي ۽ ڪيس چيري ڦاڙي کائڻ لاءِ هڪ ٻئي کان اڳي پهچڻ لاءِ پيا هجن.

’مان پنهنجا جهڳا ڊاهڻ ڪو نه ڏيندس، ڪو نه ڏيندس!‘ نوجوان جون دانهون آسمان تي ٿي پهتيون. نوجوان جي سڄي قميص ڦاٽي وڃي هڪ ٻانهن بچي.اهي ليڙون ليڙون لڙڪي رهيون هيون، پگهريل جسم مٽيءَ ۾ وچايل، سڄي اک ميرن وارن ۾ ڍڪيل، ڪجي اک مان ڪنهن سپاهي جي ڏڪ سبب پاٽي ٿي وهيس. چار چار سپاهي ٻانهن کان پڪڙيون بيٺا هئا، هڪ ڍگهي جمعدارجو هٿ هن جي ڳاٽي ۾ ائين پيل هيو، جئين ڪنهن شڪاري باز، شڪار چڙائي وڃڻ جي ڀوَ کان چنبا پڪوڙيا هجن.

بلڊوزر جڳهن کي ويڙهو گهَتن جيان پڙُ ڪدي ٺڪر هٽندو ڪيرائيندو اڳتي وڌڻ لڳو.جاين هڪ ٻئي جي مٿان ائين ٿي ڦهڪو ڪيو جئين وڏي طوفان ۾ وڻ پٽجي هڪ ٻئي جي مٿان ڪرندا هجن.گهرن ۾ قهرام مچي ويو. روج راڙو ٻڌي هانءُ ٿي ڦاٽو.عورتن جون دانهون ٻارن جا ڪيڪٽ ۽ ڪيهون ٻڌي اڪين رت جا ڳوڙها ٿي رنا، قيامت جو منظر هيو. سالن کان وٺي پنهنجن اجهن ۾ رهندڙ جي مٿي تان اڄ ڇپر ڇانوَ هٽي رهي هئي، جن اڱڻن سان هنن جو ساهه سبيل هيو، جت ٻار ڪڏندا ڪيڏندا هئا، سي سڀ هميشه لاءِ هنن کان ڪسجي رهيا هئا، جيڪي پاڙي ۾ رهندڙ اجنبي سالن کان گڏ رهي هڪ ٻئي جا مددگار ۽ ٻانهن ٻيلي ٿي ويا هئا، سي ظلم ۽ ڏاڍ جي ڏارا ۾ وهي وڃڙي رهيا هئا.

ماڻهن جو ميڙ ڪنڌي ڪيون بيٺو هيو، ڪي ڏک ۽ افسوس ۾ ته ڪي ڪِلي پنهنجي بيرحمي ۽ بيغرتائي جو ثبوت ڏئي رهيا هئا. ڪن گورنمينٽ تي لعنت ملامت ٿي ڪئي ته ڪن سرڪار جي ڪنيل قدم کي جائز قرار ڏئي پاڻ سني شهري هجڻ جو دم ٿي پريو.

هڪ ماڻهو ميڙ کان چند قدم پاسيرو چپ چاپ بيٺو هيو.هي پوليس انسپيڪٽر، جنهن جي نئين ٺهيل جڳهه پڻ انهن ڊهندڙ جاين ۾ شامل هئي. اولاد جي پنڌڻ ۽ زال جي طعنن کان تنگ ٿي اندر جي ايماندار آفيسر کي ماري هڪ ٿاٽي تي ايس، ايچ، او ٿيو. انساني اعليٰ گڻن جي موتين جو ٺهيل تاج مٿي تان لاهي ظلم جي رات جي ڪاري ٽوپي پهريائين. شرافت جي چادر لاهي لالچ جو ڪانبو ٻڌائين. ماڻهن ڏانهن وڌندڙ محبتي هٿن ۾ ڦمري ڏنبو ڪنيائين. سڀ ڪي ڪلي ڪيڪاريندڙ ڇهري تي طوطي وارو سونڊ وڌائين ۽ سچاڻ جي اکين کي پوري، ٻي ديدا دوڏا پٽيائين. ڏينهن رات ڪري ڏوڪڙ مڙيائين. ڪئنال جي ڪڙ تي قبضي جو پلاٽ وٺي سني جڳهه جوڙيائين.

وقت جي ڦيري معطل ڪرائي لائين پهچايس.

هي پنهنجي حرام جي پيسن مان ٺهيل ۽ تازي ڪريل جاءِ کي عجيب نظرن سان ڏسي رهيو هيو. نه هن جي ڇهري تي ڏک يا افسوس هيو ۽ نه ئي ندامت يا خوشي!

ماجسٽريٽ ۽ عملدار وڏي مزاحمت نہ ٿيڻ تي مطمئن بيٺا هئا. بلڊوزر جڳهن کي ڪيرائيندو اڳتي وڌي رهيو هو. هڪ ڪرنڊڙ جڳهہ مان ڪجهہ سرون ٿڙنديون وڃي ٻئن ٻارن کي لڳيون. هو زخمي ٿي پيا. خاموش ماٺهو ٻارن کي زخمي ڏسي. ماڪيءَ جي مکن جيان سنگهارون ڪري، ڏنڊا، لٺيون پٿر ۽ سروٽا ڪڍي، پوليس ۽ LMC جي عملي تي ڪڙڪي پيا. ميونسپل ڪارپوريشن عملي ڀڄي جان بچائي، پر پوليس تي پٿرن ۽ سروٽن جو ڦڙو شروع ٿي ويو. هڪ پٿر SHO ڪان وڌي DSP جي نرڙ کي زخمي ڪندو وڃي SDM جي سيني ۾ لڳو. اچانڪ حملو ڏسي پوليس عملو وائڙو ٿي ويو ۽ هيڏي هوڏي ڀڄڻ لاءِ واجهائي رهيو هئو تہ DSP حڪم ڪيو، ’گوڙها گئس، فائر! هيلمٽ ۽ شيٽن وارا جوانو! اڳتي وڌو، جلوس کي روڪيو.‘

DSP موبائيل ۾ ويهي ڪنٽرول سان ڳالهايو. ’ڪنٽرول، ڪنٽرول بابر ستي!‘ هڪ لمحي ڪنٽرول ڪان جواب نہ آيو تہ وري ڪال ڪيائين، ’ڪنٽرول، ڪنٽرول بابر ستي!‘

’بابر ستي، ڪنٽرول ڪليئر سر!‘

’ڪنٽرول، ضلعي جي تمام موبائيلن کي ڪال ڪر ۽ شهر جي سيني موبائيلن کي هاٽي موڪل، اسان تي قبضا گروپن آٽوميٽڪ هٿيار ڪڍي حملو ڪيو آ، مون ۽ SDM سميت اسان جا آفيسر ۽ ڪافي جوان زخمي ٿيا پيا آهن. وارو ڪر ايمبولينس بہ موڪل ۽ اڪبر بيس ۽ جهانگير بيس کي بہ نوٽ ڪرائي ڇڏ، اوور!‘

ڪنٽرول آپريٽر وائرليس تي ضلع جي موبائيلن کي اهڙي ٽرانسميشن ٿاهي ڪال ڪئي جڻ هن جو جهڳو سڙيو پئي ويو.

گوڙها آٽيندڙ گئس جا ڏهہ گولا هئا، جيڪي جلد ختم ٿي ويا. مچريل جلوس ڪيئي پوليس وارا زخمي ڪري وڌا. هٿياربند پوليس گوليون چيمبر ڪري، سڌي فائرنگ ڪئي. گوليون لڳڻ ڪري اڳيان جلوس وارا ڦتڪڻ لڳا تہ پويان وٺي ڀڳا. جلوس ٿڙي پکڙي ويو. ڀڄندڙ ماڻهن کي پوليس اڳ پٺ ڪري ڊوڙائي پڪڙي ڏنڊا هڻي ڪڪڙن جيان واڙي گاڏين ۾ بند ڪري ٿاڻي ڏانهن نيو پئي. زخمي پڪڙيلن ۽ باقي فرار شهرين مٿان ڊيوٽي اٽڪاءَ، موت مار هٿيار ٻڌي هنگامو ڪرڻ، سرڪاري املاڪ کي نقصان پهچائڻ، ماجسٽريٽ ۽ پوليس آفيسرن ۽ جوانن تي خون ڪرڻ لاءِ حملو ڪرڻ ۽ ٻيا 7/8 ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڏني.

اهي ساٿي وڻ تي پکين جي ولر جيان وينل نڪاءُ ٻڌي ٿڙي پکڙي الائي ڪاڏي هليا ويا. اهي اجها مٿيءَ جو ڍير ٻڻجي ويا، جت ڪيئي سال زندگيءَ خوشحالي جا گيت ڳاتا هئا.

هڪ ڏينهن کان پوءِ انهيءَ جڳهہ تي بورڊ لڳو پيو هو، جنهن تي اُڪريل هو.

’ملڪ سنوارو، قرض اتارو.

خوشحال پاڪستان.

# هيرُ ۽ ٻڙ

## بشير آچو

طوفان جو زور گهٽيو، ڪجهه وڏا ڪجهه هلڪا ۽ ڪمزور وڻ پاڙئون پٽيا ۽ ٽٽن کان پُگا موت جي ننڊ ستا پيا هئا ۽ ڪجهه تار پُگل زخمي وڻ سور ۾ ڪنجهي ٻري رهيا هئا. فاريسٽ ڊپارٽمينٽ جي نگهبانيءَ ۾ لڳايل نرسريءَ ۾ افراتفريءَ جو عالم هيو. تيز طوفان سموريءَ نرسريءَ کي اُجاڙي ڇڏيو هو پر ٻيلي جي عملدارن جي بيٺڪ وارو وڏن وڻن جو جهڳٽو اجا باسلامت هيو. ٻڙ، نم، ٻير، ٽالهي، سرهُن ۽ ٻير جا وڻ دائري جي شڪل ۾ بيٺل هئا. ٽن ڏهاڪن جي عمر جا هي وڻ پاڻ ۾ تارين جا منڍا وجهيون بيٺا هئا. اونهاري جي رت ۾ بہ اس جي مجال جو وڻن جي وچ ۾ بيٺڪ واريءَ پٽيءَ تي ڪو ڪرڻو ڪيرائي سگهي. وڻن جي ڇانوَ نہ هئي ڄڻ ڪو وڏو شاميانو لڳل هيو!

ٻيلي جا سيئي وڻ ساٿي وڻن جي موت ۽ طوفان ۾ زخمي ٿيڻ تي غم ۾ نڍال هئا. ٻير ٽالهيءَ تي ڪنڌ رکي اوڇنگارون ڏئي روئي رهيو هو. ٽالهي آٿت ڏيندي ٻير کي چيو، ’سياڻو ٿيءُ ٻير! پنهنجا حال نہ وڃاءِ، وڇڙي ويل ساٿين جو اسان سڀني کي بيحد رنج و افسوس آهي پر....‘

’نہ پياري ٽالهي! نہ مان انهن ڪريل ساٿين لاءِ ڪو نہ پيو روئان. مان تہ سڀن سڏن ۽ صحت مند وڏن وڻن ڪاڻ پيو روئان.‘ ٽالهيءَ جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽي ٻير چيو.

’انهن لاءِ ڇو؟‘ ٽالهيءَ پڇيس.

’ڇو تہ انهن کي ڪَٽن لاءِ ٻيلي ڪاتي وارا چاڻ ڪرت، ڪهاڙا ۽ ڪاپا ڪٽي پهتا، جيڪي طوفان اچڻ لاءِ باسون باسيندا آهن.‘ ٻير چيو.

ٽالهيءَ سادگيءَ ۽ نماڻائيءَ سان ٻير کي چيو، ’ٻيلي ڪاتي وارا ڇو باسون باسيندا آهن؟‘

’انهيءَ لاءِ تہ جئين طوفان ۾ سنها ۽ بيمار ويهہ وڻ ڪرن تہ پنجاهہ وڏا وڻ وڍي ڪپائي پنهنجا ٻيڙ ڀرين، عياشون ڪن ۽ الزام ٻير پاسي وارن ڳوناٺن تي مڙهين، تہ طوفان ۾ ڪريل وڻ ڳوناٺا ڪٽي ويا.‘

پنهنجي بيوسي محسوس ڪري ٽالهي ۽ ٻير ٻئي ماٺ ٿي ويا پر ٻڙ اجا ساٿي وڻن جي بي وقتائتي موت تي سڏڪي رهيو هو. ٻير سنگ دليءَ سان ٻڙ کي چوڻ لڳي، ’پنهنجو سر تہ سلامت آ، ٻين جي مرڻ تي ماتم ڪرڻ جو ڪهڙو مقصد؟!‘

نم غم مان دامن آجي ڪري اجا ساهہ بہ ڪو نہ کنيو هو، تنهن کي ٻير جي رنجائيندڙ لفظن تي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. غم ۽ غصي واري گڏيل لهجي ۾ ٻير کي مخاطب ٿي، ’ضرورت کان وڌيڪ اڪابر! ڏنارن شاپڙون، پترءِ پتر هٽي هٽي تنهنجو دماغ ٺي قيرائي ڇڏيو آ، هونئن بہ تون ڪهڙي چڱي جوءِ آهين،ايندي ويندي جي پتڪي ۾ هٿ هوندا ٿي،

تولاءِ رشتا ناتا ۽ ڪنهن جي حياتيءَ جي ڪهڙي اهميت!؟' هير پنهنجي مزاج مطابق چڙي ڪنڌا چاهي جيان اُپا ڪري جهيڙي لاءِ تيار ٿي پر ٿورو سوچي ۽ وقت جي نزاڪت کي سمجهي چپ ٿي وئي.
بڙ پنهنجو دک پلائڻ لاءِ هڪ ٽاريءَ تي آکيري ۾ وينل ڪنگ جي ٻچڙن کي پئي ڏٺو، جيڪي بک کان دانهون ڪري رهيا هئا. طوفان ختم ٿيڻ کان پوءِ به نر ۽ مادي ڪنگ پنهنجي آکيري ۾ اچي نه سگهيا هئا. ڪويل ڪوڪون ڪندي ڪڏهن هُن وڻ تي ته ڪڏهن هُن ٽار تي پئي ڊڪي پيگي.
'مسافرن کي گهاٽي ڇانوَ ارپيندڙ بڙا! ڇا پيو سوچين؟' نم بڙ کي چيو.
'اسان جا پيارا ساٿي زندگي جي جنگ هارائي ويا. هنن جي اچانڪ موت تي اسان کي گهرو صدمو رسيو آهي ۽ اجا به اسان جيڪڏهن پاڻ ۾ وڙهندا رهياسين ته هڪ هڪ ٿي سڀ وڃي ويندا سين.' بڙ نم کي چيو.
'ها ادا سچ ٿو چئين. انهيءَ ڏينهن ايريگيشن جو رٽائرڊ بيلدار پنهنجي هڪ دوست سميت هت ڪاٺيون ڪرڻ آيو هيو. سو پيو چوي، 'ڪينالن، واهن ۽ شاخن سان به وڻن جا وڏا شهر آباد هئا. تن ڏينهن ۾ ملڪ جي وزيراعظم کي گرفتار ڪري، هڪ فوجي ڊڪٽيٽر مارشل لا لڳائي. عوامي ردعمل طور تحريڪون هليون،احتجاج ٿيا ۽ گورنمينٽ انهن ڳالهين تان عوام جو ڌيان هٽائڻ لاءِ ڪچي جي علائقي ۾ ڌاڙيل پيدا ڪيا. ماڻهن جو اغوائون روز جو معمول بڻجي چڪو هيو. ڪن مغون کان ڳرو پنگ تي ورتو ويو ته ڪن کي ماري لاش مالڪن کي ٿي موڪليا ويا. ڌاڙيلن جي رستا روڪ جو ڊونگ رچائي دادو ڪنال جي پلين ريگيوليٽرن تي انگريز سرڪار جي ٺهرايل بنگلن ۾ آرمي،رينجر، ايف سي ۽ پوليس کي رهايو ويو. آب پاشي جا ننڍا وڏا ملازم فورسن جا يار ٿي ويا. ڪينالن واهن ۽ شاخن سان اڏ صديءَ کان بيٺل وڻن ۾ غير قانوني واڍي شروع ٿي وئي. پوليس پنج وڻ ڪپي آئي ته آرمي ڏهه وڻ ڪيرايا. ويا وڻن جي نسل ڪشي ڪندا. پوءِ ته مقامي ماڻهن کان چورن تائين هر ڪنهن کي وجهه مليو. ڏسندي ئي ڏسندي وڻن جا شهر تباهه ٿي ويا. ڪنگ،ڪانگ،ڳيرا، طوطا ۽ ٻيا گهڻائي پکي جلاوطن ٿي ويا. پنڌ جو ٿڪ ڀڃڻ لاءِ مسافر ڪٿ آسائش ڪن، نه رهيا اهي وڻ نه رهيون پکين جون لاتيون، ڪٿي ڪٿي ڪنهن باکڙ سکي بنڊ تي چار چپرا چرڙاٽ پيا ڪن، ٻڌڻ سان توائي پئي وڃي. دنيا ۾ ٻيلا پيا وڌن هت وڻن جون وستيون ئي ختم.' بڙ جي ٽڙ وارن پاڙن مان ڪير جا ٽيپا پئي ٽميا. نم اهو نه سمجهي سگهي ته اهي بڙ جا ڳوڙها ها يا ڪجهه ٻيو.
طوفاني ڏينهن ٽري ويو. ٻئي ڏينهن آکيري جو وقت هيو.
ٻيلي ڪاتي جي بينڪ وارا وڻ سڃا پکين سان سَٽيا پيا هئا. ٻير کي ته ٻين وڻن جي چنتا هئي، پر پنهنجي سر تي اچي ڪڙڪيس. ڪهاڙين جي ڌڪن جا وار سهي،هن ٽاليءَ کي هميشه جي موڪلائڻ وارو آخري پاڪر پاتو. ٽارين جا منڍا آهستي آهستي چڏائبا پئي ويا. ٻير جي ٿڙ جو گهڻو حصو ڪپجي چڪو هيو. هڪ ڌار ۾ واڍهه وجهي پنجن ڇهن ڄڻن زور سان جو ڇڪيو ته ٻير ٽاليءَ کي آخري ڇمي ڏئي زوردار دانهن ڪري زمين تي ڪري پيو. ٽاليءَ ٻير کي ڪڏهن به گهربل قرب نه ڏنو پر هن جي اوچتو وڇڙي وڃڻ تي ڏاڍي ڏکاري ۽ بيحد پريشان هئي.
فاريسٽر چورن جهڙا ڪارا ڪپڙا پهريون ڪريل ٻير جي ٿڙ مٿان بيٺو هيو ۽ بچيل وڻن کي مخاطب ٿيو، 'وڏي آفيسر جو حڪم آ ته صرف هڪ وڻ ڇانوَ لاءِ ڇڏي ٻيا بينڪ وارا وڻ ڪپي ڪٽي اڇو، اگر هاڻي توهان پنهنجي مرضيءَ سان ڪو ساٿي بچائڻ چاهيو ٿا ته ٻڌايو؟'
ٻير جي جدائي جي صدمي ۾ ٽاليءَ کان ڪجهه نه اُڪليو. بڙ بهادريءَ جو مظاهرو ڪندي فاريسٽر کي چيو، 'مان مڃان ٿو توهان معتبر آهيو پر مٿين حرام ڪائو آفيسر جا ٻيا پرجڻ جا نه آهن، توهان چاهيو ته اسان جي نه ڪپجڻ لاءِ آفيسرن کي قائل ڪري سگهو ٿا. اونهاري جي لڳ ساڙيندڙ گرم ڏينهن ۾ اسان جي ڇانوَ مسافري لاءِ هڪ

وڏي نعمت هوندي آهي. بهتر ائين ٿيندو تہ بينڪ وارا وڻ تہ چا پر ٻيلي جي ٻين وڻن ڪپڻ واري ضد تان لهي وڃو.'

'نہ بڙ نہ آفيسرن جو حڪم آ، مان مجبور آهيان.' فاريسٽر بڙ کي ڪُتو جواب ڏنو. وچ ۾ ٽريڪي هٽي ٻير چيو،'او سائين! مان توهان کي ڪهڙا نہ مٺا ٻير کارائيندي آهيان. ڏس منهنجي ڇانوَ بہ ڪيڏي نہ گهاٽي آهي. منهنجون ڪائيون ڦڏيون ۾ بيڪار آهن، مون کي ڇڏي هنن کي پاڙون ڪپيو، دير نہ ڪريو، ڪٿي توهان جا آفيسر توهان تي ناراض نہ ٿي وڃن.'

نم چيو،'او فاريسٽر! منهنجا ڏندڻ توهان بہ هٽندا آهيو ۽ آفيسرن لاءِ بہ نيندا آهيو. منهنجي پهريون نمبر گهاٽي ۽ ٿڌي ڇانوَ آهي. مون کي بچاءِ،ٻين سان پاڻ ڄاڻ.'

فاريسٽر ڏنو تہ وڻ پاڻ ۾ سهمت نٿا ٿين ۽ اجائي ڳالهين ۾ وقت پيا برباد ڪن. تڏهن غصي ۾ اچي حڪم ڏنائين. 'بينڪ وارا سڀ وڻ ڪپيو، دير نہ ڪريو، سواءِ بڙ جي .....'

۽ بڙ سيني وڻن سان خيرخواهي جي جذبي تحت بچي ويو.

نہ ڄاڻ ڪيستائين؟!

## ٻَڌي

### بشير آچو

هوٽل تي ويٺل اسان سيني جون نظرون 21 انچ ڪلر ٽي ويءَ ۾ ائين کُتل هيون، جئين اوطاري ۾ ويٺل موالين جون نظرون رات جي ختم ٿيل نشي ڪان پوءِ صبوح جي پهرين تيار ٿيل ٻنگ جي ڪونڊي ۾. ٽي وي ۾ اندين گانو هلي رهيو هيو، هڪ ڇوريءَ جو زمين تي پير ئي نہ ٿي پيو، اصل هرڻي وارا چال هئس. گهوڙيءَ جي پڇ جهڙا گهاٽا، ڀوليءَ جهڙا پورا وڏا ڪليل وار ڪڏهن چيلهہ ڪان هينان تہ ڪڏهن برندڙ هيٽر جيان ڳاڙهن ڳلن کي چهندا ڪنڌ سان ٻڪين ٿئي پيس. هٿ پير اکيون خودڪار مشين جيان پنهنجي پنهنجي لئہ ۽ ردم ۾ ٿي هليس. چلڪندڙ چاتين جي مٿين حصي ڇوليءَ ڪان فراريت ٿي حاصل ڪئي. هوٽل تي ويٺلن اسان سيني جا وات ال ڪانوَ جيان پٽيا پيا هئا.

هوٽل جي مالڪ شڪيل ڀائيءَ چانهہ جي ٻاٽي ۾ تيزيءَ سان چمچو ڦيرائي ڏيان سان چانهہ جي رنگت کي ڏٺو. ۽ اڌ پتيءَ جو چمچو ٻاٽي ۾ وجهي چمچو گهمائڻ لڳو.

پان واري ڳڻ وات مان ڪڍي، چلهه ۾ ٻرندڙ ٻاهه سان ڪشت ڪيائين ته توتن واري ٻاهه وسي وئي. رهيل ڳاڙهي ڳڻ وات مان ڪڍي ٻاهه کي ڦوڪيائين ته ٻاهه ٻري پئي. لوٽو هٽي تي وي ڏانهن ڏنائين ته ڳانو هلي رهيو هيو. نه ڪيائين هم نه تم رموٽ ڪنٽرول ڪٽي تي ويءَ جو چينل ڦيرائي ڪارٽون نيٽ ورڪ ڏنائين. سڀني ماڻهن کي ڏاڍي منيان لڳي. سڀني گراهڪن ڪنڌ ڦيرائي شڪيل پائيءَ کي ڏٺو، جيڪو اسان کان بي نياز ٻٽيو چانهه ٺاهي نه پر ڇڻ چانهه سان وڙهي رهيو هيو. چانهه چکي ذائقي کان مطمئن ٿي وري رموٽ ڪنٽرول ڪنيائين، ست اٺ چينل ڦيرائي ايم ٽي وي تي رکيائين.ٽي وي هلائڻ جي معاملي ۾ شڪيل پائي سدائين پنهنجي من ماني ڪندو آهي، مجال آهي جو ڪنهن گراهڪ جي فرمائش تي ڪو گانو يا فلم هلائي. مرضي پوندس ته هلندڙ سنو گانو به ڪٽي ڇڏي ۽ اڌ مان هلندڙ سني فلم مٽائي ڇڏي. انهن ڳالهين هوندي به هن جي گراهڪيءَ تي ڪو فرق نه پوندو هيو. هن هوٽل کي اسان زي سينيما انهيءَ لاءِ سڏيندا آهيون جو هتي گهڻي ٽڪي زي سينيما چينل ٽي وي تي هلايو ويندو آهي. ويهڻ جو طريقي ڪار به تقريبن سينيما جهڙو آهي. اڳين بينچن تي ٻارهين جماعت تائين جهڙا شاگرد، وچين بينچن تي ڪرڪيٽ جا شوقين، جيڪي ڪرڪيٽ ميچ نه هجڻ جي صورت ۾ به هوٽل کان منهن نه موڙيندا آهن.پوئين بينچن تي پڙهيل لکيل بيروزگار.

سني ڳاني متائڻ تي اسان سڀني کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي هئي ۽ اسان کي شدت سان هڪ ڪمي محسوس ٿي ته اسان گراهڪن ۾ ايڪو ٻڌي بلڪل به نه آهي، تڏهن ته هن ننڍڙي هوٽل جو مالڪ (جيڪو بورچي به آهي) اسان سان مذاقون پيو ڪري. هونئن ته پراڻي پر اسان جي دلين ۾ اُپريل ان خيال کان اسان وچين بينچن تي ويٺلن ڪرڪيٽ جي شوقينن کي روشن خيال ڪري ڇڏيو. جن آڏو ويٺلن کي ساڳي مسئلي کان آگاهه ڪيو، جن پڻ هاڪاري موٽ ڏني.

’شڪيل پائيءَ جون بي واجبيون سهڻ کان ٽپي ويون آهن، هاڻي فورن گراهڪ يونين جوڙي ڪو انوکو احتجاج ڪري ڪيس مجبور بڻائجي ...‘ هڪ اُڀري ڪرڪيٽ شوقين پيپڪي هڻندي چيو. پوري هوٽل ۾ ’گراهڪ يونين زنده باد‘ جا نعرا گونجڻ لڳا. شڪيل پائي اسان سڀني کي حيرت مان ڏسڻ لڳو. نعرن ۾ ماٺار تڏهن آئي جڏهن قنبر کان ڪراچي ويندڙ سنڌ لائين ڪوچ جي هارن رنپ ڪئي. هوٽل ۾ ويٺلن جون بکيون نظرون گاڏيءَ ۾ ويٺل مسافرن ڏانهن ڊوڙي ويون. گهڻن جا ڪنڌ هڪ دم ڦري ٽي وي اسڪرين ڏانهن ٿي ويا. جو ته گاڏيءَ ۾ پردن هيٺ ڪري مخالف جنسن جو ڪو به خوبصورت چهرو ڏسڻ ۾ نه آيو. آخري سيٽ تي ململ جي ميري پٽڪي سان ويٺل پوڙهو اسان ڏانهن انهيءَ لاءِ نهاري رهيو هيو جو اسان به ڪيس ڏسي رهيا هئاسين.

روز ڊش تي اڌ اگهاڙا ماڻهو ڏسندي به اسان جي اکين جي حوس پوري ناهي ٿيندي، تڏهن ته رستي تان گذرندڙ هر عورت کي پوءِ اُها پردي ۾ هجي يا بنا پردي ڪيس ائين گهوريندا آهيون جئين ٻگهه ڪرڙيءَ کي! ۽ شڪيل پائي ته اسڪول يا ڪاليج ڏانهن ايندڙ ويندڙ ڇوڪرين کي ڏسي هنبوڇي هڻندي اندين فلمن جا بيسُرا ابتا سبتا ڊائلاگ هڻندو آهي ۽ سندس جان ۾ چستي اچي ويندي آهي! انهيءَ وقت ته پيو لاءِ پڙي هوندو آهي، وات مان پان جي ٽڪ جا ڦوهارا پيا هلندس، ’ڇهوتي او ڇهوتي!‘ اصل هرويرو ڏم لايون ويٺو هوندو آهي. ائين سمجهندو آهي ڄڻ رستي سان ويندڙ ڇوڪريون سندس هوٽل تي اچي ويٺيون آهن!

پوري هڪ وڳي بجلي بند ٿي ويئي. آگست جا پهريان ڏينهن هئا، پگهر جسم مان ائين نڪري پيو،جئين بورنگ ٽيل کوهه مان پاڻي. شڪيل پائي بورچي خاني مان آرام سان آيو. اسان واري بينچ تي پير رکي مين سئچ کي مٿي ڪري بجلي اچڻ جي خبر ڏيندڙ بلب جو بٽڻ آن ڪيائين. ڊيپ فريزر جو شو اڌ ٻتي مان ڪڍي،جنريٽر جي تار لائين ۾ هڻي،جنريٽر کي ميري ڪپڙي سان اڏورو صاف ڪري ٽارائڻ لڳو ته من بجلي اچي وڃي. اسان سڀئي

پگھر ۾ ائين شل ٿي وياسين جئين ڪوئو پاڻي ۾. انھيءَ ٻوساٽيل ماحول ۾ اڳيان ويٺلن نوجوانن چيو، ’صدر ۽ جنرل سيڪريٽريءَ جا عھدا اسان کي ڏيو پوءِ ڏسون تہ ڪيئن ٿو ننڍڙي ھوٽل جو مالڪ من مستيون ڪري تہ تڏيءَ جا تارا ڏيکاري ڇڏيونس. طاقت نہ ٿيندس تہ ڊش جا چينل پنھنجي مرضيءَ سان بدلائي يا بجلي بند ٿيڻ کان پوءِ اڌ ڪلاڪ ليٽ سان جنريٽر ھلائي.‘

ڪرڪيٽ شوقينن اڳين جي مخالفت ڪندي چيو، ’توھان پٽ ٻار آھيو، توھان کي خبر نٿي پوي، اسڪول ۽ ڪاليج وڃو ڪو نہ رڳي ڪرڪيٽ ۽ عشق، گانن ۽ فلمن جون ڳالھيون، اٿوَ ڪو پڙھائي ڏانھن ڌيان! جي ڪاپي نہ ڪريو تہ ھڪ بہ پرچي ۾ پاس ٿيو؟ آيا آھن يونين جا عھديدار ٿيڻ! اھي عھدا اسان جو حق آھن ڇو تہ يونين جو تصور اسان پيش ڪيو. اسان کي عھديدار بڻايو پوءِ ڏسون شڪيل ڀائي باندر ڪشتي ڪري ٽڏي ۽ مکين واري چانھہ پياري، سانوڻ ۾ گرم پاڻي ڏئي ۽ واندي ويھڻ جي چارج وٺي تہ اسان کي چئو.‘

اسان پوين وچن جي ڀرپور مخالفت ڪندي چيو، ’توھان جواري آھيو. ڪرڪيٽ ھلي تہ پنھنجا عھدا شرط رکي ھارائي ڇڏيندوءُ، انھيءَ لاءِ سٺي ڪردار نہ ھئڻ ڪري توھان کي نااھل ٿو قرار ڏجي. ۽ وڃن عھدن جا حقدار اسان سونھئون. اسان کي عھديدار بڻايو، پوءِ اسان جا ڪارناما ڏسو، شڪيل ڀائي کھڙي باغ جي موري آ جو انھن پراڻين پلاسٽڪ جي جڳن ۽ جستي ميرن گلاسن ۾ پاڻي پياري، چيلھہ ۾ سور وجھندڙ پراڻي ڪاٺ جون ٻيڇل بينچون رکي، پاڪستان جي ڪرڪيٽ ميچ جي ڏينھن ڪڪڙن کي ڪاري ۾ واڙڻ وانگر اسان کي ھوٽل ۾ سٽي تہ اھڙو حشر ڪيونس جو ڇٽيءَ جو کير ياد اچي وڃينس. ھونئن بہ وڃن عھدن تي حق اسان پوئين جو آھي،قدرت جي قانون موجب درياءَ جي پاڻيءَ تي پڇڙيءَ وارن جو حق اڳين ۽ وچين کان وڌيڪ ھوندو آھي.‘

ڪرڪيٽ شوقينن مان آواز بلند ٿيو، ’توھان جيڪي پاڻ کي پڙھيل ڪڙھيل ٿا سمجھو، تن آفيسن جا چڪر ڪٽي ڪٽي سترنھن بوٽ گسائي ڇڏيا، رلي رلي مٽي جا وار اڇا ڪري ....‘ وچ ۾ پرسان واري ھن جو جملو ڪٽي چيو، ’۽ گنجا ....‘ پھرين پنھنجو جملو پورو ڪندي چيو، ’ڇڏيا .... تہ بہ نوڪريون نہ وٺي سگھيا، واندوُ وتو ٿا بنا پگھار رستا ڪڇيندا ۽ ھوٽل تي ويھي پنھنجو وقت برباد ڪندا ...‘

’مسلسل ٻارنھن سال نوڪرين تي پابندي سبب اسانکي نوڪريون نہ مليون آھن، ھونئن بہ ھن يونين جي عھدن جو نوڪرين سان ڇا؟!‘

’ڇو نہ آھي ڇو نہ آھي!؟‘ وچين مان ھڪ ھمراھہ ٻيڪي ھٽي اُٿي چيو، ’گھر ۾ پنديءَ تي نالو اٿوَ! گھر کان واڌارا ڀاتيو!‘

پوءِ تہ اڳين، وچين ۽ پوين پئي گڏجي ڳالھايو. لڙ ٿي ويو، ڪو بہ ڪنھن جي ڳالھہ ٻڌڻ ۽ سمجھڻ لاءِ تيار نہ ھيو. ھڪ ٻئي تي اُلرون ڪرڻ لڳا تہ جنريٽر ھلي پيو. پکا ڇُريا تہ سڀ چپ ٿي پکن کي ڏسڻ لڳا. شڪيل ڀائي پنھنجي خلاف ٿيندڙ سازشن کي بي پرواھيءَ سان ٻڌي رھيو ھو. ٽي وي ھلائڻ لاءِ جو بٽڻ آن ڪيائين. اسان سڀ کيس گھوري رھيا ھياسين. ڪنھن اُٻھرائي ڪندي چيو، ’جلدي ڪر، فلم جو ٽائيم ٿي ويو، ھلندي ھوندي ...‘

شڪيل ڀائي جيڪو پان ڪاٺڻ لاءِ وات کي چاپا ڏئي رھيو ھو، تنھن سيني ڏانھن ھڪ پل طنزيہ انداز ۾ مرکي ڏٺو. ھن جي مرڪ ۾ ٽوڪ ھئي، ٺٺول ھئي. ڄڻ چوندو ھجي تہ توھان سنڌي ڪڏھن بہ ھڪ ٿي نٿا سگھو، ٻڌي نٿا ڪري سگھو!



نور ڪوسو، سٺي شاعر ۽ ڪهاڻيڪار سان گڏ بهترين انسان، بهترين آفيسر پڻ آهي، جنهن ڊپارٽمينٽ سان سندس تعلق آهي، تنهن کي ماڻهو سٺين نگاهن سان ڪونہ ٿا ڏسن پر نور ڪوسي جي کِلڻي طبيعت،خوش اخلاق، هر ڪنهن سان دوستاڻو سلوڪ ۽ وسيع نظري اهو سوچڻ تي مجبور ٿي ڪري تہ هي ڪنڊن جي دامن ۾ رهندڙ اُهو گل آهي جنهن جي سرهاڻ سان من مهڪيو پوي.

سندس پورو نالو نور الله ولد عبدالحق ڪوسو آهي. ادبي نالو ’نور ڪوسو‘ اٿس. 8-01-1969 تي ڳوٺ پيارو مگسي تعلقہ ميرو خان ۾ جنم ورتائين. پرائمري تعليم ڳوٺ پيارو مگسي مڊل تعليم، ٺوڦ چوسول، ميٽرڪ پائليٽ اسڪول لاڙڪاڻو، Bac ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو، MA اسلامڪ ڪلچر ۾ ۽ ڪمپيوٽر سائنس ۾ DIT ڪيل اٿس. پوليس انسپيڪٽر جي عهدي تي فائز ’نور ڪوسو‘ جون گهڻيون ڪهاڻيون سندس ڊپارٽمنيٽ سان واسطو رکن ٿيون، ۽ اهڙن موضوعن تي ان انداز ۾ سنڌي ڪهاڻيون گهٽ لکيون ويون آهن.

**مختيار علي ڪوکر**
**ڪراچي**

# انسانيت

**نور ڪوسو**

’سڄو ڏينهن گهر ۾ واندڪائي ۾ گذري ٿو بوريت ئي بوريت مگر پوءِ بہ گهر ۾ ئي رهڻ ۾ آرام ملي ٿو. ٻاهر وڃ تہ ڪنهنجي گلا غيبت ڪر، يا ٻڌ، ٻيو تہ ڪجهہ ڪونهي! هر ڪنهن کي منهن تي منافقيءَ جو منهن ڪوٺو پاتل لڳي ٿو. اندر ۾ هڪڙي، ٻاهر ۾ ٻي. اصل هٿ ڪس لڳي پئي آهي، ڇا نڪرجي ٻاهر! اُهي اوطاقون ، ڀرﺍڙيون، ديرا ـ

ويھڪون سڀ ڪجھ ٺي تہ ختم ٿي چڪو آھي. وري بہ شڪر آھي جو شھرن ۾ گھرن ۾ ڪيبل لڳل آھي تہ وندر بہ ٿئي نہ تہ.....'

اڄ ھن کي ڪنھن بہ صورت ۾ گھر مان نڪرڻو ھو. ڇو جو بلُ پيارڻ جو آخري ڏينھن ھيو. ھن صبح کان ئي پاڻ کي گھر ڇڏڻ لاءِ تيار ڪيو ھو. 'بجليءَ جو بلُ .... ھل تہ سھي! توبھ آھي! سچو سچو ڏينھنُ بجلي بند، عذاب جي گرمي ۾ ڳاتي پيڳا بلَ! اي سِي ۾ ڪارخانا ھلائن سيٺيون ۾ بل پيرين سفيد پوش! گئس جو بل، فون جو بل، ھرڪو فنڪار آھي! بلُ نہ ٿيو ڇڻ پنگ پرڻ لاءِ ڇنيون ھجن! لعنت آھي اھڙي طرزِ زندگيءَ تي، جتي نانصافي، قانون ۾ رشوت عام ھجي.'

ھو گھران بل ۾ پيسہ ڪٽي بئنڪ لاءِ نڪتو، گھٽيءَ ۾ رڪشہ وارو مليس. ارادو ڪيائين، گرمي آھي رڪشہ ۾ وڃان. 'نہ نہ.... رڪشہ وارا تہ ملھ وٺي موت ڏيندا آھن! بئنڪ تائين ھن جو حق ٿيندو ست روپيہ، تہ ھي چوندو ٽيھ روپيہ ڏي. پوءِ ٻوٽ کنو ڪندي پنجويھ روپين تي راضي ٿيندو. ڇڏينس پنڌ ٿو وڃان.'

روڊ تي چڙھيو. سامھون ڪار پنچر واري دڪان تي ھڪ سفيد ڏڳھي چمڪيلي ڪار بيٺي ھئي. ڪار ڊرائيور ڪار جي چابي اشد آڱر ۾ گھمائي گھٽ، جھاڙائي وڏيڪ رھيو ھو. 'ھونھن! گھر ۾ ڊپڪيءَ تي بہ نالو نہ ھوندس ۾ پرائي ڪار تي پوز ٿو ناھي ترڙو ...!

ھو تہ ڏس! پاٽي پريل ڪونر ۾ پنچر واري سان گڏ ائين ٻوٽ ٽنگيون بيٺو آھي ڇڻ گڏھ توبري ۾ دوناڙي وجھي داڙو ٿو ڪائي! ھي شايد پاڻ کي چالاڪ ٿو سمجھي پر ھن کي خبر ناھي تہ پنچر وارو ڪيترو حرامي آھي! ڪير ڪيترِي بہ چوڪسي ڪري پر ھن تہ ڪونر ۾ ئي سيون ۾ ڪوڪا سجائي رکيا ھوندا آھن، بہ ٽي پنچر تہ اڪ چنبي ۾ ڪري وٺندو آھي. مطلب تہ جيتري حرام پائي ھن جي وس ۾ آھي اورتي ضرور ڪندو آھي. ۾ ظاھر آھي ڪيڏي نہ محنت ڪري ٿو ويچارو! اکين ۾ سرمو وجھڻ ۾ ٽيوب ۾ ڪوڪا وجھڻ جي محنت صرف 25 روپيہ؟ نہ سستو آھي!

ٿورو اڳتي ويو. فروٽ جي ريڙھيءَ تي ھڪ ڪنجوس سيٺ اگھ تي ريڙھيءَ واري سان ڏوڏ ڏيون بيٺو ھو. ريڙھي وارو قسم تي قسم کٽي رھيو ھو تہ ھي صوف 300 روپيہ پيتي آھي. مگر سيٺ ڪنھن بہ قيمت تي سستي فروٽ وٺڻ جو قسم کٽي چڪو ھو. ڪوڙ تي ڪوڙ ھڏجي رھيا ھئا، فقط چند روپين لاءِ وڏا وڏا قسم کنيا پئي ويا، ڇڻ قسم ڪنھن ڪيھ جا ٺھيل ھجن، ٻنھي ۾ ڪو مقابلو پئي ھليو تہ وڏو نڳ يا وڏو حرامي پائي ڪندڙ ڪير ٿي سگھي ٿو؟

ھڪ فقير 'سائين اللہ جي نالي تي پنج روپيہ ڏيو!'

'اڙي! پنج روپيہ ڇا ڪندين؟'

'سائين! ماني ڪائيندس،ٽن ڏينھن ڪان بکيو آھيان.'

'لعنت اٿئي! ٽن ڏينھن ۾ بکيو رھڻ بعد بہ جيئرو آھين، مرين ڪين ٿو،وٽ ھي روپيو!'

'بس روپيو، روپئي ۾ ڇا ٿو ملي؟'

'اڙي! ھاٽي ھل، منھنجي رت تي ٽچڪي.'

ڪيسو پيسن سان پريل اٿس پر پوءِ بہ منھن تي منافقيءَ ۾ ڪوڙ جو آڪيرو اڏيل اٿس.

ٿورو اڳتي ھليو. شربت وارو. 'پيئو دلبر، ٺنڊا ٺار پيئو شربت، گرميءَ جو دشمن صرف ہہ روپيہ گلاس .... ٽيپ رڪارڊ ۾ ھُوڪا ھلي رھيا ھئا. 'لاھوتيءَ جو اعلان آ، ہہ روپيا گلاس آ ...'

ڏسو تہ سهي سري عام زهر ٿو وڪڻي، ڪپڙي رنگڻ وارو رنگ ۾ سيڪرين مليل رنگين زهر ۾ چوي پيو تہ گرمي جو دشمن! ائين نٿو چوي تہ انسان جو دشمن! وري وڏن اکرن ۾ اعلان ٿيل اٿس تہ سيڪرين ثابت ڪرڻ واري کي 5000 روپيہ انعام. دل تہ چيس تہ سمورو شربت انهيءَ شربت واري کي زوري پياري مگر اکيون بند ڪري اتان ٽپي ويو.

سامهون هوٽل المهراڻ، عمده ۽ دلعزيز کاڌن جو واحد مرڪز.... هونهن! عمده ۽ لذيذ! ظالم قيمي ۾ اوجهري، گوشت ۾ جهڪ، گيهہ ۾ ڪڪڙ جي پڇي واري چربي ۽ رسُ ۾ بورچيءَ جي ڪُجلي ورتل جسم جو پگهر، عمده ۽ لذيذ کاڌي جي رليسي.

دل چيس تہ دخل تي ويٺل مالڪ کي جنسي ڪلام پاڪ مٿي تي رکي پڇا ڪريان تہ پاڻ ڪهڙا دفعا اهي لذيذ کاڌا، کاڌا اٿس!

ڇا ٿي ويو آهي معاشري کي، جو انسانيت جو قتلام ٿي رهيو آهي، احساس ختم ٿي ويو آهي، هوس، لالچ، منافقي، نڳي آخر ڇو!؟ آخر انسانيت ڪيڏانهن وئي؟

اچانڪ هڪ ڪار جي بريڪن جي آواز هن جو توجهہ ڇڪايو. ۽ پوءِ هن ڏٺو تہ ڪار ڪيئن نہ زور سان هڪ واٽهڙو کي ڪچلي پچي نڪتي هئي. مگر هن جي ڏسندي ئي ماڻهن اوڏانهن ڀاڄ ڪاڏي. هر ماڻهوءَ جي اها ڪوشش پئي لڳي تہ هو پهريان پهچي. هيئنر ڪار واري جي غير انساني عمل ڪان ٻين عام ماڻهن جي ماڻهپي، هن کي موهي وڌو هو. نہ نہ جيڪڏهن انسانيت مڪمل ئي مري چڪي آهي تہ پوءِ هي ڇاهي؟ هي خلق ڇو ان ڏکي رت ۾ ٻڏل تڙپندڙ مڙس ڏانهن ڪاهي پئي آهي. بس يار توکي تہ ڪپي بهانو ٻين مان ڪيڙا ڪڍڻ جو، هونئن بہ تون ناڪاري ۽ مدي خارج سوچن جو پندار ٿي ويو آهين. توکي هرپرو سڄي جهان ۾ صرف برايون ۽ بدمعاشيون ئي نظر اچي رهيون آهن.

نہ نہ، انسانيت اڃا زنده آهي. انسان اڃا بہ انسان لاءِ تڙپي رهيو آهي. احساس مٺا ناهن.

هن جي نظر هڪ چست ۽ ڦڙت مڙس تي پئي، جيڪو سڀ کان پهريائين وڃي ڏڪيءَ وٽ پهتو هو. ۽ هن کي پاڪر ۾ پري ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، مگر زخمي فوت ٿي چڪو هو. هينئر خلق جا انبوهہ گڏ ٿي ويا هئا. هينئر اهو چست مڙس لاش کي ڇڏي چڪو هو، شايد هر ڪو سمجهي ويو هو تہ وڃڻي شئي وڃي چڪي آ، هاڻي ڪجهہ بہ نہ بچيو آهي. هن ڏٺو تہ فوتيءَ جو پرس، گهڙي وغيره سڀ ڪجهہ اهو چست مڙس ڪٽي غائب ٿي چڪو آهي.

# ياچوڪڙ

## نور ڪوسو

’مجيدان!هاڻي ننڍڙي ماسات جي طبيعت ڪيئن آهي؟ ماسڙ موٽيو ڪو نہ؟‘

’ماسات! ادڙي کي آڙاھ تپ آ، نہ کائي ٿو نہ پيئي ٿو، اصل روئي روئي ساڻو ٿي پيو آهي. بابي کي تہ نہ ڳڻتي نہ هوري! سارو ڏينهن مئخانو هجيس، اڻ اُيري وجي ٿو تہ اڌ رات مس ٿو موٽي، هاڻي ڪاڏهن ايندو؟ اڃا سڄ مس لٿو آ.‘

’پوءِ هل تہ اسان ئي جانب کي ڊاڪٽر ڏي ڪٽي هلون.‘

’پر بابو تہ هڪ ٽڪو بہ ڪو نہ ڏئي ويو آهي!‘

’تون چنتا نہ ڪر،پئسا ٿي پوندا.‘

ٽن سالن جو ٻار چڱي چوکي ڪاڏي نہ ڪاٺ ۾ بيمار رهڻ ڪري ڏيڍ سال جو ٿي لڳو!

مجيدان دوا جي شيشي چُلڪائي دوا جي ٻُجهي جانب کي پياربندي حامد ڪان پاڻي گهريو، جيڪو پرسان بيٺي ٻنهي کي ڏسي رهيو هو. هو ڪَنجهي جي وٽي ۾ پاڻي پيري آيو. ڪڙي دوا هئڻ ڪري ننڍڙي کي پاڻي ڍڪ پيارندي مجيدان حامد کي چيو،’ماسات! تون ئي تہ آهين جنهن جي ۽ الله جي آسري جيئرا آهيون نہ تہ....‘

چپ ڏندن ۾ ڏئي پنهنجي ڏک تي ضابطو آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پر غم جي چشمن مان ڦٽندڙ ڳوڙها ساريون سچيون ڪري پنبڻن جا بند ٽوڙي وهڻ لڳا. حامد، مجيدان جا ڳوڙها اگهندي چوڻ لڳو، ’اها بہ ڪا روئڻ جي ڳالهہ آهي! روئڻ مان ڀلا ڪجهہ ورندو ڇا؟‘

سانجهڻ جي پيهيءَ ۾ مجيدان وينئي هئي، پٽڙي پٽ جي ڪُني چلهہ تي چڙهيل هئي، ويئي ويئي ڪنهن ٻڏتر ۾ ٻڏي ويئي. ’شابس هجئي منهنجي امڙ لک شابس ... تو ايترو بہ نہ سوچيو تہ تنهنجي انهي قدم ڪڻڻ سان اسان جو ڇا حال ٿيندو؟
نہ نہ ... امان ٺيڪ ڪيو، بابي جي روز روز جي پادرن کان تہ جند ڇٽي پيس، نہ گهر جو خرچ مليس نہ لٽو ڪپڙو، ٿوري ٿوري ڳالهہ تي ائين پئي ڪٽجي جڻ اُف پٽڻ تي .... سهڻ جي بہ ڪا حد ٿئي ٿي. سچ چوندا آهن تہ پنهنجو سر کان ڪوئي مٿي ڪونهي. پوءِ جي ڪنهن سان ڀڄي وئي تہ ڇا ٿيو؟
وري ذهن جي چرخي پلٽي کاڌس.
’پر اسان ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟ ادڙو بہ اجا امان امان ٿو پيو ڪري! ڀلا ماءُ جي آسيس ڀيڻ مان اينديي ڇا؟ ماءُ تہ ٻچڙن کي ڪوڙيءَ ۾ ڪري ويهندي آهي، هر ڏک ۾ تڪليف ۾ ڀاڪر پائي ساهہ صدقي ويندي آهي. تہ پوءِ تو اسان سان ائين ڇو ڪيو؟ ماٺهن جا مهڻا ٻڌي اندي ٿو سڙي، سڀ چون ٿا ڀاڄوڪڙ جي ڌيءُ آهي! وڃڻ کان اڳ اسان کي زهر ڏئي مارين ها تہ اهڙا عذاب تہ نہ ڏسون ها!‘
اچانڪ ڪُني مان اٿندڙ ڦڦڪي جي ڦينگ هن جي پيرن تي ڪري تہ هوءَ خيالن جي جهان مان آجي ٿي.
ڪچڙي منجهند جو وقت هيو.موالي ٿِڙندو ٿاٻڙندو اچي گهر پهتو ۽ اونڌو منهن ڪري کٽ تي پئجي رهيو.
مجيدان پيءُ جي مٿان اچي بيٺي، ’بابا او بابا!‘
موالي ڳاڙهن تارن سان هن ڏانهن ڪنڌ ڦيرايو، ’ڇاهي؟‘
’او بابا! ادڙو تپ ۾ وتو پيو آ.‘
’پوءِ مان ڇا ڪيان؟ پنهنجو مٿو ڦاڙيان، گهر ۾ اچ تہ ماءُ وانگر پٽڪو لايون وينئي آن، ڇوري ڏئي تي ڪو سک جو ساهہ ڪڻ!‘
’ابا مان....‘
’بس ابا جي سَڪي تہ مٿو نہ ڪچو ڪري ڇڏيانءِ. ٻي ٻڌيادي، ڀاڄوڪڙ جي ڌيءُ...‘
پيءُ جا دڙڪا ٻڌي بيمار ڀاءُ کي ڀاڪر پائي ريهون ڪري روئڻ لڳي.
موالي نشي پتي تي گهر جا سڀ ٿپڙ کپائي ڇڏيا، گهر جو خرچ حامد جي مزوري سان ٿيندو هيو. ڳوٺ جو هڪ ماڻهو سعودي عرب کان موٽيو تہ موالي وٽي مليس ۽ مجيدان جي سنگ جي پيشڪش ڪيائينس.
’چوين ٿو تہ ڇوڪري اجا نابالغ آهي تہ پوءِ....!؟‘
’ڪهڙي ڳالهہ آهي؟توهان جي گهر جو سُکيو تڪر کائيندي تہ جلد لائق ٿي پوندي.‘ موالي دلجاءِ ڏيندي چيس.
حاجي نورنگ جيڪو پاڻ انهي رشتي مان بيحد خوش هيو، سو موالي جو رايو ٻڌي گوڪيون هڻڻ لڳو.
حاجي نورنگ جي اولاد پاڻ صاحب اولاد ٿي چڪي هئي، پر هو پيسي جي ڏاڍ تي عيش خاطر شادي ڪري رهيو هو.
اڌڙوٽ عمر جو گهوٽ موڙ ٻڌيون وينو هيو. ڇاڇي ٽولن ۾ ورهائجي ڪچهريون ڪري رهيا هئا. جيترا وات اوتريون ڳالهيون!

’ادا! جنهن وٽ پئسي جي طاقت هجي ته ٻه ته ڇا چار شاديون ٻه نمنس ٿيون!‘

’نابالغ ڇوڪريءَ سان شادي ڪندي شرم نٿو اچيس! ڪيئن نه ڳانگهٽ جيڏيون مڇون رڱيون ويٺو آهي!‘

ڪي ماڻهو گهوٽ جي طرفداري ته ڪي مٿس لعنت ملامت ڪري رهيا هئا ته ننڍڙي نينگريءَ سان ظلم ڇو ٿو ڪري؟ پر گهوٽ اکين ۾ هوسَ جا مڻ ميڙي سهاڳ رات ملهائڻ جو انتظار ڪري رهيو هيو. ڪنوار سندس گهر جي ڪمري ۾ ويٺي رني. پيءُ هڪ ڏينهن اڳ ئي هٿي چڙي ويو هيس. گهوٽ ڪي لائون ڏئي سڀ ڇاڇي ڪمري ڪان ٻاهر نڪري ويا. نورنگ جي سيني ۾ سمهيل شيطاني قوتن ڪُر ڪنيو. ڪنهن ويمپائر جيان معصوم جو رت پيئڻ لاءِ اڳتي وڌيو. هوءَ اُپ ڦاڙ رڙيون ڪري روئڻ لڳي. ’او ڪاڪا! خدا جي واسطي مون کي ڇڏ.منهنجو ننڍڙو پاءُ مون کي روئي سڏي رهيو هوندو، ڏس هن جا هٿ مون کي سڏن ٿا. هو بکئي پيٽ هيو، ڪنهن ڪاڏو ڪارايس الائي نه ... رسول جي واسطي مون کي وڃڻ ڏي ....!‘ هوءَ سڏڪا پري روئڻ لڳي.

نورنگ جي دل ۾ ته رحم جي ذري ٻه ڪو نه هئي. آزيون ۽ نيازيون نوائڻ بدران ڪيس مچرائي رهيون هيس. هو ڪاوڙ ۾ ڪارو ٿي ويو. مجيدان جي وارن ڪان وٺي مٿي ڪري اڇلايائينس ته دانهن ڪري وڃي پري ڪري.

’او ماما! الله ڪي مڃ، مون کي نه مار.‘

’الله جي سَڪي، پٺين مون ڪان لک روپيه ورتو آ ۽ تون نڪرا ٿي ڪرين!‘

نورنگ جا هٿ بي قابو ٿي ويا. مجيدان جي ڪومل ڪنوارن ڳلن تي هٿوڙا ٻٽجي وسڻ لڳا. جاريءَ ۾ ٽمڪندڙ لالٽين وسامي وئي. نابالغ ڪنوار جون دانهون سيني ڇاڇين ٻڌيون پر ڪو جرئت نه ڪري سگهيو. ماڻهپي پنهنجي اکيون سڀي ڇڏيون ۽ هٿ وڍي ڇڏيا. احساس شرم جو ڳٽ پائي خودڪشي ڪري ڇڏي. ظلمت جو وحشي معصوم جو رت پِي رقص ڪرڻ لڳو.

پندرهين ڏينهن پيءُ جي گهر جو در ٽپي ته اکين مان ڳوڙهن جي ڳنڍ ڇڙي پيس، پاءُ کي ڀاڪر پائي خوب پيار ڪيائين.

شام ٿي ته حامد آيو ته بي ساخته ڀاڪر پائي ڪيس چنبڙي پئي.

هاڻي هن جي اکين مان ڳوڙها سڪي ويا هئا. پر ذرا ڏنل اکيون ڏسي حامد سمجهي ويو هيو ته شاديءَ بهاني هن جو قتل ڪيو ويو آهي. ڪجهه حال حوالن بعد حامد هن کي چيو، ’ڏس ماسات! تون چاهين ته مان تنهنجي لاءِ حاضر آهيان.‘

پوءِ هن ڪجهه ٻه نه سوچيو، ننڍڙو پاءُ ڪڇي حامد سان نڪري ويئي.

ٻئي ڏينهن گهٽين ۾ ڇوبول هئا ته پاجوڪڙ جي ڌيءُ هئي، آخر پچي وئي.

# جڏو جيءُ

## نور ڪوسو

شفق جي پيلاڻ غائب ٿي چڪي ھئي. نيرو آڪاس ڪارسُري چادر پھري ماڻھن جي ظلم، وحشت، مفلسي، مجبوري، بيوسي ۽ بيھودگيءَ تي پنھنجي غم ۽ غصي جو اظھار ڪري رھيو ھو.

ھوءَ ھيٺي ھڏ ۽ ڪمزور جسم سان وچڙندڙ وڪون ڪڍندي اچي رائيس ڪنئال جي ڪڙ تي پھتي. پوڙھو وجود سفيد چادري ۾ ويڙھيل، پيرن ۾ پراڻي چپل ( جيڪا ڪيئي پيرا موچي جو منھن ڏسي چڪي ھئي.) پگھر ۽ مٽيءَ جي ميلاپ ڪري پيرن مان نڪتي نڪتي ٿي ويس. ڪراڙيءَ جا ٻئي ھٿ ڇاتيءَ سان ائين چھتيل ھئا، ڄڻ ھميشہ کان ائين رھيا ھجن.

پنھنجيءَ جھور نظر سان پاڻي ۽ وھڪري کي تجسس سان ڏسي رھي ھئي. وَٽ ڪائيندڙ ميرو پاڻي ڄڻ ڪيس اڳتي وڌڻ کان روڪيندو ھجي. ھوءَ اڳتي وڌي ھٿ ڪولڻ لاءِ پاڻ اتساھي رھي ھئي. پر ھمت ساري نہ سگھي. خوف جا سوين زھريلا نانگ روح جي زمين تي رڙھڻ لڳا. ساھ ھڪ مٽ ۾ بند ٿيندو محسوس ڪيائين. چند منٽ ائين سُڪي بيھي رھي، ڄڻ ڪنھن بُنڊ بيماري ڇڏيو ھجي. نوٽ چپن تي خشڪ زبان ڦيري، پھربون ساڃي پوءِ ڪاٻي پاسي نھاري جائزو وٺڻ لڳي. ڪا چرپر محسوس ٿيندي ئي رھيل سگھہ بہ نڪري ويس. سڄي پگھر ۾ شل ٿي وئي. لھرن جي ھلڪي شور ۾ دل جي ڌڪ ڌڪ جو آواز ٻڌي رھي ھئي. ڪٻي مڙي ڪُھيَل قدمن سان ھلڻ لڳي. ٿيھارو وڪون اڳتي ھلي پوئتي ڏٺائين، ڪيس ڪا چرپر ڏسڻ ۾ ڪو نہ آئي.سڪون جو ساھ کنيائين. ساھ بند ڪري اڪيون ٻوٽي ڪناري تي بيھي رھيل ھمت ڪٺي ڪري ھٿن کي ڇوٽڪارو ڏيڻ لاءِ ڇوريائين ئي مس تہ ھڪ ھيبتناڪ آواز ڪنن جي پردن کي چيريندو ، ورياڏل شينھن جي گجگوڙ ٻڌجي ذھن جي ڪنڊر ۾ گونجڻ لڳو. ھن جي اکين اڳيان اونده ڇانئجي وئي. سستيءَ ۾ ڪرڻ واري ھئي تہ عقابي چنبا گھلي ڪڙ تي ڪٽي آيس. ھن اکيون کوليون تہ سامھون بہ ٽلھا متارا پوليس وارا بيٺا ھئا.

’ڏس ڙي بانپ! ھٿن ۾ ڇا اٿئي ۽ ھتي ڇا پئي ڪرين؟‘ پوليس وارو ڪڙڪو ڪندي اٽڃاڻ تي پڇڻ لڳو.

ھوءَ بيھڻ جھڙي نہ رھي ۽ ڏرتيءَ تي گوڏا ڪوڙي ڇڏيائين.. سندس ڇاتي سان چھتيل ھٿ،جيڪي اڳي ڇاتي کان ڏار ڪو نہ ٿي رھيا ھئا، ھاڻي خودبخود جسم کان الڳ ٿي پيا. سفيد ڪپڙي جي ٽڪر ۾ ڳُلن جھڙي معصوم ٻار جي لاش زمين تي اچي ڦھڪو ڪيو. زمين ڪان دانھن نڪري وئي.

’تاريءَ کان بيدرديءَ سان ڏار ٿيل نازڪ گل! مان مجبور آھيان ڏس مون کي ھٿ ڪو نہ آھن، نہ تہ آنءُ توکي ڪرڻ کان اڳ جھپي سيني سان لڳايان ھان. مون کي قسم آھي تنھنجي بيگناھيءَ جو، تنھنجي ڳلي ڏانھن وڌندڙ ظالم ھٿن کي مان ڪڏھن بہ معاف نہ ڪنديس.‘

آسمان ڇوڻ لڳو.

’جيءُ آئين منھنجا پيارا! ڪومل بدن مان نڪرندڙ روح، منھنجون وسعتون توکي پليڪار چون ٿيون. تون شھيد آھين، تنھنجي لاءِ بھشت جا ميوا حاضر آھن. توکي ماءُ جي ممتا ٻريل ٽج تہ ڪو نہ ملي پر ھي ڪير جون نديون تنھنجي نالي آھن.‘

زمين جي دانھن ۽ آسمان جي پڪار ظالم سماج جي ٻوڙن ڪنن تائين ڪونہ پھتي.

پوليس واري ٻيڙيءَ کي وارن کان وٺي اٿاري بيھاريو ۽ جھور جسم تي لڪڻ جا وار مٿان وار ڪرڻ لڳو. گارين جا گوگھٽ جھڪا ڪري پڇڻ لڳو. ’ڏس ڙي ڏائڻ! ھي ڪنھنجو پاپُ آھي؟‘

’او صاحب! او سائين! مونکي ڪا خبر ناھي.‘ ٻوائتي ۽ روئڻ ھارڪي آواز ۾ چوڻ لڳي.

ڏند ڪرٽيندي، تارا ٽرڙائيندي ۽ منھن ۾ گھنج وجھي، لڪڻ جا ستڪا ڏيندي سپاھي چوڻ لڳو، ’نہ ! توکي سڀ خبر آھي، تون ڪوڙ تي ھٺين ڪميٽي!‘

ھڪ وڪ پوئتي پرڪي سپاھي وارن کان زوردار ست ڏنس تہ ڪجھ چڳون پتجي سپاھي جي ھٿن ۾ رھجي ويون ۽ ٻيڙيءَ جو نرڙ اچي ويڙھاڪ سپاھيءَ جي لانگ بوٽ جي ٺھي ۾ لڳو. ست ڏئي پرسان بيٺل سپاھيءَ کان لٺ قوريندي، بہ ھٿياڙي ڪري ٻيڙيءَ جي پنيءَ تي وھائيندي چوڻ لڳو، ’مان وڏن وڏن تيس مار خانن کان سچي...‘ جو مچريل سپاھي ٻي لٺ ھٽي، انھيءَ کان اڳ ساٿي سپاھي پاڪر پري ڪيس پري ڪري ويو ۽ چوڻ لڳس، ’اڙي خدو! اھڙا ڏڪ ھٽبا آھن،مري وڃي تہ پوءِ.....!‘

’چڏ ڙي خيرو! ڏسان ڪئين نہ تي سچي ڪري!‘ خدو چيو.

’چوانءِ ٿو مري ويندئي!‘ خيرو چيو.

’ڪھڙي چڱي جوءِ آ؟مري تہ چڙھي آگوني تي، اھڙي ڪافرياٽي مئي چڱي آ!‘ ويڙھو سپاھي چيو.

بتيون ٻاريندي موبائل مينھن واچ وانگي پھچي ويئي. حد جو صوبيدار لھي سپاھين کي پڇڻ لڳو، ’ڏوھہ ملي ويو؟‘

’جي سر! ھي سفيد ڪپڙي ۾ ويڙھيل نئين ڄاول ٻار جو لاش ئي آ.‘

فاتحانہ انداز ۾ خيرو چيو.

ڪراڙيءَ کي موبائل ۾ ويھاري صوبيدار لاش جي ضروري ڪاغذي قانوني ڪاروائي ڪرڻ لڳو. ڪراڙي ددڙ ۾ وڃائجي ائين وينئي ھئي جو سجاڻڻ ۾ نتي آئي.اکين مان پاڻي زارو قطار وھڻ لڳس. پوليس وارن جي لڙ بغاغي ۽ ڪراڙي جي دانھن تي ماڻھن جا ڪٽڪ اچي گڏ ٿيا.

’توبھہ توبھہ... ڪھڙو نہ وقت اچي ويو آ، اڙي اھڙي گناھگار کي ڦاھي تي ٽنگيو وڃي .... سنگسار ڪيو وڃي. ڪاتن سان ڪٺو وڃي.‘

آوازن جي ڪارتوسن جا ڇرا ھن جي سماعتن تائين، پھچي ڪيس زخمي ڪري رھيا ھئا.

گھايل روح حال جون سختيون سھي، ماضي جي اونداھن ۾ ڀٽڪي ويو. ڪئين نہ گھر ۾ ماني ڳيي لاءِ نھٽنس طعنا ھٽندي مرڻ جا مھٽا ڏيندي جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو ھيس.

’مئي ٻاڙن پٽي پوڙھي رن، نہ مري ٿي نہ منجو ٿي ڇڏي. ڪم ڪار کان تپ ٿو چڙھيس، باقي ويلي ويلي تي، ٻن ٻن مانين کي تہ ڏوڪوئي نٿي ھٽي. نہ اُڏيءَ جي نہ ڪُتيءَ جي. رڳي ٻج تي چٽيان لايون ويٺي آھي.‘

’ڏاڏي! او ڏاڏي! روپيو ڏي ٻاھر ڪلفيءَ وارو بيٺو آھي.‘ ننڍڙي پوٽي چيس.

’ابا! منھنجا جيئين شل! مان رپيو ڪٿان آڻيان؟‘ اڻ منداڻتي مينھن جيان ڳوڙھا اکين مان ڳڙي پيس.

’نہ ڏاڏي!نہ مون کي رپيو ڏي.‘ ننيڙي سندس چولي کي وٺي ڇڪيندي ضد ڪيو. ’او ابا! الله وڏاوئي، اڄ نہ سياڻي توکي پنج رپيہ ڏيندس.‘ لڙڪ اگھندي گھر کان ٻاهر نڪري وئي.

’ادي ٻچان! تون بہ هڪ ماءُ آهين. مان پنهنجي اندر جو سور توسان نہ اوريان تہ ٻيو ڪنهن سان اوريان؟‘

’ڇئہ اڙي ادي حاجاڻي! ڀلا خير تہ آهي نہ !؟‘

هن پنهنجا سور پاسيرا رکي حاجاڻيءَ جي ڳالهہ ٻڌڻ شروع ڪئي.

’توکي تہ خبر آهي،منهنجي ڌيءُ صاحبان جي شاديءَ کي چار مهينا ٿيا اٿس. ادي ٻچان! ڪيئن ٻڌايانءِ، شاديءَ کان پهريون چوري کي پيٽ هيو. بس مڙس بہ اٿس جڏو، ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيائين. ٻار ڪيرائڻ لاءِ مون تہ گھڻيون ئي دوائون، سَٽيون پئي آزمايون پر ٻار نہ ڪريو. اڄ شام دائي ڦاپل کي چيو اٿم، هوءَ ايندي. بس تون ٻار رائيس ڪينال ۾ اڇلي اچجانءِ. رڳي تنهنجا ڳڻ نہ ڳائيندس پر هزار رپيا بہ ڏينديس.‘

هوءَ هزار رپين جو ٻڌي هوائن ۾ اڏامڻ لڳي. ۽ ڪيس اهو احساس ٿيو تہ هوءَ اڃا زنده آهي، ڪنهن جو ڪم ڪري سگھي ٿي ۽ پيسا ڏوڪڙ بہ ڪمائي سگھي ٿي، پوٽي سان ڪيل واعدو ياد اچي ويس.

هوءَ انهي هزار کي خيالن ئي خيالن ۾ ڪيترا ڀيرا خرچ ڪري چڪي.

’ڪٿي آهي اُها ڏائڻ!؟‘

صحافي ڪيمرائون ۽ پين پنا هٿن ۾ کنيون ماڻهن جي ميڙ کي چيريندا پوليس موبائل جي ڊالي ۾ بيحال ۽ اڌ مئي پيل ٻڍڙيءَ مٿان اچي بيٺا ۽ پوءِ ڪيمرائن جي فليشن جي چمڪ ۽ آواز ڪنهن ڪليشن ڪوف جي برست جيان پنهنجي وجود ۾ پيوست ٿيندي محسوس ڪرڻ لڳي. ۽ نہ چاهيندي بہ حقيقت جي دنيا ۾ موٽي آئي. ايتري ۾ ٻئي پوليس وارا پويان موبائل ۾ چڙهي وينا ۽ موبائل ڏسندي ئي ڏسندي گم ٿي وئي.

پل ڪن ۾ رئيس ڪينال جون موجون خوفناڪ سناٽي ۾ پاڻ ۾ سسپس ڪري رهيون هيون.

شبير حسين شبير قنبر جي نوجوان ليکڪن مان هڪ آهي. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ نثري نظم ۽ ڊائريءَ جا ورق 1994ع کان پئي لکيا آهن.
شبير حسين شبير ولد محمد صالح لاڪو 3 ـ مارچ 1977ع تي تعلقي قنبر جي ڳوٺ پير محمد لاڪي ۾ پيدا ٿيو. هن گريجوئيشن 1998ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان ۽ ڪمپيوٽر سائنس ۾ ڊپلوما DCS پڻ ساڳي سال پيٽرومين انسٽيٽيوٽ لاڙڪاڻي مان ڪئي. پاڻ ڪمپيوٽر انسٽرڪٽر طور ڪجهه عرصو جاب ڪئي. هن وقت دبئي ۾ روزگار سانگي رهيل آهن.
شبير حسين شبير ادبي سنگت قنبر جو 1998ع ۾ ميمبر ٿيو. 2000ع ۾ جوائنٽ سيڪريٽري 2001ع ۾ سيڪريٽري طور سرگرم رهيو. 2003 ۾ خزانچي طور ڪم ڪيو. هُو 2000ع ۾ ’باک‘ پرچي جو ايڊيٽر به رهيو. جنهن جا هن 3 ـ شمارا ايڊٽ ڪري پڌرا ڪيا.
سندس ڪهاڻين ۾ نفاست ڀريو رومانس موجزن هجڻ سان گڏ سماج جي اگهاڙي تصوير به آهي.
سندس مستقل رهائش قنبر ۾ آهي.

# گمنام

## شبير حسين شبير

’گاڊ پرامس، هي منهنجو آخري پروگرام هوندو، هن کان پوءِ مان ٻيو ڪو به پروگرام اٽينڊ نہ ڪنديس.‘ هوءَ ڪجهه پلن کان پنهنجي مڙس کي سمجهائيندي ڪيس يقين ڏياري رهي هئي تہ هي سندس بلڪل آخري پروگرام آهي، جنهن ۾ هوءَ خاص مهمان طور شرڪت ڪندي.
هوءَ مڙس جي چپن کي خاموشيءَ سان گفتگو ڪندي ڏسي ٿي تہ وري کيس چوڻ لڳي ٿي، ’جاويد! مان تنهنجي چوڻ تي اڳ بہ ڪجهه پروگرام مِس ڪيا آهن، چا ... چا هيءُ پروگرام بہ مِس ڪريان، جيڪو توتلي مون لاءِ آرگنائيز تي رهيو آهي، پليز..... پليز جاويد!‘
ائين چئي هوءَ نيٽن ۾ ڏسيس تي جتي هاڻ خاموشي پنهنجو وجود وڃائي رهي هئي، پر لفظ سندس چپن جي ڪناري تي اچي سندر سپيءَ جو روپ وٺن، ان بدران جاويد هن جي اکين جي پلڪن تي چمين جي چانڊوڪيءَ سان ’ها‘ جي تڏڪار قملائي ڇڏي. ٿوري گهور اکين ۾ آٽيندي جاويد کيس چيو، ’پر هي تنهنجو بلڪل بہ آخري پروگرام هوندو. مان تنهنجي انهن اديبن مان تنگ تي چڪو آهيان.‘
’بلڪل جاويد!‘ هوءَ کيس يقين ڏياري ٿي، ’هي منهنجو آخري پروگرام هوندو، مون کين اڳ ئي چئي ڇڏيو آهي، تنهن ڪري ئي هو مون سان هي آخري وڏو پروگرام ڪرڻ چاهين ٿا.‘
’ٺيڪ آ، تون پلي کين ڪا تاريخ ڏئي ڇڏ.‘
’ٿينڪ يو، جاويد!‘
’نو ٿينڪس، نو سوري ... اوڪي! هاڻ مان آفيس وڃان؟ دير پئي ٿئي.‘
’او ڪي ڊيئر!‘ سارا کيس مرڪندي چيو.
جاويد ڪمپنيءَ جي مليل ڪار تي چڙهي روانو ٿيو تہ سارا پروگرام آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جي چيئرمين ڏانهن فون ڪري پروگرام لاءِ تاريخ نوٽ ڪرائي.

سارا کي اصل ۾ پروگرام بدران پنهنجي ان اڻ ڏٺل آئيڊيل جو وڌو فڪر هو، جنهن هر قدم تي سندس رهنمائي ڪئي. جڏهن کان هوءَ قلم جي ڪائنات ۾ پير پائي ڪهاڻين ۽ نظمن جي جهوپڙين ۾ رهڻ لڳي هئي، تڏهن کان هن کيس خط لکڻ شروع ڪيا ها، انهن ئي خطن جي ديس ۾ ليئو پائڻ لاءِ هوءَ ڪبٽ ڏانهن اچي اهو خانو کولي ٿي، جنهن ۾ هن سندس خط گڏ ڪري رکيا ها. خطن وارو فائيل ڪڍي کولي ٿي ته سامهون خط جي شروعات سندس نالي سان هيئن ٿي.

’سارا! ڪالهه مان ان پروگرام ۾ شريڪ هيس، جنهن ۾ تون اعزازي مهمان طور ڳالهائي رهي هئينءَ، مون تنهنجي تخليقن ۾ سادگي پسي آهي ۽ نم جي ٿڌي ڇانوَ هيٺان ٻڌل پينگهه تي لڏڻ جهڙا مزا ماڻيا آهن ۽ تنهنجي شاعري ۾ ڪنوارن نيڻن جا پهريان خواب پسيا آهن، پر.... پر ڪالهه تنهنجي تقرير جا پڪي سادگيءَ جي آکيرن کان الاءِ ڇو گهڻو دور هئا. تنهنجي لفظن جي خوشبو به توکان رنل هئي. سارا! ڪالهه تنهنجي تقرير مان نالي چڙهيل چٽ اديبن جي مصنوعي ڳالهين واري جهلڪ پئي نظر آئي. ڊرائينگ روم ۾ ويهي فيشن طور عام زندگيءَ جي موضوعن تي ڳالهائيندڙ منجهان نئيءُ. تنهنجي تخليقن مان ته سرنهن جي پٽن جهڙي ساوڪ پئي ليئا پائي ۽ لوٽين مان ٿي نار مٿان ڪرندڙ پاڻيءَ تي پوندڙ سج جي ڪرڻن جهڙي چمڪ. پوءِ تون ٻين وانگر پنهنجي پوتر زبان کي مصنوعيت جو لهجو ڇو پئي ڏئين؟! جڏهن آنءُ تنهنجا نظم لان ۾ ويهي پڙهندو آهيان ته ڳلن مان تنهنجي لهجي جي خوشبو ايندي آهي. سارا! تون اڳتي ائين نه ڪجانءِ، مان توکي تنهنجي تخليقن مان ڦٽندڙ خوشبوئن جيئان ئي ڏسڻ چاهيان ٿو.

رڳو مان نه پر تنهنجا ٻيا فينز به يقينن ائين چاهيندا هوندا.

تنهنجي اجنبي فينز مان هڪ

’گمنام‘

سارا الماريءَ پرسان ئي بيٺي بيٺي خط پڙهي وئي ۽ الماريءَ جو در بند ڪري هٿن ۾ جهليل خطن وارو فائيل کڻي اچي ڪرسيءَ تي ويهي فائيل کي اٿلائي پٿلائي ٿي ۽ ماضيءَ ۾ لکيل هڪ ٻيو خط پڙهي ٿي.

’سارا!

توسان ملهائجندڙ شامن جيان هن ڀيري تنهنجي ڪتاب جي مهورت واري پروگرام ۾ به آنءُ شريڪ هيس. تون هن ڀيري وڌيڪ خوش نظر اچي رهي هئينءَ، خوشيون تنهنجي سندر چهري تي شوخ رقص ڪري رهيون هيون ۽ نه ڄاڻ مون ڇو ائين محسوس ڪيو ته اهي منهنجي دل جي ڌرتيءَ تي نچي رهيون آهن. ڪائنات جي ڪينواس تي مون تنهنجي خوشين لاءِ دعائن جا نظم لکي ڇڏيا آهن ۽ يقين اٿم ته هو قبوليت جي رسالي ۾ پهرين پيج تي ڇپجندا. شل! تون ائين لکندين رهين، جئين لکين ٿي.

تنهنجي اجنبي فينز مان هڪ

’گمنام‘

سندس ذهن ڪنوارن يادن ڏانهن موڙ ڪائي ٿو، جڏهن کيس اهو خط مليو هيو ته هن آخري جملي کي ورائي پڙهيو هو، ’شل! تون ائين لکندين رهين، جئين لکين ٿي.‘

هن اجنبي فين پهريون ڀيرو سندس لکڻين کي خط ۾ ساراهيو هو، نه ته اڳ هو سدائين خط سان گڏ تنقيدن جا پرچا پڻ موڪليندو هو ته فلاڻ ڪهاڻيءَ جي فلاڻ پيج وارو فلاڻ پيراگراف تون ائين نه لکين ها ۽ فلاڻ ڪهاڻيءَ جو منڍ توکي ائين هرگز نه هو ڪرڻو ۽ جهرڪيءَ واري نظم جي پڇاڙيءَ ته تو صفا خراب لکي هئي. پر ان ڏينهن خط جو

اھو آخري جملو پڙھي ھوءَ ڏاڍي خوش ٿي ھئي ۽ سندس اندر جي پيئسفڪ اٿل ڪاڏي ھئي. دعا نما ساراھ سان پريل جملي جي چولين ھن ڪان گمنام اجنبيءَ ڏانھن خط لکرايو:

’اي ڇاتل سڄاتل اجنبي!

اڄ تنھنجي خط مون کي ڪانفيڊنس جي تخت تي ويھاري ڇڏيو آھي. ھاڻ مان انھيءَ گس تي قلم کي ڊوڙائيندس، جنھن کي تو منھنجي آيل نئين ڪتاب ۾ پسند ڪيو آھي. اي اجنبي! ڪاش تون سامھون اچين ھا تہ توکي ٻڌايان ھا تون منھنجي لاءِ ڪيترو محترم ٿي ويو آھين ۽...... ۽ منھنجي من ۾ تولاءِ ڪھڙا جھان جڙي رھيا آھن. آنءُ خط ۾ توکي پنھنجي چپن جو چس اريپي رھي آھيان، شل قبول پوي.‘

ائين لکي ھن پنھنجا چپ پني جي ڏرتيءَ تي رکي ڇڏيا ھا. سندس سموري سرخي پني تي اسڪين ٿي چڪي ھئي، سارا آگرين ۾ جھليل پين سان انھي وچ ۾ ’اجنبي‘ لکي ڇڏيو.

ماضي ۾ ڪنوارن جذبن سان لکيل ھي خط ھاڻ پوسٽ ٿيڻ جي تمنا وڃائي ويٺو ھو.

ڪيس ياد آيو:

خط ڪٽي ھوءَ ڪئين نہ ڪمري مان ڊڪندي خدوءَ ڏانھن آئي ھئي. ’خدوا جلدي وڃ، ھي خط پوسٽ ڪري اچ.‘ خدو لان جي ڪناري سان لڳل ٻوٽن مان ڏيان ھٽائي ڪلھي تي پيل مفلر سان ھٿ اگھندي، ’جي بيبي جي‘ چئي ڪائنس خط ورتو ھو. اڃا ٻہ پير ئي ھليو ھو تہ پڇڻ لڳس، ’بيبي جي ھن تي تہ ڪا ائڊريس ئي لکيل ڪانھي، ھي ڪاڏانھن پوسٽ ٿيندو؟‘

’ھان‘ ھوءَ چرڪي پئي. ’اڃا .... اڃا ھي واپس ڪر.‘ الاءِ ڪھڙي ڪيفيت ۾ خدوءَ ڪان خط واپس ورتو ھئائين. ان وقت سندس منھن صفا لھي ويو ھو ۽ پٺ پٺ ڪندي واپس ڪمري ۾ آئي ھئي.

يادن جو پکي اڃا سندس ماضيءَ جي ئي آکيري تي ويٺو رھيو. ڪجھ ڏينھن ڪان پوءِ ماءُ ڪيس چيو ھو تہ ’جاويد وارا توکي ڏسڻ لاءِ اچڻا آھن.‘ تہ سارا زوريءَ ماءُ ڪان سال ڏيڍ لاءِ شاديءَ جي ڳالھ کي ڊلي ڪرايو ھو. ڪيس اڻ ڇاتل انتظار ھو تہ اجنبي اجنبي نہ رھي ۽ گمنامي مان نڪري اچي. پر اجنبيءَ جتي سندس لکڻين ۾ رھبري ڪئي ۽ ساراھيو. سندس ذات کي سونھن جون نيون راھون ڏيکاريون، اتي سندس زندگيءَ جي راھن تي ڪڏھن سامھون اچي نروار نہ ٿيو. نيٺ سارا جاويد لاءِ ’ھا جو ڪنڌ ھيٺ ڪري ڇڏيو. انھيءَ دوران بہ ھو ڪيس خط لکندو رھيو پر پنھنجي نالي ۽ ايڊريس وارين سيٽن تي ساڳي گمنام اجنبيءَ واري مھر ھڻندو آيو. سارا آس جا سيئي ڪبوتر دل جي ڪليسا مان اڏائي شاديءَ ڏينھن جاويد جي ٿي وئي ھئي. شاديءَ ڪان پوءِ ھوءَ پاڻ سان گڏ نئين گھر ۾ ٻين شين سميت خطن وارو فائيل بہ کڻي آئي ھئي.

سندس پرسان ٽيبل تي رکيل ڪمپيوٽر جي انفارم ڪرڻ واري آواز ’فائيو پي ايم ميڊم! يو ھيو ٽو اٽينڊ آ پروگرام.... فائيو پي ايم ...

تي سندس يادن جو پکي ماضيءَ جي آکيري مان ڦڙڪو ڪائي اڏامي ويو. ھن ڪمپيوٽر تي پنھنجي ئي ناھيل سافٽ ويئر ۾ اھو ميسيج بہ پيرا فيڊ ڪري رکيو ھو جئين وقت سر ڪيس ڪمپيوٽر ريمائينڊ ڪرائي.

’او پروگرام 5:30 وڳي‘ پاڻ سان ئي ائين ڳالھائيندي ھوءَ ڪرسيءَ تان اٿي پروگرام لاءِ تياري ڪرڻ لڳي.

پروگرام وارو ھنڌ سندس گھر ڪان 12 منٽن جي ڊرائيو تي ھو. ھن آئيني جي اکين ۾ پنھنجو پاڻ ڏٺو، وارن کي سيٽ ڪري سرخيءَ سان ڪجھ ڳالھايو.

ڪمري مان ٻاهر نڪرندي رئي جا پلوَ ٺاهيندي هن ڊرائيور کي سڏ ڪيو، ’رشيد! رشيد! گاڏي ٻاهر ڪڍ پروگرام تي هلڻو آ.‘ ائين چوندي هوءَ ٻاهر نڪري گاڏيءَ ۾ ويٺي ته رشيد ايڪسيليٽر کي پير سان زور ڏئي گاڏيءَ جا ڦيٿا مين گيٽ کان ٻاهر ڪڍيا.

اڄ ڪيس ادبي خدمتن طور سنڌ ۽ هنڌ جا وڏا ايوارڊ، اعزاز ۽ انعام مليا هئا، انهيءَ ڪري ٻه جو سنڌس پروگرام آرگنائيزر سيني ادارن کي ٻڌائي ڇڏيو هو ته هي سنڌس آخري پروگرام هوندو. هوءَ پروگرام هال جي ٻاهرين گيٽ تي پهتي ته ڪافي اديب، پبلشر، ادبي رسالن جا ايڊيٽر ۽ ٻيا ادب رليٽيڊ ماڻهو سنڌس آجيان لاءِ بيٺا هئا.

هو گمنام اجنبي ڪجهه پريرو آجيان ڪندڙن ۾ بيهي پنهنجو نانءُ ڳڻائي رهيو هو.

پروگرام شروع ٿي ويو ته سيئي ننڍا وڏا اديب ۽ اعزازي مهمان ٻه تقريرن ۾ سنڌس ساراهه جا سوايا ڏيک ڀرڻ لڳا. ايتري ۾ هن جون اکيون گمنام اجنبيءَ کي ڳولهي رهيون هيون، سنڌس اکيون اسٽيج کان ٽيڻديون هيٺ وينلن ڏانهن سفر ڪن ٿيون، سڄو هال ڀٽيو پيو هو، ڪرسيون گهٽ، ماڻهو گهڻا هئا، انهيءَ ڪري ڪافي ماڻهن جون پٺيون چوڌاري هال جي ڀتين سان ٽنگون سُڪي پوڻ جون شڪايتون ڪري رهيون هيون. سارا جي دل جي ڌڙڪن بي ترتيب ٿي وئي هئي. ڪيس ڳڻتي هئي ته هو اجنبي ملندو ٻه الاءِ نه . ’هو ڪير آهي، ڪٿين آهي، ڪٿي آهي!؟ اڄ ... اڄ ته پروگرام ٻه آخري آهي، ڪيس اها خبر ضرور هوندي ته هي منهنجو آخري پروگرام ...... ها هُو ضرور آيو هوندو، هن منهنجو ڪو ٻه پروگرام مِس نه ڪيو آهي ۽ هي پروگرام ٻه ضرور اٽينڊ ڪري رهيو هوندو. پر .... هو آهي ڪير..... ڪير؟‘

سنڌس اکيون هال ۾ موجود سيني ماڻهن جي چهرن کي جانچي رهيون هيون، اڃا هو اجنبيءَ جي چهري تائين پهچن ان کان اڳ پر ۾ وينل پروگرام جي صدر سنڌس هٿ کي لوڏيو ته سارا ڇرڪندي ڏانهنس حيرت منجهان ڏٺو، ’ميڊم! هو اسٽيج سيڪريٽري اوهان کي ٻيون ڀيرو سڏي رهيو آهي، اوهان ڪٿي ....‘ ’هون ... هان ..‘ ائين چوندي هوءَ ڪرسي تان اٿي روسٽرم ڏانهن وڌي آئي. آرگنائيزرس ۽ آيل مهمانن جا ٿورا مڃيندي سنڌس دل اجنبيءَ جا ٿورا مڃي رهي هئي. سنڌس اکيون وري ڳولها ۾ لڳي ويون. ڪرسين جي پهرين قطار ۾ ساڄي پاسي ڪارنر واريءَ ڪرسيءَ تي وينل مهراڻ تي نظرون هر هر اچي ٽڪنس ٿيون. ’ڇا ... ڇا اهو ...؟‘ هوءَ دل ئي دل ۾ پاڻ کان سوال ڪري ٿي. ’نه .. نه... سارا ٽڪڙ نه ڪر.‘ وري سيني تي مٿاڇري نظر ڦيرائي پاڻ کي عارضي دلاسو ڏئي ٿي. سنڌس اکيون نئين سري سان وري هال جو چڪر لڳائن ٿيون. جوانيءَ جي سونهن سان ڳالهيون ڪندڙ ’مهراڻ‘ جو وجود ئي ڪيس ’اجنبي‘ لڳي ٿو. ’ڇا ... اهوئي گمنام اجنبي ....‘ سنڌس سوچون ڳالهائڻ تي مسلسل اثر انداز ٿي رهيون هيون، تنهن ڪري ڳالهائڻ کي پڄاڻيءَ جو ويس ڍڪائي هوءَ واپس ڪرسيءَ تي اچي ويهي ٿي. ڪجهه پل اکيون بند ڪري رليڪس ٿيڻ چاهي ٿي. هاڻ هوءَ نئين ڪنفيڊنس سان اکيون کولي ڪيس جاچڻ لڳي ٿي. ساڳيو سونهن سان ڳالهيون ڪندڙ چهرو، ڪاريون مڇون، ڇڻ نظر نه لڳڻ لاءِ ڪارو ٽڪو هجيس. ويهن سالن کان ٽپيل جواني، هٿ ۾ ڪيمرا .... ’ڪيمرا!؟‘ هوءَ ڇڻ سالن جي ننڊ کان ڇرڪي پئي ٿي.ڪيمرا سان ... سنڌس ذهن ۾ گذريل پروگرامن جا عڪس ڦرڻ لڳن ٿا.

ڪرسين جي فرنٽ لائين ... رائيٽ سائيڊ کان ڪارنر واري ڪرسي ...هٿ ۾ ڪيمرا ۽ ..... ۽ ڪوڙ سارا ڦوٽو ڪيڻ. گذريل پروگرام ۾ ..... ۽ ... ۽ ان کان اڳين ۾ ..... ۽ اڳين ... اڳين کان .... ها اڳين ۽ هو ڪتاب جي مهورتي پروگرام .....

هڪ هڪ پروگرام سندس ذهن جي اکين جي آڏو ايندو ٿو وڃي ۽ مهراڻ جو ڌنڌلو عڪس آهستي آهستي چٽو ٿيندو ٿو وڃي. ’ها .... ها اهوئي .... اهوئي گم ... نا ... اَ ..جنبي ...او الله ...!!‘ هوءَ ڏاڍو شوڪارو ڀري ٿي. (چڻ سالن کان سانڍيل اندر جي گرم هوا ٻاهر نڪتي هجيس)

’مان ڪيس ڀڃيان .. ڀڃيان چو نه سڃاڻي سگهيس ...! ها يقينن اهوئي اُهو خطن وارو اجنبي آهي. ها اهوئي منهنجو اجنبي ...!‘

هوءَ پاڻ کي يقين ان ڀروف سان ڏئي رهي هئي جو سندس مسلسل ڏسڻ سان هو گهڙي گهڙي اکيون ڇنڀي هيڏانهن هوڏانهن ڪنڌ ورائي ڪجهه نتائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

ائين ايتري ۾ پروگرام جو صدر پنهنجا سارا جي ساراهه ۾ ڳوتا ڪاڏل جملا پڙهي روسترم ڇڏي سندس ڀرسان اچي ويٺو.

’ميڊم!‘ صدر جو ساڻس مخاطبانه انداز سارا کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري ٿو، ’هون؟!‘

’منهنجو خطاب ڪئين لڳو؟‘

’هان ... ڏاڍو سٺو!‘ سارا کيس مختصر جواب ڏئي ٿي.

’ميڊم! مون ڪالهه ڳالهائڻ کان اڳ ۾ ئي تياري ڪري ورتي هئي. مون کي يقين هو ته توهان کي سٺو لڳندو.‘

’ها ... بلڪل ڏاڍو سٺو هو. اوهان جي مهرباني!‘

ايتري ۾ اسٽيج سيڪريٽري بيهر ڀريان صدر کي سڏيو ۽ پوءِ هڪڙي اداري جي سربراهه کي، جيڪو ايوارڊ هٿ ۾ ڪنيو اچي صدر ڀرسان بيٺو. پوءِ هن سارا کي ايوارڊ وٺڻ لاءِ سڏيو. سارا اٿي ڪجهه پير اڳتي وڌي آئي، ايوارڊ صدر جي هٿان ٿيندي کيس مليو. ڪيميرائن جون فليشون هاڻ وڌي ويون هيون ۽ تاڙين جي گونج به، کيس هڪ هڪ تي ويهه کن ايوارڊ مليا. اعزازي طور به تي خطاب ۽ ٻوليءَ جي خدمتن جي اعتراف ۾ مختلف انعام. ٽيبل انعامن ۽ ايوارڊن سان ڀرجي وئي. هال پنهنجي ڪنن کي هٿ ڏنا پر پوءِ به تاڙين جي گونج وڃي پٽين سان ٽڪرائجڻ لڳي. سارا جون نظرون مهراڻ ڏانهن کڄيل هيون، جنهن جا هٿ ٻين کان وڌيڪ زور سان تاڙيون وڄائي رهيا هئا. ايوارڊ، انعام ۽ اعزازن جي نشست پوري ٿي ته مانيءَ جي بندوبست واري اعلان تي بن ٽن کي ڇڏي سڀئي مانيءَ واري پاسي هلي ويا. سارا به صدر سان گڏ اسٽيج تان لهي هيٺ اچي رهي هئي ته اسٽيج تان لهندي هن صدر کي چيو،’اوهان مانيءَ ڏانهن هلو، آنءُ اچان پئي.‘

ائين چوندي سارا جا پير مهراڻ ڏانهن وڌيا. هوءَ سندس ڀرسان اچي کيس ڏسي رهي هئي. مهراڻ ڪائنس لوائيندي ’وفا‘ سان ڳالهائڻ ۾ لڳي ويو. سارا ساڻس مخاطب ٿي، ’تون ... تون اجنبي آهين نه؟!‘

هو ڇرڪي پيو، کيس پنهنجو پردو کسڪندو محسوس ٿيو.

مهراڻ جي خاموشي ڏسي سارا وري پڇيس،’تون اجنبي آهين نه ؟‘

’اجنبي؟ ڪير اجنبي ميڊم؟!‘

’تون ... تون آهين اجنبي!‘

’نه ... نه ميڊم مان ڪو اجنبي ناهيان، مون کي ڪا خبر ناهي توهان ڪهڙي اجنبيءَ جي ڳالهه ٿيون ڪريو .... مان .. مهراڻ آهيان.‘

’او! ته تنهنجو نالو مهراڻ آهي.‘

ايتري ۾ اسٽيج سيڪريٽري سندس ڀرسان آيو ۽ چيائينس ’ميڊم! سڀئي مانيءَ تي توهان جو انتظار ڪري رهيا آهن، پليز هيڏانهن اچو.‘

’ها... ها هلو.‘

ائين چئي هوءَ اڳتي وڌي تي، اڳتي هلندي ڪنڌ ڦيرائي پوئتي مهراڻ ڏانهن ڏسي ٿي، مهراڻ سندس نظرن جو اثر برداشت نه ڪندي نظرون هيٺ جهڪائي ڇڏيون ۽ ٻن پلن جي وٿي ڪان پوءِ سارا پيرن کي پوئتي موڙي مهراڻ ڏانهن واپس وڌي آئي، سندس جهڪيل اکين کي ڏسندي چيائين،’مهراڻ! تنهنجي نظرن کي منهنجون اکيون سڃاڻي ويون آهن، هاڻ اهي اکيون اجنبيءَ جون نه پر مهراڻ جون آهن ۽ مان نٿي چاهيان ته منهنجي رهبر مهراڻ جون اکيون مون سامهون هيٺ هجن. هڪ ڀيرو پنهنجي اکين کي منهنجين اکين سان سامهون ويجهي ملاقات ڪرڻ ڏي...‘

مهراڻ ڪنڌ مٿي ڪري سندس اکين سان اکيون ملائي مرڪي ڏنو.

’سارا! مان ٿي تنهنجو اجنبي آهيان پر جڏهن تنهنجي اکين منهنجو راز پروڙي ورتو آهي ته.... پليز... مون کي خوار نه ڪجانءِ.‘

’ڪير پنهنجي رهبر کي خوار ڪندو آهي ڇا!‘

سارا مرڪي ڪيس وراڻيو ته مهراڻ جي چپن سان گڏ سارا جي چپن تي به تصديق جي مرڪ اچي وئي.

## پاڻيجي

### شبير حسين شبير

گهڻن ڏينهن کان گلوءَ جي نظر هن مٿان اٽڪيل هئي، پر هوءَ شرم حياءَ جي پيڪر، هن جي نظرن کان ڏاڍي تنگ هئي. هن جا ڀنگ ۽ چرس جي نشي ۾ ڌت ڳاڙها دوڏا ڪيس بنهه نه ٿي وڻيا.هوءَ شرم ۾ ٻڏل هئي ته سندس مامي ڪيس اهڙن نظرن سان پڻي ڏٺو، جنهن سان ڏسڻ غير ئي سهي پر اخلاق واري ماڻهو کان ناهي پڄندو. هوءَ سوچيندي هئي ته سندس مامو ڪيس بگهڙ جيان چو ٿو ڏسي؟ مان ته سندس......

هوءَ انهن ئي سوچن ۾ گم هئي ۽ گلوءَ جي اڻ وڻندڙ نظرن جو شڪار به پئي ٿيندي هئي. ڪري به ته ڇا ڪري؟ڪم ڪار ڪري گهر ۾ اٿو ويهڻو به ته پوندو هيس ۽ هي نيت نياڳو، ڪنهن نه ڪم ڪار جو، سڄو ڏينهن گهر ۾ پيو هوندو هيو.ڪنهن کي ڪو شڪ گمان به نه پئي ٿي سگهيو ته اهڙو سندس مامو آهي، جيڪو منجهنس ميريون اکيون وجهيون ويٺو آهي.

ان ڏينهن روزيءَ جو پيءُ نيرن ڪري ٻني ڏانهن ويو ۽ هي نياڳو وچي مکان تي پهتو. اتان ڀنگ ڏوگهي وريو پئي ته روزيءَ جي وڏي ڀاءُ تي نظر پيس، رڙ ڪري پڇائينس،’ابا ڀاڻجا! ڪيڏانهن پيو وڃين؟‘ هن هلندي ئي وراڻيس، ’ماما! شهر سودو پيو وٺڻ وڃان، شام ٿيندي موٽندس.‘

سندس ذهن ۾ رهيل ڪارن نانگن اچي ڪُرَ ڪنيو، هن کي خبر هئي ته اڄ هن جي ڀيڻ ۽ جوڻس گڏجي پاڙي واري بيمار سڪينا کان پڇڻ لاءِ وڃيون آهن. ڪجهه دير ائين رلندو چرس جا سوٽا هڻندو رهيو. جئين ئي اُهي تيار ٿي، سڪينا وارن ڏانهن ويون، تئين نشي ۾ ڪاري سوچ ۽ شيطاني همت سان گڏ گهر آيو ته ڏٺائين، روزي وراندي ۾ اڪيلي ويٺي پرت ٻري رهي آهي، پر ۾ پيل ڪٽ تي ويهندي روزي کي چيائين،’روزي! تون پيءِ ڪا چري آن! هي ٿي وڃ ۾ نه ٿي ڏسين! ڪئين مٿا اگهاڙا ڪيون گهمنديون گانا چون ٿيون! اهي وري ڪو توکان سهڻيون

آهن ڇا؟ تون آن جو وري هيڏو رئو ويڙهيون ويٺي آن! تون بہ اهڙو فيشن ڪر! رئو لاهي آئيني ۾ ڏس تہ ڪيڏي نہ سهڻي ٿي لڳين؟'

روزي جيڪا اڳ ئي هن جي مندين نظرن ڪري پريشان هئي، تنهن هن جو ٿورڙي وڇوٽي سان پر ۾ پيل ڪٽ تي ويهڻ ۽ اهڙي بيڪار گفتگو ڪرڻ سان گڏ گهر ۾ پنهنجي اڪيلي هئڻ جي احساس کان ويتر گهبرائجي وئي ۽ جواب ۾ نفرت ڀريل لفظن جا خنجر هڻڻ چاهيندي بہ ڪجهہ نہ ڪڇي سگهي، ۽ هن بي حيا جي پوَ ۾ ئي هئي تہ هن وري ڳالهايو،'روزي! تنهنجي جوانيءَ مون کي ديوانو بڻائي ڇڏيو آهي، مون ڏانهن اک تہ کڻي ڏس، مان توکي سون جا زيور....'

'بس هاڻي بس، بي حيا، بي شرم ...' روزي جيڪا حيا ۾ ٻڏندي پئي وئي، تنهن پاڻ ۾ الائي ڪٿان سگهہ آڻيندي هن جي ڳالهہ پوري ڪرڻ کان اڳ ئي چيو، 'هونئن تہ ڪنهن ڳالهہ مهاڙ تي امان پاڻيجي ڪري سڏيندو هئين، پر هاڻي بي حيائي ڪري رُکو نالو تو ورتو!متو اگهاڙو ڪري پاڻ ڏانهن ڏسڻ لاءِ تو چوين! صفا غيرت کان نڪري ويو آن! حيا هجئي تہ ٻُڏي مرين. مان تہ تنهنجي پاڻيجي آهيان، ايترو بہ خيال نٿو ٿيئہ بي حيا! بي شرم!'

'روزي! ائين نہ چئہ!مون کي نہ ڌڪار، مان توکان سواءِ مري وينديس!' هن حياءَ ۽ شرم جا سڀ ليڪا لتاڙي هن ڏانهن وڌندي چيو، 'مون کان پري ٿيءُ! پنجتن جو قسم ٿئي! قرآن جي واسطي!' روزي پاڻ ڇڏائيندي چيس.

'نہ روزي! مون کي نہ روڪ.' هن بي حيا سندس ٻانهن کي زور سان پڪڙيندي چيو.

روزي پاڻ ۾ سموري قوت گڏ ڪري، هن کي ڌڪو ڏئي ڊوڙي وڃي ڪمري ۾ گهڙي ۽ سهڪندي سهڪندي ڪنڊي لڳائي در بند ڪري ڇڏيائين.

'روزي! در کول! منهنجي ڳالهہ مڃ!'

'بي غيرت! نہ کوليندس! هليو وڃ، پنهنجو ڪارو منهن کڻي!'

روزي ڪيس ڌڪاريندي چيو.

'نہ کوليندينءَ تہ ڪارنهن جو الزام هڻندوسانءِ، پٺين ۽ پاڻين کي چوندم تہ لوڙهي کان ٻيهي پنهنجي يار سان پئي ڳالهائي، مون کي ڏسي هن ڪميني کي ڀڄائي پاڻ وڃي ڪوٺيءَ ۾ لڪي پئي.'

'خدا جو قهر پوندءِ، تون ڀلي الزام هڻين بدنام ڪرين، پر مان هڪ ڪوڙي الزام جي ڀوَ کان پنهنجي لڄ نہ وڃائيندس.'

روزي ڪنهن الزام جي پرواهہ نہ ڪندي پاڻ کي هن بي حيا جي حوالي نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪندي هن کي ست سريون ٻڌايون.

هو پنهنجي ڪاري سوچ سان گڏ بيحيائي وارو منهن کڻي واپس مڪان ڏي ويو ۽ روزي ڪمري اندر ئي ڳوڙها ڳاڙيندي رهي.

جڏهن سندس ماءُ آئي ۽ دروازي کي بند ڏٺائين، تڏهن در کي ڌڪو ڏنائين ۽ چيائين،'امان روزي اندر تون آن ڇا؟ امان در ڏئي ڇو ويٺي آن؟'

روزي ماءُ جو آواز ٻڌي وهندڙ لڙڪن کي اگهي در کوليو. هن بي حيا مامي جي گهر واري پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃي چڪي هئي. سندس ماءُ چوڻ لڳس،'امان پيرت جو فريم ۽ ڏاگا ورانڊي ۾ کٽ تي رکي اندر ڪوٺيءَ ۾ در بند ڪيون ڇا پئي ڪرين، منهن ۾ بہ مَٽيل ٿي ڏسجين، گهڙيءَ ۾ ڇا ٿي ويئہ، امان!'

روزي ماءُ کي ڀاڪر پائيندي لڙڪن کي روڪي نہ سگهي.

'امان، پٽ! ڇا ٿيو؟ ڇو ٿي روئين؟' ماڻهنس مٿي تي هٿ ڦيرندي پڇيس.

روزي روئندي سڏڪندي،ڪيس سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو. سندس ماءُ جي پيرن هيٺان ڄڻ تہ زمين ئي نڪري وئي. اکين اڳيان اوندهہ ڇانئجڻ لڳس. اهڙو رشتو؟ .... ۽ ائين؟ هن جي ذهن ۾ حيرت جي انتها کان سوال اڀرڻ لڳا. جنهن رشتي واري شخص مان شفقت جا هٿ اڻ ڪپن، ان شخص بيحيائيءَ منجهان سڀ ليڪا لتاڙي گندا هٿ ڪڍڻ چاهيا.

ائين ئي ڪيترين ڳالهيون هن جي ذهن ۾ گردش ڪرڻ لڳيون. زهر جو ڍُڪ پيري ڌيءُ کي هنج ۾ ڪيون، سندس مٿي تي هٿ ڦيرندي رهي ۽ ائين سندس اکين مان بہ لڙڪ وهي پيا.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ روزي جي ماءُ سڪينا سان گڏ پنهنجي طبيعت ڏيکارڻ لاءِ ڊاڪٽر ڏانهن وئي. روزي جو پيءُ ۽ ڀاءُ گهر ۾ ئي هيا. وجهہ ڏسي روزيءَ جي مامي سندس پيءُ ۽ ڀاءُ جا اچي ڪنَ ڀريا. 'هيءَ ڪاري آهي! مان ڪيترائي دفعا يار سان لوڙهي کان بيهي اشارا ڪندي ۽ ڳالهائيندي ٻڌواٿمانس، پر مون کي ڏسي هن ڪميني کي اشارو ڏئي ڀڄائي ڇڏيندي آهي، ڀڃا ڪيوس تہ اهو ڪير آهي؟!'

هو اها ڳالهہ ٻڌي ڪاوڙ ۾ تپي ٻاڙها ٿي ويا. پر ڪجهہ ڪڇڻ کان اڳ ئي هيءَ طعنا هڻڻ لڳن،'اڙي! صفا بي غيرت آهيو الائي ڇا؟ اهو ٻڌي بہ بس ڪري ويٺا آهيو، هٽي ڏڪ پورو ڪريوس ڪاريءَ کي ....'

روزيءَ جي پيءُ دل ۾ خيال ڪيو،'منهنجي ڌيءَ تہ اهڙي ناهي، پر.... مامي کي بہ ڪُوڙي تهمت هڻندي ڇا هٿ ايندو!؟ نيٺ ڪا ڳالهہ آهي تڏهن تہ غيرت مان ٿو چئي.'

تڏهن بہ چيائين،'گلو! منهنجي ڌيءَ ائين ناهي ...'

گلو ڪم ڌهندو ڏسي مڪاريءَ سان چيو،'مان ڪوڙ ٿو هڻان؟ منهنجي ڪجهہ نہ ٿي ڇا؟ ڀاڻيجي آهي منهنجي! پر جڏهن هن جي اها ڳالهہ ٿو سوچيان تہ سڙي ناڻگر ٿي ٿو وڃان!'

گلوءَ ڪميناڻپ سان پنهنجي ڳالهہ کي وزنائتو ڪندي چيو. روزيءَ جي ڀاءُ کي پڪ ٿي وئي تہ مامهنس گلو سچ ٿو چوي، پر ڪجهہ نہ ڪڇيو.

گلو هنن کي طعنا هڻندي وچي ڪهاڙيءَ ۾ هٿ وڌا. 'اڙي توهان کان ڪجهہ ڪو نہ پڄندو، هڪ ڪاري گهر ۾ پئي رهي ۽ اسان ڏسندا رهون، اهڙا بيغيرت آهيون ڇا؟ توهان کان نہ ٿو پڄي تہ مان ٿو ڪم پورو ڪريانس!'

ائين چئي، روزي جيڪا ٻاهر اڱڻ تي ڪپڙا پاٽ ۾ وجهيون ڌوئي رهي هئي، تنهن مٿان وڃي رڙ ڪيائين،'تون ڪاري آن!'

هوءَ اهي لفظ ٻڌي دنگ رهجي وئي، گلوءَ ڪهاڙيءَ سان مٿس وار ڪيو، نشي هن جا لاهہ ئي ڪڍي ڇڏيا هيا، روزي ڏڪ گسائي وڃي پيءُ کي ڀڳي.

گلو پٺيان لاربو آيو. سيني سامهون چوڻ لڳو، 'ڪاري! ڪاري اڄ تون نہ بچندينءَ'

پوَ کان ٿڙڪندڙ روزيءَ، پيءُ ۽ ڀاءُ جي پيرن ۾ ڪرندي چوڻ لڳي، 'ابا! هي ڪوڙ ٿو هڻي، ادا! هي ڪوڙو آهي، ابا هي تہ پاڻ .....'

اڃان هُن اهي لفظ مس ڪڍيا ها تہ گلوءَ ڪهاڙي جو وار ڪيس. بي حيا گلو وحشتپڻو ڏيکاريندي هن بيگناهہ مٿان لڳاتار ڪهاڙين جا وار ڪري ڇڏيا.

هڪ دردناڪ دانهن کان پوءِ ماٺ ٿي وئي.

## اسڪول کان اورتي

شبير حسين شبير

ذلفي ڪلهي ۾ پيل ٿيلهو واپس اچي وراندي ۾ لڳل ڪِليءَ ۾ ٽنگڻ لڳو تہ سندس ماءُ، جيڪا آڳر تي صبح جا ٿانوَ مَلي رهي هئي، کانئس پڇيو،

’ذلفي! اسڪول ڇو نہ وئين! موٽي ڇو آيو آهين؟ ‘

ذلفيءَ وراڻيس: ’امان! اسڪول جي سامهون روڊ تي بيٺل ڪني پاڻيءَ وٽان مان ٽپي نہ سگهندس. ‘

’ڇو نہ ٽپي سگهندين. ‘ ماڻهنس پڇڻ لڳس،’بهانا ٿو ڪرين، وَٽ وٺي ٽپي وڃين هان نہ.. ‘

’امان! اسان جو استاد خيرل ٽي ترڪي ڪري پيو، مان وري ڪئين ٽپي وڃان ها ...!! ‘

## لوئي نہ لاهيندس

شبير حسين شبير

’تنهنجو انٽرويو ٿي ويو؟ ‘

’ها! ‘

’ڇا ڇا پڇائون؟ ‘

’پڇائون ڏوڙ، پيئي ڏنائون! ‘

’ڇا؟ ‘

’ڪپڙا ....

چيائين تہ ’ڪپڙا ڏاڍا سٺا اٿئي، آنءُ انهن جو پويون پاسو ڏسڻ ٿو چاهيان. ‘

’پوءِ ان جي سيڪريٽري ٽيڻ تي راضي ٿئينءَ؟ ‘

’جيئڻ لاءِ اهڙي نوڪريءَ کان بهتر آهي تہ مان انهن راهن تي ويهان، جتي بک جا ڪانوَ ٺونگا هڻي منهنجو خون ڪري ڇڏين. ‘



جيڪڏهن جنم وٺڻ پنهنجي وس ۾ هجي ها تہ 4 فيبروري 78ع تي شايد ’هن ڌرتيءَ جي حصي‘ تي اچڻ پسند ڪيان ها! ’هن ڌرتيءَ‘ کان وڌيڪ ٻي جنت ناهي، واري ڳالهہ مان تڏهن قبوليان ها، جڏهن ماڻهپي جي منڪر ماڻهن جي لوڌ، ’هن ڌرتيءَ‘ جي حسناڪيءَ سان مسلسل ريپ ڪندي نہ اچي ها!
شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ خيرپور مان 2000ع ۾ اردو (ايم - اي) جي ڊگري جهڙي آهي تهڙي ناهي!
چو جو ان سان ڪا نوڪري نہ ملي نہ ملي آ...!
ڪجهہ ڪهاڻيون/شعر، ڪجهہ ڊائريون/خط ، ڪجهہ منظر، ڪجهہ دوست، ڪجهہ خواب، ’هُن‘ جي مرڪ وانگي وٽندا نہ هجن ها تہ خودڪشيءَ جو خنجر دل ۾ کُتل هجي ها!
جذباتي روح رکڻ ڪري غلطيون ٿينديون آهن اڪثر، سهل پسند هئڻ سبب ڪين مجوتي ڏيندو آهيان - مجان ٿو تہ شاعريءَ ڪي دل جي سڪون لاءِ چونڊي بيچينيون ماٺيون آهن. هاٺي سندس ساٿ ڇڏيندي بہ ڇڏي نٿو سگهان. پنهنجن ڇپيل مجموعن ’**سرءُ جي اداس سانجهہ**‘ (جنوري 2000ع) ’**درد جي باک**‘ (جولاءِ 2001ع) کان وٺي ’**دعا مان ڪريل لفظ**‘ (آگسٽ 2006ع) ڪي ڏسي حيرت زده نہ ٿيان ها پر ڊائرين ۾ پيل شاعري ڏسي، اڪثر سوچيندو آهيان تہ هن بيحس/ ذليل زماني ۾ ان شاعريءَ ڇا ڪيو؟ ڇا ڪندي؟
آوارگين ۽ موسيقي ٻڌڻ کان پوءِ ادبي دنيا ۾ تجربا ڪرڻ جو شوق ڪيستائين رهندو؟ ڇا معلوم!
’**ڪنول پبليڪيشن**‘ جو تجربو مالي لحاظ کان تلخ سهي، پوءِ بہ دل سان چاهيو آهي تہ ڪجهہ ڪجي! - اعتراف ڪرڻ جي عادت نہ هجي ها تہ اهو قطعي نہ لکان ها تہ مون اهو ڪجهہ لکيو ئي ناهي، جيڪو لکڻ چاهيو پئي.

سعيد سومرو

## ليڙ ليڙ

### سعيد سومرو

صبح سان حسبِ عادت وهنجي سهنجي کٽ تي مسين ويٺو تہ جوڙهس ماني کٽي اڳيان رکيس. گرهہ پيچڻ کان اڳ ئي زال جي لوڏ مان لِڪَ پئجي ويس تہ وري اڄ ڪا فرمائش يا ڪو ڪم پيو هوندس!

هُن جو گمان يقين ۾ بدلجڻ ۾ دير ئي نہ لڳي. اڌ ڪٽڪ جي ماني بہ نہ کاڌي هئائين جو جوٺمس ڪنهن ڪپڙي جي راڙَ اڳيان رکندي چيس، ’تيون ڏينهن بزار وئي هئس تہ ننڍڙيءَ جا ۽ پنهنجا بہ ڪپڙا وٺي آيس .... پر مُئي نياڳي دڪاندار الاءِ ميتر ڪِجڻ ۾ بي ايماني ڪئي، الاءِ منهنجو ئي ڀيُ وڏي ويو آ .... مُنو ميتر کُٽي پيو آ ....‘

جوهہَ وجهي جُوءِ ڏانهن ڏٺائين. ڪاوڙ تہ ڏاڍي چڙهيس پر ضبط ڪندي چيائينس، ’هزار ڀيرا سمجهايو آهي تہ ماني کائڻ مهل وينِي پِڪ ڇهڪ نہ ڪندي ڪر .... هن گهڙيءَ جي سُک لاءِ تہ سچو سچو ڏينهن لوڙيون پيا .... اُها بہ تون زهر ڪري ڇڏين ....!‘

جوٺمس جي مُنهن جو پَنو ئي لهي ويو. جيسين ڪجهہ اُڪليس، سامهون رڌڻي مان تئي تي ماني وجهندي سسٽس ڏانهنس ڪَرڙي اک سان ڏسندي دهمائيندي چيس، ’صبح صبح سان مرد ماڻهوءَ جي اڳُ نہ جهلبي آ، جنهن ڪم سان ويندو آ، اُهو بہ نہ ٿيندو تہ گهر وڃي ڪو نقصان بہ ڪٽندو ....‘

سُس ڏانهن هُن ڏنو اڻ ڏٺو ڪندي، مڙس کي ٽيڪر ڏني، ’امان! تون بہ ڪا وهمڻ آهين، ڏکيو ڪم، سٽائو مرد نہ ڪري تہ پوءِ مرد ڪهڙو مرد ٿيو!‘

جوٺمس جو جملو هانوَ ۾ ڪُپي ويس. ان ڪان اڳ جو ماءُ جي ورندي ٻُڌي، هن ماني ڇڏي هٿ ڌوئڻ لاءِ پرسان پيل پاڻيءَ جو گلاس ڪنيو. جوٺمس هن جي چهري ڏانهن ڏٺو، جيڪو آخري جملي ڪان پوءِ ڪجهہ ڪجهہ نريل پئي لڳو.

’پاڻ وڃي وٺي اچجانءِ! مان آفيس مان ٽڪيل .... ڪهڙو مُني ميتر لاءِ بزار پنڌ ڪيان!‘

ڪٽ تان اٿندي هن بوٽ جون ڪَهيون ناهيندي زال ڏانهن ڏسڻ ڪان سواءِ ئي ٺڏي لهجي ۾ چيو.

’ٽئين ڏينهن سئوٽ جي ٻُڪي آ .... بہ جوڙا پنهنجا تہ ننڍڙيءَ جا ڏار ناهٽا اٿم. بزار ويس تہ اڌ ڏينهن لڙي ويندو .... باقي ..!‘

ڪهيون ٻَڌي سڌو ٿي زال ڏانهن ڏٺائين، جيڪا چپ چاپ ايلاز نموني کيس ڏسي رهي هئي. هن ڪاوڙ کي ٺڏي ساهہ سان هٽائيندي زال جي هٿ مان ڪپڙي جي ليڙ وٺي سامهون واري کيسي ۾ وڌي.

در تائين ويندي جوٺمس پٺيان پڪاريس، ’وسارجانءِ نہ ... ضرور آڻجانءِ!‘

پاڻ ريلوي جو بڪنگ ڪلارڪ. هاڙهہ جا جوين ڏينهن. ماڻهن جي پيهہَ جا اُبتا سبتا سوال جواب. بجلي جي اچ وڃ. هن جي صبح نهيل صورت پاڻ کي ئي نہ وڻڻ لڳي. ازخود طبيعت ۾ بيزاري اچي ويس. خدا خدا ڪري سندس ديوٽي پوري ٿي تہ گهر ورڻ جي خيال سان ئي کيس زال جي ڏنل ڪپڙي ـ ليڙ ياد پئي ۽ ڪوهہَ پري بازار وڃڻ جي سوچ ....

هيڪر تہ دل صفا جواب ڏنس پر ٻئي گهڙي صبح جي ڪِر ڪِرِ ۽ نہ وٺي اچڻ جي صورت ۾ ٿيندڙ ڪُر ڪُر جو سوچيندي هُو ريلوي پليٽ فارم ڪان نڪري بازار ويندڙ سوزڪي ۾ چڙهي پيو.

هاڙهہ جي ساڙيندڙ هوا ۾ کيس پنهنجو پاڻ ئي نہ پئي وٽيو تہ وڏي شهر جي اڌ خالي بازار ۾ خريداري ڪندڙ کي چلڪٽا چهرا ڪٿي ٿا سندس ڏيان تي چڙهن!

کيسي مان ڪپڙي جي ليڙ ڪڍي هُو سامهون آيل ڪپڙي جي دڪانن جي لائين مان پهرئين دڪان تي سلام ڪندي چڙهيو.

سامهون گاديلي تي پاڻ پٺاريون وينل سيٺ کيس بي رخو سلام ورايو. سائيڊ ڪان خالي پيل ڪرسين تي وينل ٻن عورتن کي ڪپڙا ڏيکاريندڙ ڇوڪري هُن ڏانهن ڏسي، بنا سلام ورائڻ جي ڪراڙي مائيءَ سان آيل نوجوان ڇوڪريءَ کي سامهون سجايل رنگين ٿانن مان هڪڙو چلڪٽو ٿانُ، عجب بي نيازيءَ سان اُڪيلي ڏيکاريو.

هُن هڪ اڃاتري اک سان ٻنهي عورتن ڏانهن ڏٺو، جيڪي باوجود گهڻن تاڪين لهرائڻ جي اجا ڪو ڪپڙو پسند ڪري نہ سگهيون هيون!دڪان جي چانوَ، هلندڙ پکي ڪيس توري آسيس ڏني. هُو بہ سائيڊ ڪان پيل خالي ٻن ٽن مين اسٽُولن مان هڪ تي پاڻ هرتو ويهي رهيو. هن کي ائين وينل ڏسي سيٺ سڌو تي ويهندي سندس چهري ڏانهن نهاريو. پاڻ ڏانهن سيٺ کي متوجه ڏسي مُٺ ۾ بند ڪپڙي جي راڙ ظاهر ڪندي چيو، ’جناب! هي ڪپڙو ڪپندو آ ...‘

سيٺ متس اُڃاتري نظر وجهندي موتي گاديلي کي ٽيڪ ڏيندي چوڪري ڏانهن ڏسي چيو، ’منيرا! ادي کي ڏسُ!‘

چوڪرو منير عورتن کي اڌ ۾ ڇڏي تاڪين تان لانگ ورائي ڏانهنس آيو ۽ ڪپڙي جي ليڙ وٺي، هٿ سان جاچي ڪيس موتائي ڏيندي چيو، ’پائو! اهڙو ڪونهي ڪو ...!‘

هُن کي ڏچڪو تہ لڳو پر هُن اميد افزا نظرن سان ورائي سيٺ ڏانهن ڏٺو. جيڪو بي خيال هوندي بہ عورتن جي سس پس ڏانهن خيال ڪيون وينو هيو.

چوڪري هن جي چهري ۾ ڏسندي چيو، ’ٻيو چا کپي؟‘

’نہ ٻيو ڪجھ نہ گهرجي .... مهرباني.‘

ائين چوندي هو دڪان تان هيٺ لٿو. سامهون وارو دڪاندار جيڪو واندو وينو اخبار پڙهڻ سان گڏ سامهون واري دڪان تي وينل مائين ڏي بہ ڏسي رهيو هيو. هن کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏسي تورو نهي وينو. هن ڪپڙي ليڙ اڳيان آٽيندي چيو، ’پائو! هيءُ آهي؟‘

همراھ اخبار ڇڏي اُتي اچي ڪپڙي تڪرُ ورتس. ’گهٽو ڪَپئي؟‘

هُن خوشيءَ مان چيس، ’مُنو ميٽر .... ڪُتي پيو آ.‘

دڪاندار ڪپڙي تان سرسري نظر هٽائيندي ڏانهنس موٽائيندي وڏي اخلاق سان چيو، ’هيو تہ سهين پر ڪَپي ويو آ ... ٻہ ٽي ڏينهن ترسو .... متان اچي وڃي!‘

’ٻہ ٽي ڏينهن تہ نٿا ترسي سگهون. پلا ٻئي هنڌان ڪٿان ملي تہ ...‘

’ڏسو! سڄي بزار آهي! ڪنهن نہ ڪنهن وٽ هوندو!‘

هُو مهرباني مڃيندي ان دڪان تان لٿو. هٿ ۾ جهليل ڪپڙي راڙ ڏانهن چتائي ڏنائين، جيڪا ايڏي خاص بہ نہ لڳس.

ٽئين دڪان تي سلام ڪري چڙهيو ئي مس تہ هڪ اڌ وهي واري همراھ بنا سلام ورائڻ جي ڪيس چيو تہ ’اهڙو ڪونهي ڪو ادا ....!‘

هن کي حيرت ٿي تہ بنا ڏٺي ئي چيائين تہ ڪونهي ڪو!

چوٿون دڪان، پنجون، ڇهون، ستون، ڏهون، چوڏهون ....

’ادا! ڪونهي ڪو.‘ هڪ دڪان تي.

’ادا! ڏس تہ سهين .... ائين بنا ڏسڻ جي چوين ٿو تہ ڪونهي!‘

’مون کي منهنجي شئي جي خبر نہ ... مان سڄو ڏينهن هتي وينو آهيان، مون کي خبر نہ پوندي تہ توکي پوندي چا!؟‘

’گهٽو ڪَپئي پلا؟‘

’مُنو ميٽر.....‘

’بس ....!! ناهي.‘

’ڇو يارا ملي نٿوا؟‘
’ڪُتل شئي پائو، مشڪل سان ملندي آهي.‘

بازار جي هڪ گهٽيءَ کان ٻي گهٽيءَ ۾، قسمين قسمين رنگ ۽ نمونا. هر دڪان وٽ تقريبن وکر ئي پنهنجو. جدا جدا ريت سجاوت. ماڻهوءَ ماڻهوءَ جو پنهنجو رويو. ڪو ڪِلي ڳالهائي ته ڪو سُونهن وجهي وڙهڻ جهڙو ڳالهائي ته ڪوئي مورڳو ڳالهائي ئي ڪو نه! واهه رنگي جا رنگ ....!

’ان ۾ ٻيو نمونو اٿئوَ، اُهو ڇئو ته ڏيانوَ.‘ هڪ دڪاندار کيس آفر ڪئي.
’نه ادا! هي ڪُتي پيو آ، ٻيو ڪيئن لڳندس؟‘ هُن وراڻيو.
’سلوار جي اُبداڻن ۾ لڳندو ته ظاهر نه ٿيندو!‘ دڪاندار ٻڌايس.
’ڪُتل لاءِ ڪاٿان آهي؟ خبر ئي ناهي! وني وڃان .... ڪم نه اچي ته فائدو ڪهڙو؟‘
’پڇا ڪريو ته ڪٿان ڪُتل آهي ته ڳمٽ وڏائي ۾ ڪم اچي ويندو.‘
’توهان وٽ پاڻي آهي ته گلاس ته ڏجو.‘ هن ٿڪيل لهجي ۾ دڪاندار کي چيو. دڪاندار کيس ڏسندو اُٿيو. اندرين ڪولر مان پاڻي گلاس ڀري آڻي ڏنائينس. هڪ ساهي ۾ پي ويو. ٻي گلاس جي به اُڃ هيس پر دڪاندار جي بيرخي ڏسي نه ڇئي سگهيس.
’ڏسان! پڇا ڪريان ته ڪٿان ڪُتل آهي ته پوءِ اِهو ئي وٺان ٿو.‘ دڪاندار به جند ڇڏائڻ لاءِ کيس مرڪي ڏٺو.
هو لٿو ۽ بازار ۾ ٻين دڪانن ڏانهن ڏسڻ لڳو. ٻک به ڏاڍي لڳي هئس. زال تي چڙ به وڌندي پئي ويس.
’اڌ ميٽر ڪٽي مٿي نه پئي ورتائين، هڪ ته رنن لاءِ اسان وٺون تڏهن به وٽي ڪو نه .... جي پاڻ وني اچن ته اِهي حال ....! ڪڏهن ڪپڙو ڪتل ته ڪڏهن رنگ ٻوڙائڻ لئه رئو ڪنيون بيٺيون هونديون!‘
اڳ ۾ هيءُ به زال لاءِ پاڻ خريداري ڪري ايندو هو، پر جوٽهس ڪي ذري نه وٽي! نيٺ تنگ ٿي بازار وڃڻ جي موڪل ڏئي ڇڏيائينس. ڪجهه ڪجهه سڪون ٿيس نه ته وبني ننڍڙي ننڍڙي شئي مان به سوين جوئان ڪڍي! پاڻ به خفي کان ڇُٽي پيو. اڄ ئي الائي ڪيئن ترس کائي ڦاٿو هئو. هُن سمجهيو ته تڪڙو ئي ملي ويندو، هُن کي ڪهڙي خبر ته بازار ۾ ساٽس اهڙي جُٺ ٿيندي!
هيڏانهن هوڏانهن رلندي ريشم گليءَ جي آخري دڪانن تي پهتو هئو. تنگ ٿي سوچيائين ته ’هتان نه مليو ته موٽائي گهر ڏيندوسانس، پاڻ ئي وڃي وٺي ايندي!‘
اهو سوچيندي هڪ دڪان ڏانهن لڙي چڙهيو ئي مس ته ڪائونٽر تي وينل چهرو کيس ڇاتل سڃاتل لڳو. اڳلي جي چهري تي به هن کي ڏسي اڏوري مرڪ ڏيڏر وانگر ٽپنگ ٽپو ڏئي گم ٿي وئي.
’اڇو چانڊيا صاحب! اڄ اسان ڏانهن ڪئين ڀُلجي پيا آهيون!؟‘
هُن مرڪندي سڄو هٿ ساٽس ملائيندي ٻي هٿ ۾ اڌ لڪيل ڪپڙي ليڙ کي مڪمل لڪائيندي چيس، ’ڪهڙا حال آهن شاهه صاحب!‘
شاهه صاحب ترڇي نظر سان ٻي هٿ جي حرڪت ڏٺي اڻ ڏٺي ڪندي وراڻيس، ’مڙوئي مولا جون مهربانيون آهن! ..... توهان ٻڌايو؟ اڄ ڪئين پراڻن يارن جي ياد آئي!؟‘

’ائين ئي ڪجھ خريداري پئي ھلي، توھان تي ديد پئي تہ سوچيم سلام ڪندو ھلان!‘

’مھربانيون .... مھربانيون! چا ھلندو .... چانھہ، بوتل .... يا ٻيو ڪجھ ....!؟‘

’نہ ... نہ .... زحمت نہ ڪيو.‘

’ايئين ڪيئين ٿيندو ....؟ سالن کان پوءِ مليا آھيو .... ڪجھ تہ خدمت ڪرڻ ڏيو!‘

شاھہ صاحب ھن جو جواب ٻڌڻ بنا ئي سائيڊ کان بيٺل ڇوڪري کي چانھہ ڪٽي اچڻ لاءِ چيو. اوچتو دڪان تي اُھي ٻہ مايون چڙھيون، جيڪي ساڄھر ھڪ دڪان تي تان لھرائينديون ڏٺيون ھئائين. شاھہ ساٽس ٿوري جھٽ جي معذرت ڪندي اڌ پردي پنيان ويل ماين کي ڪيڪاري تاڪيا ڏيکارڻ لڳو. ھُن دڪان جي اندر اڌورو اڌورو اکين کي ڦيرايو، گھٽو ٽٽو زنانو وکر ئي پيو ھئو. ھُن ڪيڙي تکري جو سوچيو ۽ جلدي ۾ ئي شاھہ صاحب جي پراڻي حرڪت جي ياد ايندي ئي ڪپڙو نہ ڏيکارڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو.

شاھہ سان ماضيءَ ۾ سندس ويجھي دوستي ھئي. ڪاٺڻ، پيئڻ، گھمڻ ڦرڻ،گھاٽي واڌيءَ ۾ ھڪ ٻئي جي ڪم اچڻ .... جئين سڻن دوستن جا واسطا ھوندا آھن، تئين ئي ھئا!

ھُن جي شاديءَ جي ڪم ڪار ۾ بہ شاھہ وڏي چڙھي حصو ورتو پر شاديءَ جي ٽئين ڏينھن جڏھن دوستن خاص ڪري شاھہ ھُن جي ماني جھلي تہ شاھہ زور ڀريس تہ ’پنھنجي زال کي بہ وٺي اچي. اسان کيس مُنھن ڏيکائي ڏينداسي.‘

ھُن تہ ڀريون مذاق سمجھي، ڇو جو انھن يارن جا اھڙا بہ واسطا نہ ھئا. ٻاڻ پردي جا قائل ھئا. ٻيو تہ شاھہ جي طبيعت ٻين دوستن کان اُبتڙ، لوسي قسم جي ھئي. سامھون ايندڙ ويندڙ ھر ٻئي مائيءَ جي جسماني جُرٽ تي تبصري ڪرڻ ۾ دير ئي نہ ڪندو ھيو! شاھہ جي واھيات گيريءَ ڪري، سندس نظرن ۾ شاھہ ڪريل ڪريل پئي رھيو. مٿان وري سندس فرمائش ..؟ سو بہ سخت چاندين ٻروچن جي پرديداريءَ ۾... ڪُوڙو ئي نہ پئي لڳو.

ھُن سڌو انڪار ڪري ڇڏيو. ’آنءُ اھڙو رستو رکڻ نٿو چاھيان!‘

ھِيڏانھن دليل اُٿيا، ھُوڏانھن دليل اُٿيا. طعنا، مھٽا، ڪُندُ ذھنيت جا اگھاڙا حملا!

پر ھُوڏانھن بہ چاندبيو ٻروچ معنيٰ ضد جو پڪو ھيو. ’نہ ٿو رکڻ چاھيان تہ نہ رکندس.‘

’تنھنجي مائي تہ ڏسي رھبي .... تنھنجي دوستي ۽ غيرت بہ ڏٺي!‘ شاھہ جا جملا نہ ھا چڻ ھٿوڙا ھئا.

ڳالھہ ’تون تون، مين مين‘ تائين پھتي. پوءِ ڇا جي دوستي؟ ڇا جا ياراڻا؟ جو ذڪر نڪتو تہ جواب ۾ ھيءُ بہ آخري سلام اچلائي ھليو آيو.

’ٻيو ٻڌايو .... نوڪري ھلي ٿي يا ....؟‘ شاھہ ماين کي ڪاري ٿيلھيءَ ۾ ڪپڙو پيڪ ڪري ڏيندي ھُن کان پڇيو تہ چڻ ھي اڳين جھان مان موٽي آيو.

’ھا! ھا .... نوڪري نہ ھلندي تہ بزارن جا چڪر ڪيئين ڏبا؟‘ ھُن مرڪي وراڻيس.

ھُن شاھہ ڏانھن ڏٺو پئي، جيڪو ٻنھي ماين کي دڪان تان لھندي آخر تائين پويان ڏسي رھيو ھو.

’وقت ڪيئين پيو گذري؟‘ شاھہ ھُن کان نظرون چورائي سوال ڪيو.

’مولا جا قرب آھن! تون ٻڌاءِ ....‘ھُن شاھہ جي دڪان ۾ ھلڪي ديد وجھي پڇيو.

’سنو گذران آھي، چار پئسا بہ آھن تہ چار چھرا بہ .... وقت ڪٽجي ٿو وڃي!‘ شاھہ چيو.

’ھا! توکي ٻيو ڇا گھرجي؟‘ ھُو طنز ۾ شاھہ کي ڪجھ وڌيڪ چئي بہ وجھي ھا پر چانھہ ڪٽي آيل ڇوڪرو اڌ ڪوپ ۾ نڙي آلي ٿيڻ جيتري چانھہ ڏانھنس وڌائيندي چيو،’سائين چانھہ وٺو.‘

بک تي چانھ پيئڻ ھن کي قطعي ناھي وڻندي، مٿان وري ھاڙھ .... پر ٿوري چانھ چُڪي ڏسي ڪوپ ڏانھن ھٿ وڌائي چپن تائين آندائين.

’واجد واري سنگت جو احوال ڏيو؟‘ شاھ پڇيس تہ ھن کي گھٽو ڪجھ ياد آيو پر جلدي ۾ چيائين، ’ٻُڌو آھي تہ اسلام آباد ۾ ڪائي اين جي او کولي اٿائين!‘

’پوءِ تہ نٿَ ۾ ھوندو!؟‘ شاھ ’نٿَ‘ لفظ تي زور ڏيندي بازار جي گھٽيءَ مان گذرندڙ ٻن نوجوان ياگڙين فقيرياڻين ڏانھن ڏنو پئي.

ھن کي شاھ جي طبيعت منڊ ڪان نہ وڻندي ھئي پر اچ اوچتو سامھون پوڻ سبب ڪنڌ ڪڍائي نہ سگھيو. مٿان وري چتڪتائي بہ ھئُس تہ ڪجھ سکون جي خواھش بہ.

’نٿَ ۾ تہ تون بہ آھين! .... ھڪ نہ ٻيو ماڻھو پيو اچئہ....‘ ھُن شاھ جي وڻندڙ موضوع کي کوليو.

’شھر ۾ چا ڳوٺ ڳوٺ ۾ شاھ جو دڪان مشھور اٿئہ چريا!‘ شاھ چيو. ’توکان کھڙي لڪَ .... سنھي سنھي اوڌر تي بہ پيا مزا ماڻجن!‘

شاھ پنھنجن پيربل ڳٽن تي ھٿ ڦيريندي چيو.

ھُن دل ۾ واتوڙي شاھ کي اڻ ڳڻيون گاريون ڏنيون. شاھ پنھنجن نون معاشقن جا داستان کولي ويھي ھا پر ھيءُ دير ٿيڻ جو بھانو ڪري اُٿيو.

ڪپڙي جي ليڙ جيئن کيسي ۾ وڏي ھئائين، اٺين ئي پيل رھيس. وڏيڪ بازار بچي ئي نہ ھئي تہ ھي ڪنھن وٽ رُلائي ھا!

سڌو گھر آيو.

جوٺمس جو کيس خالي ھٿين، خراب موڊ سان گھر گھڙندي ڏٺو تہ منجيءَ تان اُٿي پاٽي بہ پري ڪو نہ ڏنائينس.

ليٽرين مان ٿي ھُن ڪپڙا بدلايا تہ جوٺمس ماني اڳيان رکيس. ان کان اڳ جو جوٺمس کو سوال ڪري ھُن پاسي واري کيسي مان ليڙ ڪڍندي چيس، ’سڄي بازار ڳولي .... ڪُتل ڪپڙو ڪير ڏيڻ لاءِ تيار نہ ھيو .... ھڪڙي چيو تہ ٿورو فرق اٿس .... مون چيومانس تہ پڇي پوءِ وٺي ويندس ....‘

جوٺمس چپ چاپ کيس ڏٺو پئي. ھاڙھ جي ڪري رحم آيس يا پوءِ مڙس جي ٻُوڪ ھجڻ تي شڪ پيس، پر ڪجي ڪجھ بہ نہ....

جتان ورتو اٿئي، اُتان پاڻ ئي وڃي سٽ پائي وٺي اچجانءِ!‘ ھُن چڻ فيصلو ٻڌائي پنھنجي جند آجي ڪئي.

جوٺمس پو بہ ڪجھ نہ ڪُڇي.

ھُو ماني ڪائي آھيلي پيو. منجھند جا بہ ڪلاڪ سوپو ھٽي اٿيو تہ ڏٺائين، جوٺمس سلائي مشين تي ويٺي ساڳيو ڪپڙو سِبي. حيران تہ ٿيو پر چپ رھيو. اُٿي منھن ڌوتائين. سلائي مشين تي ويٺل زال پرسان اچي اٺين ئي ڪپڙو ڏسڻ لڳو تہ جوٺمس پٽڪي، ’چنگچيءَ تي وڃي وٺي آيس .... توکان تہ سڌو رستو بہ ناھي ليندو ....!‘

’مون تہ گھٽو ئي ڳوليو، نہ ملندو تہ مان چا ڪندس!؟‘ ھُن زال کي ورائي وضاحت پيش ڪئي.

’پئسا بہ ايترا ڪو نہ ھئا .... تڏھن تہ توکي چيم ....‘ جوٺمس ڳالھايو پئي.

ھُن کي اوچتو خيال آيو تہ وٺي ڪٿان آئي؟

’پوءِ نيٺ ڪٿان مليو؟‘ ھُن اُڻ تڻ مارڻ لاءِ پڇيس.

’آخري ڪنڊ ۾ ناھي .... شاھ جو دڪان .... ويچارو ڪڏھن ڪڏھن سنھي اوڌر بہ ڪندو آھي .... مان تہ سدائين ان کان .....‘

هن کي لڳو ته هن زال جي پوئين جملي کي ٻڌو ئي نه .... هن کي لڳو ته شاهه ڪيس گروڙي بجو ڏنو پئي.

## آخري آسمان

**سعيد سومرو**

صبح کان ائين ئي بيڪار ڦري رهيو هيو. ٽاڪ منجهند اچي ٿي هئي، جنگهن مان ساهه ئي ڇڏائي ويو هئس. بک ۾ پاهه .... اُج .... گرميءَ جا جوين ڏينهن .... پوءِ به هي گهر موٽڻ لاءِ قطعي تيار نه ....

ڪهڙي مُنهن سان گهر وڃي؟ گهمڻ ڦرڻ کان لاچار پوڙهي ماءُ هئس، سا به هن مهل تائين هُن جي آسري بکي هوندي! پاڻ ڇورو ڇنو، نه ڏڻ، نه ڏٽي! وڃي ته وڃي ڪيڏانهن!؟

صبح گهران نڪرڻ ويلي، اکين ۾ جيڪا جوت ذري هئس، هوريان هوريان جهڪي ٿي وئي. ڪلهه رات ماءُ جي ٻڪي پيٽ هجڻ ڪري ننڊ نہ اچڻ تي سندس نازڪ ڪچڙو هانءُ اجا بہ ڪچو ٿي ويو هو. ان ئي وقت هُن سوچيو تہ ’صبح سان ڪٿي ڪنهن ڪم سان بيهندس تہ ٻہ ٽي روپيہ ملندا، بيو نہ تہ رُکي سُکي گذرندي پئي، ائين تہ ٻک تي ويلا نہ ڪٽبا ....‘

تيرنهن چوڏنهن ورهين جو، خالي کُوکي جهڙو، ڪهڙي تغاري کڻي سگهندو!

ننڍڙي اميد ....

ڪنهن دڪان يا گيريج تي بيهڻ جي ....

ماڻهس ڪٽ تان اٿندي صبح ڪيس دعائون ڏنيون. هن جي بہ ڪجهہ همت وڌي. گهران نڪرڻ بعد پريشاني ....

’بنا ڏيٺ ويٺ جي ڪو بہ ڪو نہ بيهاريندو آهي!‘

هڪڙي گهر ۾ ڪم ڪندڙ آفوءَ جي چيل ڳالهہ ياد پيس.

پوءِ بہ بازار ۾ هڪڙي وڏي دڪان تي چڙهي ويو. سندس ميرا ڪپڙا، اڻ ڌوتل منهن، هنڌان هنڌان ٽاڪيل چوپل ڏسي دڪاندار خيرات ڏنس ....

هٻڪي هٻڪي پنهنجي مطلب جي ڳالهہ ڪرڻ ڪان پوءِ ... چڙٻون.

ايلاز ڪرڻ تي ـــ ڪچيون گاريون .... ’چورا چورن جا ڦرا .... ٻن ٽن ڏينهن ڪان پوءِ دڪان ئي صفا ڪري وڃين .... ٽڪ لعنت تي! ... ٽرُ اکين ڪان .... صبح سان حرامين منهن چڙهياسين ...هلُ ڙي! .... ڏسين ڇا ٿو!؟‘

۽ هي اڇن ڪپڙن پاتل دڪاندار کي ڏسندو رهجي ويو. ڪجهہ ڪُڇي ئي نہ سگهيو. دل ۾ گاريون ڏيندو بازار ۾ ٻين دڪانن ڏانهن حسرت سان ڏسندو، گهمندو رهيو. ذهن ۾ ان دڪاندار جا لفظ گونجي رهيا هئس. ٻئي ڪنهن دڪان تي چڙهڻ جي سگهہ نہ ساري سگهيو.

اڌ شهر جي مٽي لتاڙي آيو.

’امان منهنجي انتظار ۾ هوندي .... اجهو ٿو اچي .... پئسا ڪنيون! ڪجهہ ڪائينداسين! .... پئسا ڇڻ ڊير تي پيا آهن!‘ هلي ٿو، سوچي ٿو. ’ڪيس ڪهڙي خبر .... هُن وانگي هُن جو پٽ بہ ٻُک تي آهي ...‘ ٻک جو احساس ٿئيس ٿو. ’هاڻ ماني ڪٿان ملندي؟ مسجد مان .... ها ... مسجد مان .... پر .... مسجد ۾ تہ مُلان هوندو! هڪڙي مانيءَ تي جيڪو خدا جي گهر ۾ گاريون ڏيندو آهي،سو مون کي ڪٿي ماني ڏيندو ....!‘

اوسي پاسي ڏسي ٿو، ٿڪل ٽٽل هڪڙي دڪيءَ تي ويهندي، جسم ۾ آرام لهندو پائني ٿو. پٽ کي ٽيڪ ڏئي، اکيون ٻوٽي ٿو ڇڏي.

’هي خدا پيو ....‘ سوچي ٿو. ’ڪهڙو خدا؟ مان تہ ڪيس نٿو سڃاڻان! هيترو اچي ٿيو آهيان، مون تہ ڪيس ڪٿي بہ ناهي ڏٺو! .... الاءِ ڦٽ پاٽ تي هوندو آ، الاءِ محلن ۾..... خبر ناهي! هاڻ ڪاٿان اچي وڃي تہ جيڪر ماني وٺانس! هُن وٽ تہ ڪوڙ ماني هوندي ....امان لاءِ بہ کڻي ويندس .... ويچاري ٻک تي هوندي! هونئن تہ ڪٿان اُوبر ڪائي، مون لاءِ بہ کڻي ايندي هئي .... پر اڄ تہ منهنجي آسري ٻُکي ويٺي هوندي ۽ مان هتي .....‘

چيلهہ تي هٿ رکي اُٿي ٿو.خالي رستي ڏانهن ڏسي ٿو. گهڻو اڳتي اکيون هيٺ ڪريون هلندو رهي ٿو. ڪجهہ سوائي گوڙ تي اکيون کنيائين تہ سامهون ڪنهن بزرگ جي درگاهہ نظر آيس. ٽڪ مان سندس هر عضوو رڙيون ڪري رهيو هو. ٻک ۽ اُڃ هُن جا لاهہ ڪڍي ڇڏيا ها. هُو اُڃ مٽائڻ جي خيال سان درگاهہ اندر گهڙيو. مٽڪا ڳوليندي نظر سامهون لڳل نلڪي تي پيس. پيٽ ۾ پاڻي پوڻ سان آنڊن احتجاج ڪري پنهنجي خالي هجڻ جو احساس ويتر وڌايس.

ٽاڪ منجهند هوندي بہ درگاهہ تي ميڙو متل هيو. هڪڙا ويا ٿي تہ ٻيا آيا پئي. فقيرن جون صدائن تي صدائون ڪنن پڄنس ٿيون. ’مولا جي نانوَ تي .... روپيو بابا! سائين پلو ڪندوَ .... ڏئي وڃ! سائين مُرادون پڄائيندوَ ....!‘

ماڻهو ڪين ڪجهہ ڏيندا ٿي ويا. چوڌاري سائي رنگ جي بهار لٿل هئي. در وٽ ويٺي هُن ٺنگون آهيليون.
’سائين انهن جون مرادون پوريون ڪيون .... منهنجون ڇو نہ ڪيون؟ ڪهڙي وڏي مُراد گهري هيم؟ ..... ٻن ويلن جي مانيءَ جو ئي تہ سوال آهي ....!‘
سوچي ٿو.’خدا اسان کي ڇاهي شايد وساري ڇڏيو .... ڪن کي ٻيٽ پيري ڏنائين تہ ڪنهن کي پيٽ ٻُڪيو رکيائين ....عجيب دستور ڇاهيائين ... سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ....‘
آنڊن ۾ گوڙ هوندي بہ ساڻاٽپ ڪري، ننڍ جون پريون اُڏائي ڪٽي ويس، ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ ڏانهن. وايو منڊل کان لاپرواهہ، ٻي ڊنگو سمهي پيو.
سج جي تپش تي اکيون کُلنس ٿيون.سڄو پگهر ۾ شلُ هيو. اڳيان روپئي ۽ ٻي روپئي جا سڪا وکريا پيا هئس. هيڏانهن هُوڏانهن ڏسندي سڀ ڪٽي ورتائين.
ڳڻيائين. دل ۾گد گد ٿيو.
ڊوڙ پاتائين سامهون هُوڪو ڏيندڙ پڪوڙن واري ڏانهن.
پيٽ ڀريو. ڪائنات نئين نئين لڳس.
ماڻهو کيس فقير سمجهي خيرات ڏئي ويا هئا. هاڻ هُن کي ٻئي در تڪڻو نہ پوندو، ڇو جو کيس روزگار ملي ويو هيو.
هو هوريان هوريان بزرگ جي مزار جي در تي اُوڪڙو ويهي صدا ڏيڻ لڳو.
’الله جي نالي ..... روپيو ڏئي وڃو بابا! سائين مرادون پڄائيندوَ.... مولا وڏائيندوَ....‘

(31_02_1995)

## پُري ويل پرم جو درد

### سعيد سومرو

ٽاڪ منجهند پنهنجي جوانيءَ جي عروج تي هئي.ڇانوَ ۾ پَکن هيٺان بہ پگهر ڪپڙن سان چنبڙيل هيو. خالي رستن تي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو پنهنجن پنهنجن ڇانورن سان ملڻ لاءِ ڪي ٽڪڙا تہ ڪي ڍلا وڃي رهيا هئا. انهن ۾ سترنهن ارڙنهن سالن جو ڀُيرو ڇوڪرو، هڪڙي ٽنگ کان معذور ـــــ مايوسيءَ ۽ پيڙا ۾ ويڙهيل. ننڍڙي گاڏي تي پاڻ سان گڏ ٻاراٽين شيئن جي هٽ گهليندو، روڊ جي ڇانوَ وارن پاسن کان هوريان هوريان گهر جا پيرا ڪنيون پئي ويو.
’پيءُ ماءُ سان گڏ ٻارن کي بہ مري وڃڻ گهرجي.‘ خاموش هلندي هُن سوچيو.
’يتيمي بہ جهنم جي عذاب جي پيڻ آهي .... هر لمحي سَڪڻ، سڙڻ، ٿورڙي ڏيان لاءِ .... پيار لاءِ .... ابي امڙ جي وجود بنا گهر قبرستان ٿي پوندو آ ....ٻُک ۽ نياپ، رُولو ڪُتن وانگي پيا ڦرندا آهن ....!‘
پَرِسال تغاريءَ جو ڪم ڪندي، ڏاڪڻ تان پير ٿڙي وڃڻ سبب مٿان کان بولاٽيون کائيندي هُن هيٺ ڦهڪو ڪيو. بيهوشيءَ جي طويل سفر کان پوءِ ڪبي ٽنگ اڌ کان خالي ڏسي هُن جي اکين ۾ ڪو لڙڪ لڙي نہ آيو هيو. پيءُ ماءُ جي اوچتي حادثي ۾ مرڻ کان پوءِ هُن ايترا تہ درد سَنا هئا جو هاڻ مشڪل سان ڪو الميو کيس روئاري.
هڪ هٽ سان زمين تي زور ڏئي گاڏِي کي اڳتي ريڙهيندي کيس ٽنگ ۾ سور جون سَتون اُپرنديون لهنديون محسوس پئي ٿيون. صبح جو ٻاراٽي اسڪول اڳيان شيون وڪڻيندي بہ هُن سور محسوس ڪيو هيو پر ڪَن لاٿار ڪري شيون کپائيندو رهيو. هوريان هوريان سور وڌي ويس تہ مجبورن شيئن جي هٽ ويڙهي گهر ڏانهن موٽيو پئي.
’رشتا ناتا، ويجها مائٽ، سڀ رتُ پيئندڙ جانور آهن، وحشي نسل جو ٻيو نانءُ هِي ....!‘

هُن من ۾ متل مانڌاڻ کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ سوچيو. اڄ عجيب غريب سوچون سندس ذهن کي وڪوڙي ويون هيون. ’شيطان جا غلام، ڪنهن کي مصيبت ۾ ڏسي منهن ڦيرڻ ۾ دير ئي ناهن ڪندا ....!‘

سوچن ۾ ترندو بس اسٽاپ تي اچي پهتو هيو. يوٽيلٽي اسٽور تي ڪجهه ماڻهن جي قطار ـــ ٽاور جي چانوَ ۾ بيٺل ريڙهين وارن جا هُوڪا ـــ گاڏيون سٽيل هوندي به ڪنڊيڪٽرن جون رڙيون ـــ ماڻهو ماڻهوءَ جي منهن تي پريشاني، پگهر، بيزاري ـــــ هُن جي اندر به مهاڀارت!

پيٽرول پمپ سامهون، مسافر خاني ۾ اُس کان بچڻ لاءِ سوايا مسافر ماڻهو ڏسي هي به اُن ڏانهن وڌيو. جڏو جيءُ، ٽريفڪ، حادثي جو خوف. ڊڄندو ڪينجهندو، مسافر خاني جي خالي ڪُنڊ ۾ جائتو ٿيو وڃي. پنهنجي زخم کي هوريان هوريان هٿ لائي سور سمهارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو.ڊاڪٽرن ڪيس آرام ڪرڻ لاءِ چيو هيو پر غربت جو پيٽ ڪٿي ٿو آرام ڪرائي!

’بدنصيبيءَ کي به پنهنجو ئي پاڳ پيلٽو هو شايد ....!‘ سوچ جا ڪڪر مڙي ٿا اچنس. ’جوان پيٺ، ننڍي پاءُ جو آنءُ اڪيلو سهارو! سهارو به .... چڻ نالي ۾....زيني پيٺ تي چوي ته مان به نوڪري ڪيان! سو به هن بگهڙن جي واڙي ۾ ....! مان اجا مُئو ناهيان، پنهنجي رَتُ نيلام ڪري به پاءُ پيڻ جو پيٽ پاليندم ....‘

مسافر خاني ۾ ويٺل ماڻهن جي چهرن تي گرميءَ کان نفرت اُپري لهي رهي هئي. عورتن جي مُنهن تان نقاب هٽيل ـــ وڏا ٻار رونشي ته ننڍا روئڻ ۾ ـــ ڪن کي هٿ ۾ ونجڻا، ڪي ماڻهو پنهنجن ڪپڙن جي اڳين پاند سان هوا ۾ هلچل آڻي رهيا هئا. هن به پاسي ۾ پيل گنل پانو ڪڍي ورتو هيو، جنهن سان پگهر سُڪائيندي سوچ ۾ به ٻڏو ٻڏو پئي ويو.

’چاچو وزير هيو ته بابي جو دوست، پر جڏهن چاچا به چاچا نه رهيا ته چاچي وزير ئي وڏو سهارو ڏنو. جئين ونجڻو پگهر سُڪائڻ ۾ مدد ڪري ٿو، تئين چاچي به زخم مَٽائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آ .... واهه جو ماڻهو آهي، اهڙن وارن هوندي به جوان پيو لڳندو ... ان جي اها ٽيڪ نه هجيم ها ته شايد هي حال به نه هجي ها .... چاچو وزير فرشتن مثل آهي. ڪم وٺرائي ڏنائين .... بيماريءَ ۾ علاج ڪرايائين، معذور ڏسي سامان وني ڏنائين .... ادي زينت، شبن جو ڪيڏو نه خيال ٿو رکي! اهڙا ماڻهو دنيا ۾ گهٽ هوندا آهن، احسان به ڪن ۽ جتائن به نه ... آنءُ هن جا هڙئي ٿورا لاهيندس ..... پر مان ڇا سندس ٿورا لاهيندس؟ سو به اهڙي افعالي ....!؟‘

مسافر خاني ٻاهران ڪنهن بس اچي بريڪ هنئي ته هن جي سوچن کي به بريڪ لڳي وئي. ڪجهه مسافر مسافر خاني جي چانوَ ڇڏي پنهنجي منزل ڏانهن وڌيا. هن جي ٽنگ جو درد لهڻ بدران وڌڻ شروع ٿي ويو هيو. هن به هوريان هوريان گهر جي منزل ڏانهن وڃڻ بهتر سمجهيو ۽ زور ڏئي گاڏڙي کي اڳتي ڌڪيو.

’مان گهر .... گهر ٿو وڃان!؟‘ هُن چڙ مان گهر ڏانهن ويندڙ سڙڪ ڏانهن گهوريندي سوچيو. ’اُن گهر ٿو وڃان، جنهن جي ڇئن مهينن جو ڪرايو به چاچي وزير ڀريو آهي! ڪرائي جو گهرُ! پريشانيون، ذلالتون، مجبوريون، خوفناڪ حادثا، نراس ۾ ٻڏيل ڊائلاگ ..... الاءِ ته ڇا ڇا خدا وجهي ڇڏيو آ .... اسان غريبن جي ڪهاڻيءَ ۾....!‘

ڪچي رستي ۾ ڪڏا کُپا هجڻ ڪري هُن کي گاڏڙو ڇڪڻ ۾ تڪليف پئي ٿي. مٿان درد جو ڏکو دورو، جيڪو بيٺ تائين وڃي پڳو هيو.

هُو سج لٿي جي آذان سان گهر اچي پڄندو هيو. پيڻ ماني پچائڻ ڇڏي، هن جي هنج ۾ پيل هڙ ڪڍي ڪٽن جي رلهين پرسان پاسائتي رکندي هئي ۽ هُو هوريان هوريان گاڏڙو ڇڏي کٽ تي چڙهندو هيو. پهريون پيرو سور اُٿلڻ سبب ساڄهري ئي گهر وڃي رهيو هيو.

’چاچي وزير ڪي چيو اٿم، ڪو سٺو رشتو ڏسي ’ها‘ ڪري، پيڻ تہ وداع ٿئي، پوءِ ڪٿن اسان جا پاڳ .... جهڙا تهڙا پيا جهان سان مُنهن ڏيندا سين ...‘

هُن هڪڙي گهر جي چانوَ ۾ هلندي سوچيو.

’نياڻيون وڏو بارُ آهن. روز بہ روز زمانو ويتر خراب .... آنءُ جڏو! پاءُ ننڍو .... پڪل سنگن تي پکين جا بہ ميڙ مچن .... ڪٿي .....؟ نہ .... نہ .... مون ڪي ائين نہ سوچڻ گهرجي .... مون ڪي پنهنجي پيڻ تي پروسو آهي.‘

هُو الجهندو سلجهندو پنهنجي در آڏو پهتو هيو، جيڪو اندران بند هيو. هڪڙي ڪمري تي مشتمل ننڍڙو گهر ماٺار ۾ ويڙهيل هيو. هُن سمجهيو تہ زينت ۽ شبن متان سمهي پيا هجن، ان ڪري ماٺ ۾ هٿ ٽپائي اندران ڪڙو لاهي هوريان هوريان در جا تاڪ پاسي ڪري، گاڏڙي ڪي هميشہ وانگي ڪجهہ متي ڪري اندر گهڙيو.

رڌڻي جي چلهہ ٺري چڪي هئي. اگهڻ تي پيل بہ خالي ڪٽولا، رڌڻي جي پر ۾، ڪمري جي در جا تاڪ پاڻ ۾ پاڪر وجهون بيٺا هئا. ’ايڏي ننڊ اٿن چا!‘

هوُ انهن جي ننڊ جو خيال ڪندي بنا ڪڙڪي جي ماٺ ميٺ ۾ هڙ رڌڻي جي پٽ پرسان رکي پاڻ گاڏڙي تان لهي رڙهندو ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳو.

هوريان هوريان ڪمري جي در جا تاڪ جدا ڪيائين تہ اندريون منظر ڏسي، اڌ ڪمري اندر تہ اڌ ڪمري کان ٻاهر ئي رهجي ويو.

کٽ تي چاچو وزير ۽ زينت بنا ڪپڙن جي .....

هُن جي مٿان سڄو ڪمرو ڪري پيو. تاڪ کُلڻ تي ٻنهي چرڪ پري هن ڏانهن ڏٺو. هُن جي ٽنگ سان ڳنڍ دل ۾ شديد سور جي ست اڀري ۽ سندس اکيون درد کان ٻُوٽجي ويون.

# ڪنول پبليڪيشن قنبر جا ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| درد جي باک ———— | سعيد سومرو | 50 روپيه | شاعري |
| روپ ۽ مايا پريت ۽ مايا ——— | جاويد شبير | (ختم) | |
| سپني ۾ سنسار ———— | سرتاج جاگيراڻي | 50 روپيه | شاعري |
| شهر شهر زخمي ———— | زخمي چانڊيو | 100 روپيه | شاعري |
| چانڊني تو سوا نہ ٽيندي ——— | مسرور پيرزادو | | (ختم) |
| گلابن جو ڪفن ———— | ايوب کوسو | | (ختم) |
| اکر اکر سرهاڻ ——— | ڊاڪٽر ذولفقار سيال | 15 روپيه | (ٻاراڻي شاعري) |
| مان ڪائنات آهيان ———— | اخلاق انصاري | | (ختم) |
| ديوارن جي دنيا پويان —— | ايوب کوسو | | (ختم) |
| ٽڏا رستا ———————— | وشال | | (ختم) |
| اجرا ڳوڙها ميرا گل ——— | وفا حاڪم وساڻ | 50 روپيه | شاعري |
| چنڊ - چميون ———— | قاسم راهي | 50 روپيه | شاعري |
| تون مان ۽ خدا ——— | ساجد سنڌي | | ختم |
| شاعري تنهنجو بدن ———— | رضا بخاري | | ختم |
| سانت جو آواز ———— | حبدار سولنگي | 60 روپيه | شاعري |
| توکي چاهيو سي ———— | جواد جعفري | 50 روپيه | (ختم) |
| خاڪ ۾ گل ———— | ضمير ڪرل | | ختم |
| موکي ———— | امر لغاري | 60 روپيه | ناول |
| 32 ———— | انور ڪليم | | ختم |
| باک ڦٽيءَ جا گيت ——— | سليم چانڊيو | 80 روپيه | شاعري |
| خالي رستا ———— | نياز ملاح | | ختم |
| سچ جا پاڇا ———— | ملڪ آگاڻي | 100 روپيه | ناول |
| هوا جا نيڻ ———— | ناشاد رحم علي | 50 روپيه | شاعري |
| چنڊُ نيڻن ۾ ———— | وفا حاڪم وساڻ | 50 روپيه | شاعري |
| يونيورسٽيءَ ۾ گم ٿيل خواب — | عبدالرافع شيخ | 40 روپيه | ناول |
| چنڊ پيرن هيٺ ——— | غلام عباس ڪوريجو | 40 روپيه | ڪهاڻيون |
| خواب - چارا ———— | سعيد ميمڻ | 50 روپيه | شاعري |
| سرهائي جي سوڀ — | برٽرينڊرسل/غلام علي چنه | 80 روپيه | نفسيات |
| حسرتون رهجي ويون ——— | سيف مگسي | 50 روپيه | شاعري |
| ساوڻَ پهرين بوندَ ——— | سرمد چانڊيو | 80 روپيه | شاعري |
| دعا مان ڪريل لفظ ——— | سعيد سومرو | 50 روپيه | شاعراڻو نثر |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ماسٽر مائينڊ م۔ا۔ج | غلام علي چنه | 50 روپيه | تحقيق شبنمي بوندون | مولا |
| بخش چانڊيو | | 100 روپيه | هائيڪا | |
| مان، متيءَ جو راڳ | پنهل | 50 روپيه | | شاعري |
| خيال - اڏارون | نثار احمد پناڻ | | | ختم |
| پن ڇڻ جي وڇوڙي ۾ | فتاح ابڙو | 50 روپيه | | ڪهاڻيون |
| هوا جي بانسري | رضا بخاري | 50 روپيه | | شاعري |
| ڏاڍو ساريندين | زخمي چانڊيو | 50 روپيه | | شاعري |
| احساس ختم ٿي ويو | عاجز عاشق تنيو | 50 روپيه | | شاعري |

## اسٽاڪسٽ

| | |
|---|---|
| رابيل ڪتاب گهر ۔ لاڙڪاڻو | سچل بڪ سينٽر ـــ حيدرآباد |
| فڪشن هائوس ـــ حيدرآباد | بڪ ورلڊ ـــ لاڙڪاڻو |
| ڪانڍياڙا اسٽور اردو بازار ۔ ڪراچي | سنڌ بڪ ڪلب ـ نوابشاهه |
| عزيز ڪتاب گهر ـ سکر | انور بڪ سٽور ۔ ميرپور ساڪرو |
| تحسين بڪ اسٽور ـ خيرپور | المهراڻ ڪتاب گهر ـ سانگهڙ |
| گل ڪتاب گهر ـــ شڪارپور | ڪامريڊ بڪ اسٽال ـــ ڄامشورو |

رابطي لاءِ: سعيد سومرو ڪنول پبليڪيشن قنبر پوسٽ آفيس قنبر لاڙڪاڻو